Tha

PUSHP JA MOTI

پشپ جا موتي

اڄ اچو تہ اسين سڀ گڏجي پرڀوءَ در تي پرارٿنا ڪريون تہ اسان جي دلين اندر نئين جوت، سک ۽ پريم جي جلائي، جئين اسانجون دليون نرمل ٿين. نوان اُمنگہ جاڳن، دکہ دويش، حسد وير سار نہ رهي. سکہ سمپتي وڌي، ڀنڊارا ڀرپور رهن. دکہ سکہ ۾ اسين سڀ هڪ ٻئي جا ساٿي بڻجي رهون. ڪنهن جو بہ برو نہ چاهيون. هرڪو وڌندو رهي. سدائين خوش هجي. ان ۾ ئي پنهنجي خوشي سمجهون ۽ آنند ماڻيون.

سنڌي پڙهون. سنڌيءَ ۾ ڳالهيون. پاڻ کي سنڌي سڏائڻ ۾ فخر وٺون.

ڀڳوان سي. ٿڌاڻي "پشپ"

75

پشپ جا موتي

PUSHP JA MOTI

By :
Bhagwan C. Thadhani ''Pushp''
364, Shahani Colony,
Rishi Dayaram Gidumal Society,
Mulund East, Bombay-400081

(هميشھ گلن وانگر ٽڙندا رهون. هيءَ سچو سنسار آهي بڻايل پريوءَ جو سهڻو سندر باغ ۾ اسين آهيون اُن باغ جا خوشبوءِ ڏيندڙ گلابي گل. ائين سمجھون ۽ ان موجب عمل ڪريون تہ ٻيڙا ئي پار ٿي ويندا.)

ڀڳوان سي. ٿڌاڻي "پشپ"

هري اوم — جئہ جھوليلعل

پشپ : چاليهون — ۵ آڪٽوبر ۲۰۰۱

دادا آر جي آڏواڻيءَ جي ياد ۾ ۸۸ جنم ڏن جي ڀيٽ

شري ڀڳوان سي. ٿڌاڻي 'پشپ'
جا ٺڙيل گل ڦل ڪتابن جي روپ ۾

(١) ١٩٦٦ سماج جي صورت
(٢) ١٩٦٧ سماج جي تصوير
(٣) ١٩٦٨ سماجڪ پشپ
(٤) ١٩٦٩ هيءُ به آزمائي ڏسو
(٥) ١٩٧٠ اچو ته ويچار ڪريون
(٦) ١٩٧١ اسان جي سماجڪ جيون
(٧) ١٩٧٢ هيرا موتي
(٨) ١٩٧٣ شهنشاهه درويش بابا
نيڀراج صاحب سنتي ءِ هنديءَ ۾
(٩) ١٩٧٤ جيون سفر
(١٠) ١٩٧٥ توهان کي خبر آهي؟
(١١) ١٩٧٥ سکي جيون
(١٢) ١٩٧٦ ڪسوٽي
(١٣) ١٩٧٧ فرض نڀاءِ مرض مٽاءِ
(١٤) ١٩٧٩ روح رهاڻ
(١٥) ١٩٨٢ گنگا گيان
(١٦) ١٩٨٤ سندر سکيائون
(١٧) ١٩٨٩ ماڻڪ موتي
(١٨) ١٩٨٩ ملهائتا ماڻڪ
(١٩) ١٩٩٠ ڏک ڪيئن دور ڪريون؟
(٢٠) ١٩٩١ سک ڪيئن قائم رکون؟
(٢١) ١٩٩١ جيون ساٿي
(٢٢) ١٩٩٢ صحت لاءِ سوکڙيون
(٢٣) ١٩٩٢ صحت ساٿي
(٢٤) ١٩٩٢ نرمل ويچار
(٢٥) ١٩٩٣ صحتي گلدستو
(٢٦) ١٩٩٣ تنهنجا منهنجا آزمودا
(٢٧) ١٩٩٤ پريم پشپ ۽ سچل
سائين جا ڪلام
(٢٨) ١٩٩٤ ساٿي ۽ سينگار
(٢٩) ١٩٩٤ من جا موتي
(٣٠) ١٩٩٥ اندر جو آواز
(٣١) ١٩٩٥ مهراڻ جا موتي
(٣٢) ١٩٩٦ سک جا موتي
(٣٣) ١٩٩٦ هيٺن جو همراهه
(٣٤) ١٩٩٦ گل ۽ مکڙيون ۽
ڪلام سچل سائينءَ جا
(٣٥) ١٩٩٧ گل گلاب جا
(٣٦) ١٩٩٨ نشڪام ڪرم ڪريون
(٣٧) ١٩٩٨ صحت ڪيئن قائم رکون!
(٣٨) ١٩٩٩ گل ڦل
(٣٩) ٢٠٠١ خوشبوءِ ڦهلايون
(٤٠) ٢٠٠١ پشپ جا موتي

ڪتاب ملڻ جا هنڌ:-

١٥٧ ۽ ٣٦٤ شهاڻي ڪالوني، ملند ايسٽ،
ممبئي - ٤٠٠٠٨١ فون نمبر:- 5650695 & 5650660

جگديش بوڪ ڊيپو
٥٧، چياني بزار، سنڌو نگر - ٤٢١٠٠٢. فون:- 700455

١-پشپ وٽان ٻه اکر

هن کان اڳ ۾ هڪ ڪتاب " خوشبوءِ ڦهلايون " ياءُ وشنوءَ سي ٽنڌاڻيءَ جي مالي سهڪار سان دادا آر جي آڏواڻيءَ جي ياد ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو اٿم.

هاڻي هي ٻيو ڪتاب " پشپ جا موتي "، ديال ڪي هرجاڻي چئريٽيبل ٽرسٽ جي مالي مدد سان دادا آر جي آڏواڻيءَ جي ياد ۾ ڇپائي توهان اڳيان رکي رهيو آهيان.

مان چاهيان ٿو ته جئن دادا آر جي آڏواڻي ڪجهه ڪتاب پنهنجي مٽن مائٽن ۽ يارن دوستن جي ياد ۾ ڇپائي سنڌي ساهتيه کي مالا مال ڪندو رهندو هو تئن هينئر به هيءُ ٽرسٽ دادا جو نالو تازي رکڻ لاءِ سندس ياد ۾ ڪجهه ڪتاب ڇپائي سنڌي ساهتيه جو خزانو ڀريندو رهي.

ڀل ڪي ماڻهو ائين به پيا چون ته سنڌي ڪير ٿو پڙهي؟ پر اها اسان جي ٻولي قائم دائم رهندي. پنجاهه سالن کان به مٿي ٿي ويو آهي ته به اڃان ڦلي ڦولجي رهي آهي. پنجاهه ٻين سالن ڪانپوءِ به امر رهندي ايندي. اهڙي پڪ آهي.

دادا آر جي آڏواڻيءَ کي-سنڌي ٻولي ۽ سنسڪرتيءَ جو ڏاڍو اونو هوندو هو. هو چاهيندو هو ته اسين سڀ پنهنجي ٻولي چڱيءَ طرح لکي پڙهي ۽ ڳالهائي آنند وٺندا رهون. ان لاءِ هو گهڻن ئي ليکڪن کي مالي مدد ڏيندو رهندو هو. ڪتاب خريد ڪري مفت ۾ ورهائيندو هو. ايتري قدر جو ڪن کي هڪ هڪ لک روپين جو انعام به ڏنائين.

چوڏاري ٻوليءَ کي بچائڻ لاءِ گهڻيئي ليڪچر ۽ يتن ڪيا پيا وڃن پر سڀ سڪتا آهن. عملي روپ ۾ ڪو به ڪم ڪونه ٿي رهيو آهي. شايد ٿي به ڪونه سگهندو. ڇو جو هرڪو ڪم ڪندڙ پنهنجي ڪم ڪارين ۾ مشغول آهي. ايترو وقت ته ڪنهن کي به ڪونه آهي. دادا جشن واسواڻيءَ ۽ دادا امر به ان ڪم کي هٿ ۾ کنيو آهي. هر وقت پرچار ڪري ڪلاس به کولي رهيا آهن.

فهرست

١-پشپ وٽان ٻه اکر ٣

٢-پشپ جا موتي ٥

٣- جيڪي سوچبو اهو ئي ٿيندو ! ٦٧

٤- اڄ جو ڏينهن اسانجو آهي ٧٠

٥- پنهنجي ويچارن کي ٺيڪ رکون ٧٢

٦- مقدمي جو فيصلو ٧٥

٧-جهڳڙو نه ڪري آنند ماڻيون ! ٨١

٨- سيني کي پنهنجو بڻايون ! ٨٨

٩- مشڪلاتن جو مزو ماڻيون ٩٢

١٠- بي پرواهيءَ جي عادت ڇڏيون ٩٥

١١- جن سان رهڻ ڏکيو آهي ٩٩

١٢- پاڻ کان پڇون ١٠٥

١٣- پئسو پنهنجو هجي ! ١٠٨

١٤- شيوا ڪريون ! ١١٢

١٥- پنهنجي زبان مٿي رکون ! ١١٦

١٦- ڪاميابيءَ جي ڪنجي ١٢٠

پشپ جا موتي

اڄ اسين سڀ چاهيون ٿا تہ اسان جي جيون سک ۽ شانتيءَ سان گذري، ڪابہ تڪليف نہ ملي. گهر ۾ موج مستي هجي. ان لاءِ ضروري آهي تہ اسين پاڻ کي پهرين ان جي لائق بڻايون. پنهنجي دل اندر سڀني لاءِ پيار ۽ همدردي ڌاريون. ڪنهن سان بہ تکو ۽ تڪڙو نہ ڳالهيون. ڪنهن سان بہ وير وروڌ نہ رکون. من کي برن ويچارن کان بچائي پاڻ تي ظابطو رکون. ڪنهن جي بہ دل کي صدمو نہ پهچايون. هر هڪ ۾ پريوءَ جو روپ پسون. سڀني کي عزت ڏيئي انهن جو سنمان ڪريون. ائين ڪرڻ سان اسان جي اندر مان وڪار دور ٿي ويندا ۽ سکي جيون ماڻي سگهنداسين.

١

انڪري ضروري آهي تہ اسين پنهنجي ويچارن ۾ وهنوار ۾ ڦيرڦار آڻيون. هرروز صبوح جو اُٿي پريو کي پرڻام ڪري هڪ سٺو ويچار دل ۾ ڪٽون ۽ ان تي تورو ويچار ڪريون. پوءِ ان ويچار کي پنهنجي جيون ۾ عملي روپ ڏيون.

چوٽي آهي تہ انسان تہ نمرتا جيڪو نمرتا سان هلي ٿو. سٺو، مٺو وهنوار سڀني سان ڪري ٿو اهوئي انسان سڏائڻ جي لائق آهي اهڙيءَ طرح سٺا ڪاريہ ڪندو رهڻ کي سکي جيون چئجي ٿو.

اهڙا ڪي ويچار هيٺ ڏنا ويا آهن جي اسين هرروز هڪ ويچار ڪٽي ان کي دل سان پڙهي، تورو ڌيان ڏينداسين تہ اسانکي سٺو سڌو رستوملي ويندو ۽ اسان جي جيون ۾ بہ نئون ڦيرڦار اچي ويندو. پوءِ تہ اسان کي هر وقت آنند پيو ملندو رهندو، ڪابہ مشڪلات ايندي تہ پريو اسانکي پار پهچائيندو رهندو.

هاڻي جي سچ پاچ ٻوليءَ کي قائم رکڻو ۽ ٻاچائڻو آهي تہ کي نسوارٿي سچا ڪم ڪندڙ نڪري نروار ٿين جي دل و جان سان ان ڪم کي جنبي وڃن. جيستوڻيڪ پنجاهہ سالن کان مٿي عرصو گذري چڪو آهي. ڪم مشڪل ٿو لڳي. ان کي ڇڏي هاڻي اسين پنهنجا حق پيا گهرون. ان کان تہ بهتر آهي تہ اسين سڀ يڪمشت ٿي ڪو ٺوس ڪاريہ ڪري پنهنجي سنڌي قوم کي مٿي چاڙهيون. ٻين جي خوشامند ڪري پنهنجا سوارٿ سڌ نہ ڪريون. پاڻ ۾ وير وروڌ وساري هڪ ٻئي کي ساٿ ڏيئي مٿي چاڙهيون ۽ سڪ جو ساهہ کڻون. پوءِ تہ سڀ ڪجهہ سولو ٿي پوندو.

ڀاءُ ديال هرجاڻي دادا آڏواڻيءَ جو سٺو دوست آهي. هن ڀاءُ بہ دادا جيان مسڪينن جو مٽر بڻجي پنهنجو ٽرسٽ کوليو آهي ان سان گهرجائن کي مدد ڪري سندن آسيسون پيو وٺي. ايشور در پرارٿنا آهي تہ هو ڪيس سٺي صحت ۽ وڏي آورجا بخشي جئن سنڌي سماج جي ڪلياڻ لاءِ شيوا ڪاريہ ڪندو رهي.

هن ڪتاب لکڻ ۾ منهنجي ڌرمپتنيءَ سنيتاديويءَ بہ ساٿ ڏنو آهي. هو هر روز ڪيترين ڌرمي ڪٿائون ۽ ويچار پنهنجي آزمودي مان مونکي ٻڌائيندي آهي ۽ نئين ڪتاب لکڻ ۾ بہ اُتساهہ ڏياريندي رهندي آهي. هن گهڻنئي شاسترن جو ابياس ڪيو آهي، گيانو ان ۽ ڌرماتما استري آهي. سندس شڪر گذار آهيان.

مان شڪرگذار آهيان ڀاءُ ديال هرجاڻيءَ ۽ ڀيڻ وينا هرجاڻيءَ جو جن مونکي هن ڪتاب ڇپائڻ ۾ مالي مدد ڏيئي اُتساهہ ڏياريو آهي ۽ دادا جي ياد قائم رکي آهي. مان چاهيان ٿو تہ منهنجا پيا ڪتاب جي لکيل رکيا آهن انهن لاءِ بہ ڪو پيارو نڪري اچي جو مونکي ڪنهن جي ياد ۾ اُنهن کي ڇپائڻ لاءِ پريس جو بل ڀري پار پهچائي.

دادا امر ۽ ڀاءُ جيوت پرياڻيءَ جو بہ شڪر گذار آهيان جو مونکي هن ڪاريہ ۾ همٿ ۽ اُتساهہ ڏياريندا رهندا آهن.

ڀاءُ پرڪاش ۽ هريش ٽوڏيجا جو ٿورائتو آهيان جن هي ڪتاب بہ وقت تي سٺو ۽ سنور ڇپي ڏنو آهي.

ڀڳوان سي ٽنڌاڻي "پشپ"

آهي، جا متاجڻ جي نہ آهي.

٦. سنتوشي انسان هميشہ سکي رهندو آهي. شرميلو انسان ڪڏهن بہ پيٽ ڀري کائي نہ سگهندو آهي ۽ نہ وري هو ڪجهہ سڻي اُنتي ڪرڻ جي همٿ رکندو آهي. بي شرم انسان جي هر هنڌ ننڌا ٿيندي رهندي آهي. هر حال ۾ راضي رهڻ وارو شخص هميشہ اُدم ڪري ڪامياب ۽ سکي رهندو آهي.

٧. اولاد کي وديا ڏيئي پنهنجي پيرن تي بيهارڻ، شتروءَ کي پيار ڏيئي پنهنجو متر بڻائڻ،هر هڪ انسان ۾ پرڀوءَ جو روپ پسڻ،اِ هي گڻ سريشٽ انسان جا هوندا آهن. اسين بہ اهڙا گڻ ڌاريون تہ مزو ملندو ۽ سکي رهي جيون سڦل ڪري سگهنداسين.

٨. ڪابہ گهڻ خراب ٿيندي آهي. گهٽيءَ سندرتا جي ڪارڻ سيتا پچائي ويئي. گهٽي گهمنڊ جي ڪري راوڻ هارايو هو. گهٽي دان پيچ ڪرڻ ڪري ٻليءَ کي ٻنڌن ۾ جڪڙجڻو پيو هو.

٩. ڪام ڪروڌ لوڀ موهہ ۽ اهنڪار ڪرڻ واري انسان کي دئت ئي چئي سگهبو آهي. ديا ڪميا، شانتي، پيار ۽ همدرديءَ واري کي ديوتا چوڻ ۾ وڌاءُ نہ ٿيندو.

١٠. جي اسين چاهيون ٿا تہ فقط سک ئي اسان وٽ هاجي تہ پرماتما جي شرن وٺڻ سان اهو هٽ ڪري سگهنداسين. ان سان گڏجي سندس خلقيل خلق جي شيوا ڪنداسين تہ وڏيڪ لطف ماڻي سگهنداسين، نہ تہ هن سنسار ۾ رهي سک ۽ دک ٻئي پائي جيون جو سفر پورو ڪندا رهنداسين.

١١. تندرستي ئي اسان سڀني جو سٺو ساٿي آهي.جيڪا هر مصيبت کان باچائي هر وقت ساٿ ڏيندي رهي ٿي. انسان تندرست هوندو تہ هرڪو ڪم چڱيءَ طرح پورو ڪري سگهندو ۽ هميشہ

جنوري

۱. لوڀ لالچ واري انسان ۾ بي ايمانيءَ جو گڻ پيدا ٿئي ٿو. جي اهو اوگڻ هن ۾ روز وڌي ويو ته هو ٺڳيون ڪندو، ڪوڙ ڳالهائي ٻئي کي پريشان ڪندو رهندو. پرائو پئسو هضم ڪرڻ جي ڪوشش ڪري پاپ ۾ پيو ڪرندو. اهڙي عادت واري انسان جو ڪڏهن به پيٽ ڪونه ڀرجندو آهي. نيٺ دکي ٿي پنهنجي جيون جو انت آڻيندو آهي.

۲. ڪنهن به قسم جو ڏيکاءُ نه ڪريون. گهٽو وڌيڪ به نه ڳالهيون. جي ائين ڪندا رهنداسين ته اسان جي سمجهه ڪمزور ٿيندي ويندي. عقل به موڪلائي ويندو. اڳيان هلي ڪاميابي حاصل ڪري ڪونه سگهنداسين. اتي جو اتي ئي رهجي وينداسين.

۳. دان ۽ خيرات ڏيڻ ۾ يا ٻين جي شيوا ڪرڻ ۾ جيڪا خوشي حاصل ٿئي ٿي يا دل کي راحت ملي ٿي، ان جو اندازو لڳائڻ ڏاڍو ڏکيو آهي. اهڙي انسان جي پدوي عام ماڻهن کان گهڻو وڏي آهي. هو هميشهه سکي ۽ آسودو رهي ٿو.

۴. وڻ سيني کي ساڳي ڇانو ڏئي ٿو. ان، جل ۽ هوا به ساڳئي روپ ۾ سيني کي ملي ٿو. پوءِ به اسين هڪ ٻئي سان اوچ ۽ نيچ وهنوار ڪري ڇو ونجوڳه پيا ڦهلائيندا رهون؟ پريو جنهن اسان کي هن سنسار ۾ موڪليو آهي اهو به سيني جو ساڳيو پرم پتا آهي. پوءِ به هيءُ ويڇار ڇا لاءِ ٿا رکون؟ نيچ ڪرم ڪري پنهنجو جيون ڇو اجايو پيا برباد ڪري دکي رهون.

۵. جيڪڏهن اسان جي دل ۾ ديا ۽ دان جا گڻ نه آهن ته پوءِ پڪ ئي پڪ اسان جي دل کي ڪا بلڪل خراب بيماري لڳل

جيون گذاري سگهندس.

١٩. ڪامياب ٿيڻ جي اڇا رکان ٿو تہ قسمت تي مونکي ياڙٽو ڪونہ آهي. پنهنجي ئي محنت ۽ اُدم ڪري اُتساهہ قائم رکي ڪم ڪندو رهڻ سان اڳتي هلي اُنتي ڪري سگهندس.

٢٠. جيڪو ڪم اڄ ڪري سگهان ٿو اهو اڄ ئي پورو ڪريان. سڀاڻي تي ڇڏڻ سان ڪجهہ بہ ڪونہ ڪري سگهندس.

٢١. ڪڏهن بہ خود غرض نہ ٿيان. ٻئي جو مال هرپ نہ ڪريان. سچائيءَ سان هلڻ ۾ آنند ملندو رهندو.

٢٢. چانهہ، ڪافي ،سگريٽ ۽ شراب ٿوري وقت لاءِ آهن. ٿڪاوٽ ۽ غم کي مٽائڻ لاءِ ماڻهو ڪم آڻيندا آهن. پر اها کين خبر نہ آهي تہ ان مان پاڻ وڌيڪ ٿڪاوٽ ٿئي ٿي. سرير کي ڪمزوري ويڙهي وڃي ٿي. اهڙي عادت کان هميشهہ دور رهون.

٢٣. ڪابہ تڪليف سامهون اچي تہ همٿ نہ هاريون. همٿ سان هر مشڪلات کي منهن ڏيندا رهون. هن دنيا ۾ ڪابہ اهڙي ڳالهہ مشڪل نہ آهي. جنهن جو حل نہ نڪري سگهي.

٢٤. غريب سڀ گڏجي هڪ ئي ٿالهيءَ مان کائي خوش رهي سگهن ٿا. ڪٽنب پريوار جا ڀاتي ملي جهلي پيار ۽ ميلاپ سان آنند ماڻي سگهن ٿا. پر ٻہ بادشاهہ هڪ ئي ڌرتيءَ تي آرام سان نٿا رهي سگهن.

٢٥. سندر سڳنڌي گلن کي ڏسي انسان کي ڪيتري نہ خوشي ٿئي ٿي. اندر کي آنند ملي ٿو. اهڙيءَ طرح اسان جا گڻ پيار ۽ نمرتا وارو سڀاءُ ڏسي ٻيا بہ خوش ٿين ٿا ۽ اسان جي عزت ڪن ٿا.

٢٦. هر حال ۾ پاڻ کي هميشهہ خوش راضي رکون. تڏهن اسان جي جيون سڦل ٿي سگهندي. ڪنهن سان پيڊ ياو نہ

خوش رهندو آهي.

۱۲. جيڪڏهن اسين طاقتور قابل ۽ پاڻ تي ڀروسو رکڻ چاهيون ٿا ته چپ رهڻ جو ابياس ڪرڻ سکون. پنهنجي باري ۾ ڳالهيون نه ڪاهيون ۽ نه فخر سان ويهي ٻين کي ٻڌايون. دنيا کي خبر آهي ته گهڻو ڳالهائيندڙ شخص ڪمزور ۽ کوکلو هوندو آهي.

۱۳. ايشور در هر روز پرارٿنا ڪندا رهون. پريو اسان سيني مٿان مهربان آهي. هو هر وقت مهر جو مينهن وسائيندو ٿو رهي. انڪري اسان جي اندر مان هميشه سيني لاءِ شڀ اِڇائون نڪرنديون رهن. ان ۾ مزو ملندو آهي.

۱۴. پريوءَ جي دربار ۾ ڪير پهچي سگهي ٿو؟ اهو جيڪو ٻالڪ جيان البيلو هوندو آهي. نشڪام ڪرم ڪري سيني کي پيار، گيان ۽ همدردي ڏيندو رهندو آهي ۽ ڪنهن جو به برو نه سوچيندو آهي.

۱۵. هر شخص کي پنهنجو ڪم پاڻ ڪري پاڻ تي ڀاڙڻ کپي. ٻيو ڪير به ڪيس ساٿ ڏيڻ وارو ڪونه ملندو. هرڪو صلاح ڏيئي غائب ٿي ويندو. انڪري پاڻ تي ڀاڙڻ ۾ ئي سڦلتا ملندي آهي ۽ خوش رهبو آهي.

۱۶. ٻين کي خوشي ڏيندو رهان انهن جي سک شانتيءَ لاءِ يتن ڪندو رهان. ائين ڪرڻ سان مونکي اُنتيءَ جي راهه ۾ رڪاوٽ ڪونه ٿيندي.

۱۷. ماتا پتا ۽ وڏن جي شيوا ڪندو رهندس ته مونکي اُنهن جي آسيس ملندي رهندي. سندن آگيا جو پالن ڪرڻ سان مان سدائين سکي رهي مزو ماڻي سگهندس.

۱۸. گذريل ڳالهين کي ياد ڪري پريشان نه ٿيان. جيڪي اڄ آهي ان تي راضي رهان. سڀاڻي جي چنتا نه ڪندس ته سکي

فيبروري

١. جيڪو انسان پرڀوءِ جو سمرن نٿو ڪري اهو مورک آهي. ان کي پاپي ب چئي سگهجي ٿو. اهڙو انسان وشين وڪارن ۾ جلد ئي ڦاسي دکي ٿيندو رهي ٿو. مکتيءِ جي آش پائڻ سان ب ڪيس ڪون ملي سگهندي.

٢. هئي کي سکي رکڻ لاءِ پنهنجا سنساري سک قربان ڪريون. ڌيرج ۽ ڌرم تي هلون. ڪنهن کي ب برو ن سمجهون. سيني ۾ پرڀوءِ جو روپ پسون ت جيون جو سفر سجايو ڪري سگهنداسين.

٣. پاٺ پوڄائون ڪرڻ کي بندگي ڪون چئي سگهبو آهي. پران سان گڏ پرڀوءِ جي خلقيل خلق جي سار سنڀار لهڻ، پيار ۽ نمرتا سان هلڻ کي پرڀوءِ جي پوڄا چئبو آهي.

٤. سچ اهو ن ڳالهايون جيڪو ٻين کي برو لڳي ۽ کين نقصان پهچائي. ان کان ت ماٺ ڪري وهڻ وڌيڪ سٺو آهي. ان ۾ ئي آنند ملندو رهندو آهي.

٥. جئين ٻيڙي هميشه پاڻيءِ ۾ پيئي ترندي آهي. جي پاڻي ان جي اندر گهري ايندو آهي ت هوءِ ٻڏڻ لڳندي آهي. تهڙيءِ طرح اسان کي ب هن سنسار ۾ نيارو رهڻ ۾ مزو ايندو ۽ ٻين چڪرن کان بچي پونداسين.

٦. گهٽنئي قسمن جا روڳ شرير کي ويڙهي ويٺا آهن. مرتيو ب ڪنڌ تي سوار آهي. زندگي ائين پيئي گذري خبر ئي ڪون ٿي پوي. پاپ ڪرڻ ۾ ڪوب دپ ڪون ٿو ٿئي. سک جي ڀولها ڪندا پيا رهون. پر سک ڪٿان ملندو؟

٧. بنا ڪم ڪار جي اجايو پيا ڳالهائينداسين ت گهٽيئي اُبتيون سبتيون ڳالهيون ڪري وهنداسين. ڪٿي ڪوڙ ڳالهائي

رکون. سيني کي هڪ ئي درشٽيءَ سان ڏسون. انهن سان سٺي مٺي هلت هلون تہ مزو ملندو رهندو.

٢٧. بريءَ سنگت مان جيڪو نقصان پهچي ٿو اهو بئي ڪنهن بہ عادت مان نٿو ٿئي. انڪري جيترو ٿي سگهي اوترو سٺو سنگ ڪريون، ائين ڪرڻ سان اسين گهڻا فائدا وٺي آنند ماڻي سگهنداسين.

٢٨. خوشي هن سنسار جي پدارٿن ۾ ڪين آهي. چوڌاري ڏسڻ سان بہ ڪين ملي سگهندي آهي. سچ پچ اها اسان جي اندر ۾ سمايل آهي. انڪري اسين ٻاهر ڏسڻ ڇڏي پاڻ کي سڃاڻڻ جي ڪوشش ڪريون. هر حال ۾ راضي رهون. سدائين پربوءَ جو شڪر مڃون تہ پوءِ اسان کي خوشين جا خزانا پيا ملندا رهندا.

٢٩. ڪيترن کي پرائي پنچر ڪرڻ ۽ بئي جا ڏهيل ڏڪيل ڪم بگاڙڻ ۾ مزو ايندو آهي. پر جڏهن اها ساڳي تڪليف کين ڏيندي آهي تڏهن منجهي پوندا آهن ۽ پوءِ پنهنجي ڪئي تي پڇتائيندا رهندا آهن.

٣٠. شاهوڪار پنهنجو پئسو خرچي عيش عشرت ڪرڻ ۾ خوش ٿيندو آهي. ڪنجوس وري بئي جي مال تي مزو ماڻيندو آهي ۽ پنهنجي پئسي کي ڳنڍ ٻڌندو رهندو آهي.

٣١. ماءُ پنهنجي اولاد کي ڏسي پيئي خوش ٿيندي آهي. زال پنهنجي مرد کي نازنخري سان خوش رکندي آهي. گهر ڌياڻي گهر کي پنهنجو ڪري سرڳہ بڻائي آنند وٺندي رهندي آهي.

هر حال ۾ راضي رهون

هن قدرت جي سرڪار جي رضا تي هميشہ راضي رهون. جيڪي ڪجهہ انسان جي سامهون اچي ٿو اهو پرماتما جي حڪم سان ئي ٿئي ٿو. ان ۾ ئي راضي رهڻ کپي. دانهہ ڪوڪ ڪري پربوءَ کي ڇو ناراض ڪريون؟

تازي هوا کائون. سادو کاڌو کائي سرير چست بڻايون. سادا وستر پائي پاڻ کي سندر بڻايون.

٢٨. ڀين جي نندا ڪرڻ کان گونگو ٿي رهڻ سٺو آهي. ٻئي جو ڌن ڏسي ريس ڪري دکي نہ ٿيون. جيڪي پريوءَ ڏنو آهي ان تي راضي رهي شڪر ڪريون.

٢٩. بنا ٽڪيٽ سفر ڪرڻ سان ڏپ ٿئي ٿو. پر ڪڏا ڪرم ڪرڻ مهل پريوءَ کان ڪونہ ٿا ڊڄون. هو وسري ٿو وڃي. پوءِ سنسار ۾ رهي پنهنجو سفر ڪئين سڦل ڪري سگهنداسين؟

اُنتيءَ جو رستو

حسن جي بادشاهہ ٿيڻ کان پوءِ هڪ ڏينهن هڪ شاخص کانئس پڇيو: ”توهان کي تہ نہ پئسو هو ۽ نہ وري فوج ، پوءِ بہ توهين سلطان ڪئن بڻجي ويا آهيو؟“

حسن جواب ڏنو: ” دوستن لاءِ منهنجي هرديہ اندر سچي محبت، دشمن لاءِ منهنجي دل ۾ رحمدلي ۽ هر هڪ شاخص جو ڀلو ڪرڻ ! ايترو سامان ڇا منهنجي سلطان بڻجڻ لاءِ ڪافي نہ هو؟“

اُنتيءَ لاءِ خواهشمند هر شاخص کي حسن جو اهو ترقي ڪرڻ جو رستو سونهري شبدن ۾ دل تي اُڪيري اڳتي وڌڻ گهرجي.

ڪندا رهون تہ سکي رهنداسين.

۲۰. پنهنجون گھرجون گهٽايون. جيڪي اسان وٽ آهي ان تي راضي رهون. اجايون گھرجون اسانکي دکي ڪنديون رهنديون. هميشه شڪر ڪريون. اجايون چنتائون ڪري پاڻ کي پيڙا نہ ڏيون. سادو کائون. سادو پهريون. پنهنجا خيال اوچا رکون. ڪنهن جو بہ برو نہ سوچيون. سڀني سان پلائي ڪندا رهون تہ آنند ملندو رهندو.

۲۱. نمرتا ۽ شرڌا سان پرڀوءَ کي ياد ڪندا رهون. سندس چرنن جو پوتر ڌيان ڌريون پوءِ نشڪام ڀڳتي ڪرڻ سان پار پهچنداسين.

۲۲. محنت ڪرڻ سان تندرستي خراب نہ ٿيندي آهي سستي ڪرڻ سان سڀ ڪجھ وڃائي ويهبو آهي. ڊپ، غم، چنتا ۽ اسنتوش سان هميشه دکي ٿبو آهي.

۲۳. دک کي اسين پرڀوءَ جي آشيرواد سمجهون. سک ۾ پرڀوءَ جو چنتن ڪندا رهون. پوءِ ئي اسين وڏا ڀاڳن وارا سڏباسين.

۲۴. دک سهندو رهڻ وڏي ڳالھ نہ آهي. هر حال ۾ شانتي ۽ آنند انيو ڪندو رهجي. اسان تي پرڀو تہ مهر جو هٿ رکيو ويٺو ئي آهي. پوءِ فڪر ڇا جو ٿا ڪريون؟

۲۵. جهڙيءَ طرح هڪ هڪ گل گڏ ڪري هار ٿا ٺاهيون، تهڙيءَ طرح اسان جا سٺا ڪرم هڪ هڪ ٿي اسان جي جيون کي سڦل ڪندا رهندا.

۲۶. پنهنجي من مان ڪوڙ ڪپٽ کي ڪڍي ڇڏيون. سچ جي راھ وٺي سڀني کي پيار ڏيندا رهون. پرڀوءَ جي آسيس وٺي من سان سکيا هنڊايون.

۲۷. صحت جو هميشه خيال رکون. باغ جو سئر ڪري

ڏيون. بيمار جي شيوا ڪريون. غريب کي راهه ڏيکاري پار پهچايون. شرڌا ۽ پريم سان سڻا ڪم ڪري پاڻ کي خوش رکون.

٧. اسين پنهنجي ڪرمن جا ڦل ڀوڳيندا رهون ٿا. موت ۽ جيون تہ پربوء جي هٿ ۾ آهي. جي اسين هر وقت سڻا ويچار ڪري پربوء کي ڏيائيندا اسين ۽ پنهنجو وهنوار ٺيڪ رکندا اسين تہ پربو اسان جو بہ خيال ڪري پار پهچائيندو رهندو.

٨. سور سختيون سهندا رهون. ڪرمن آهر سڀ ڪجهہ ڀوڳڻو ضرور آهي پر پربوء کي بلڪل نہ وساريون. هو پاڻيهي اسان جو خيال ڪري هر حال ۾ راضي رکندو ايندو.

٩. ايشوري طاقت حاصل ڪرڻ چاهيون ٿا تہ هر روز نيم سان پرارٿنا ڪريون. سچيء دل سان پربوء کي ڏيايون. ڪنهن سان بہ وير وروڌ نہ رکون. پنهنجي جيون نشڪام ڪرم ڪري سڦل ڪريون.

١٠. جنهن انسان کي پاڻ تي پڪو وشواس آهي. دک سک کي هڪ سمان سمجهي ٿو، ڪهڙيء بہ تڪليف ۾ گهبرائجي نٿو وڃي ۽ پربوء جو شڪر ڪري مڃي ٿو اهو ئي سچي مڪتي پائي ٿو.

١١. جيڪي بہ ماڻهو وڏا ٿيا آهن اهي سڀ سنتوشي، شانت چت وارا، سادا، ڪفايتي، وويڪي، مان وڏائيء کان پري ۽ پرائي ملڪيت کان دور رهيا آهن.

١٢. جيڪڏهن اسان ڪنهن تي احسان ڪيو آهي تہ جلد اهو وساري ڇڏيون پر جي ڪنهن اسان تي مهرباني ڪئي آهي تہ ان جا گڻ ڳايون ۽ اها ياد هميشهہ تازي رکون.

١٣. وڏا وڏا ڪم ڪرڻ سان ڪو وڏو ماڻهو ڪونہ ٿي پوندو آهي. پر جي هن جي جيون پوتر آهي، سيني سان سڻو وهنوار آهي ۽ سيني جو پيارو متر آهي تہ پربو بہ هن کي پيار

مارچ

١. جئين ماءُ ٻار کي سنئين رستي تي هلڻ لاءِ هروقت ڏيان ڏيندي رهندي آهي اُبتي ڪم ڪرڻ کان روڪيندي آهي تئين پريو به دين ديال آهي. هو اسان کي هر قدم تي سجاڳ ڪندو رهي ٿو. پر جي اُبتي راه تا وٺون ته سيڪت ڏيئي پريشان ڪندو رهي ٿو. جي وويڪ اٿئون ته جلد ئي سمجهي نيڪ ڪم ڪندا رهنداسين.

٢. مترن جي موُت جو وڇوڙو اسان کي دک ڏئي ٿو پر اهو ڪونه ٿا سمجهون ته اهو اسان کي ٻڌائي ٿو ته ڪنهن کي به هتي هميشه لاءِ رهڻو ڪونه آهي. اسان کي به ان راه تي وڃڻو آهي پوءِ ڇو ڪونه ٿا هن جنم جو قدر ڪري، وِڪه وڌائي نيڪ راه تي هلي جنم سڦلو ڪريون؟

٣. اسين در در جا ڌڪا کائي رهيا آهيون. پاڻ کي سٺي نيڪ راه تي وٺي هلڻ لاءِ سنتن مهاپرشن جو سنگ ڪريون. اڳيان روپي راه کان آجا ٿي انهن جي وچنن جو دل ۾ ڌيان ڌريون. پوءِ ته روحاني راه تي هلي پريوءَ پياري کي پائي جيون سڦل بڻائي سگهنداسين.

٤. جيڪو وقت گذري چڪو آهي وري اهو موٽي اچڻو ڪونه آهي. پوءِ ان لاءِ ڇو پيا پڇتائيندا رهون؟ جيڪو موقعو ملي ٿو ان جو پورو فائدو وٺي پنهنجو وقت سجايو ڪريون.

٥. وڏا وڏا ڪم ڪري پاڻ کي پيارو ڪرڻ جي ڪوشش نه ڪريون. پنهنجي جيون پوتر رکنداسين ۽ سچو مٺو وهنوار اسان جو هوندو تڏهن ئي اسين قبول پونداسين.

٦. جيڪڏهن اسين کي وڏا ڪم نٿا ڪري سگهون ته ننڍا ننڍا شيوا جا ڪم ڪريون. ڪنهن دکي انسان کي دلاسو

طرح پريو بہ اسان جي ويچهو آهي تڏهن بہ اسين هن کي نٿا ڏسي سگهون ڇو تہ اسان جو هن سان ناتو اَجان پورو جڙيو ڪونہ آهي.

٢٠. وٽن کي پاٽي ڏيڻ سان سيني تارين کي سائو سبز ڏسون ٿا. پوڄن ڪائڻ سان سرير کي سگهارو ۽ چست بڻايون ٿا. تهڙيءَ طرح پريوءَ جي پرارٿنا ڪرڻ سان سيني لوڪن جو سکہ پراپت ڪري سگهنداسين.

٢١. اسان کي لوڀ جو تياڳہ ڪرڻ گهرجي. لوڀي انسان ڪڏهن بہ سکہ جي ننڊ نہ ڪري سگهندو آهي. هو سدائين ٻئي جي ملڪيت هٿ ڪرڻ لاءِ پيو ترڦندو آهي. چالاڪيءَ ۽ چترائيءَ سان ٻين کي وس ڪري انهن جو مال هرپ ڪندو رهندو آهي. اها عادت ڪڏهن بہ شانتي ڏيئي نہ سگهندي آهي.

٢٢. ڪير اسان جي سارا ھہ ڪري تہ اُنکان دور رهون. چڱي ڪم ڪرڻ ۾ دير نہ ڪريون. خراب ويچارن کي اڳيان اچڻ نہ ڏيون. جي اچن تہ انهن تي ويهي ويچار ڪريون جئن اُهي ڪرڻ جي اسان ۾ همٿ ئي نہ رهي.

٢٣. من جڏهن ڪوڙي وهنوار ۾ ڦاسي ٿو وڃي تہ ان وقت پاڻ کي سنڀاڳہ ڪريون. اهڙي ايمان ۾ پاڻ کي نہ ڦاسايون. پنهنجي اصليت نہ وساريون. جي ان چڪر ۾ پاڻ ڦاسائي ويٺاسين تہ پوءِ فڪر ۽ چنتا جي چڪر ۾ گهيرجي ويندا سين. جيون جو سچو لطف ماڻي نہ سگهنداسين.

٢٤. اسين جيڪڏهن چڱا ڪم ڪندا رهنداسين، بزرگن ۽ سنتن جي سنگہ ۾ رهنداسين تہ عام ماڻهو اسان تي ٿُو ليون ڪندا رهندا. پر جي هنن جيان ٻين جي پرچار ۾ وقت وڃائينداسين تہ هو اسان کي مان ڏيندا ۽ پنهنجو ساٿي ڪري سمجهندا. اهو اڄ ڪلهہ دنيا جو نيم ٿي پيو آهي. ان کان دور

ڪري ساچي جيون بخشي ٿو.

۱۴. اسين سچو وقت پنهنجي پالنا پوشنا ۾ پيا وڃايون. فقط پنهنجو ئي ويچار اٿئون. ٻين جو خيال بلڪل ڪونہ ٿا ڪريون تہ اسانجي جيون بيڪار آهي. هيءُ جيون مليو آهي نشڪام ڪرم ڪرڻ لاءِ ۽ پياري پريوءُ جا گڻ ڳائڻ لاءِ. اهو وساري فقط پنهنجو ويچار ڪرڻ وارو سک ڪٿان پراپت ڪري سگهندو؟

۱۵. ڪوڙ، ڪپٽ، ايمان، ٺڳي دولاب، خراب ويچار حصد، بيوقوفي، اشرڌا، پاپ روپي اوراهہ ۾ ڪيرائي نڪمو بڻائي ڇڏي ٿي. اهڙن ويچارن کان دور رهي سچو سک پراپت ڪريون. نيڪ انسانن جي سنگت ڪريون.

۱۶. جيڪڏهن پريوءُ ۾ اٽل وشواس اسانکي آهي تہ من ۾ ڪڏهن بہ دک شوڪ نہ ڪريون. پريو انصاف ڪرڻ وارو آهي. پريمي ۽ ديالو آهي. هو ڪابہ غلطي ڪونہ ڪندو آهي. ڪرمن آهر هر هڪ کي پنهنجي ڪرمن جو ڦل ڀوڳڻو تہ ضرور آهي.

۱۷. بري سنگت، بحث مباحثي، هٻڇ، حصد، ٻين جي مايا ميڙڻ جي عادت کان دور رهون. هميشہ ڪل مک رهون. اجاين چنتائن ڪرڻ کان پري ڀڄون. جن ڳالهين سان اسان جو ڪوبہ واسطو نہ آهي. انهن جو ڌيان بلڪل نہ ڪريون. چاڪاڻ تہ اُهي ئي اسان جي دکن جو ڪارڻ بڻجن ٿيون.

۱۸. سادا، نهتا ۽ نماڻا ٿي رهون. گلن جيان پنهنجي گڻنجي سڳنڌ ڦهلائيندا رهون. دنيا جو ديدار مندر جي واتاورڻ جيان ڪريون تہ هر هنڌ اسان کي آنند ملندو رهندو.

۱۹. اکين ۾ سرمو پائبو آهي اهو ڏسڻ ۾ ڪونہ ايندو آهي. اکيون بہ سرمي کي ڏسي ڪونہ سگهنديون آهن. اهڙيءَ

٢١.جيڪو انسان پنهنجي ڳڻن کي لڪائي اوڳڻن کي ظاهر ڪري ٿو اهو ئي سچو ڳڻوان آهي. هو هميشه پين جا ڳڻ ئي ڳرهڻ ڪندو رهندو آهي. ان ۾ ئي ڪيس سوڀ ملندي آهي.

سبق ۽ سکيا

دادا آر جي آنو اٽيءَ پنهنجي جيون

جي آزمودي مان اسان کي ٽي سکيائون ڏنيون آهن

١. مون ۽ ڪملا هڪ مکيه سبق جيون ۾ پرايو آهي، اُهو آهي هيءَ تہ جيسين انسان جيئرو آهي تيستائين هن کي پنهنجي ملڪيت ۽ تن پنهنجي هٿ ۾ ئي رکڻ جڳائي، نہ تہ جيون ۾ اڳيان هلي بيوسيءَ سبب پڇتائڻو ٿو پوي. ملڪيت ۽ تن توهان وٽ آخري گهڙيءَ تائين هئڻ گهرجي ۽ پنهنجي ڪٽنب جي ڀاتين کي پاڻ ڳذاري وڃڻ بعد ملڻ لاءِ وصيعت ڪرڻ گهرجي. هيءَ حالت ۾ اُهو ساڳيو انسان جيئري ويچارو بڻجي پوي ٿو.

٢. منهنجي ٻي صلاح سيني کي اها آهي تہ هر هڪ سکي ۽ آسودي انسان جو فرض آهي تہ هو پنهنجي سک سان گڏ ڪوشش ڪري پنهنجي ڪٽنب پريوار، پنهنجي وڏن مائٽن ۽ عزيزن کي سکي ڪرڻ جو يتن ڪري. ائين نہ هئڻ گهرجي تہ پاڻ سٺن گهرن ۽ پاڙن ۾ مزي واري زندگي گهاريں ۽ سندن وڏا مائٽ ۽ عزيز اُلهاسنگر يا ايلبرس هوم ۾ وڃي رهن! جي اسين پين جي سک جو ڌيان رکنداسين تہ اسين پاڻ بہ سک شانتيءَ جي جيون گهاڙي سگهنداسين.

٣. اسين جيڪي ڪمايون تنهن مان ڪوشش ڪري چوٿون حصو غريب ۽ گهرجائون مٿن مائٽن ۽ جاتيءَ جي سک ۽ ڀلي لاءِ ڪم آڻڻ جو يتن ڪندا رهون.

رهون تہ فائدو ٿيندو.

٢٥. اسان جو جنم مايا موهہ جي ڪري اجايو پيو گذري. جي پرماتما جو سمرن ڪنداسين، غريب غربي جي شيوا ڪنداسين ۽ سنئين واٽ تي هلي پنهنجو جنم سڦلو ڪري سگهنداسين.

٢٦. وقت ڪونہ اتم جو ڀهانو نہ ڏيون. گهٽي ننڊ، گهٽو ڳالهائڻ، پرائي پڃار ڪرڻ، حصد ۽ ايرکا نہ ڪريون. اڄ جو ڪم سڀان تي نہ رکون. صبر ۽ اورچائيءَ سان جيون گذاريون.

٢٧. هن سنسار ۾ ڪوبہ ٽڪار جي لائق نہ آهي. هرهڪ سان پريم سان پيش اچون. ڪنهن تي بہ ظلم نہ ڪريون. ڪنهن کي بہ تڪليفون نہ ڏيون. خود مطلبي نہ ٿيون. ڪنهن تي بہ ڪروڌ نہ ڪريون. اهي ڳڻ اسان جي من کي آنند ڏيندا ۽ پريم جون لهرون اسانجي اندر ۾ جاڳنديون. جيون نئين ٿي پوندي.

٢٨. پريم آهي پريو ۽ پريو آهي پريم. پريم ڪرڻ سان پريو ملي ٿو. مٺ محبت سان هلڻ ۾ اسان کي آنند ملي ٿو. سچو پريم ان ۾ ئي سمايل آهي. ائين جيون جو اصول رکي هلڻ سان اسان کي سڀ سکہ پراپت ٿيندا رهندا.

٢٩. اسان وٽ پنج ماٽڪ آهن. پهريون ماٽڪ آهي ڌرم. ان جو وري دشمن آهي ڪوڙ. ٻيو ماٽڪ عقل آهي ۽ ان جو وري ڪروڌ دشمن آهي. ٽيون ماٽڪ آهي سنتوش. ان جو دشمن وري ترشنا آهي. چوٿون ماٽڪ آهي وديا. انجو ايمان دشمن آهي. پنجون ماٽڪ آهي دان. انجو وري دشمن آهي ڏيئي وري پڇتائڻ. انهن دشمنن کان خبردار رهون تہ آنند ملندو رهندو.

٣٠. گرو فقط اسان کي راهہ ٻڌائيندو آهي. پر ان راهہ تي هلڻو تہ اسانکي آهي. جي نہ هلنداسين تہ ان روحانيت جي راهہ تي ڪئن پهچي پنهنجو جيون سڦل ڪنداسين؟

پوءِ پئي ڳڌ تي اسان کي ملندا ۽ پريشان ڪندا رهندا آهن.

٧. اسين سرير کي سگهاڙو بنائڻ لاءِ کاڌو پيتو کائي پاڻ کي قائم رکون ٿا. اهڙيءَ طرح پريوءَ جي ڀڳتي ڪرڻ سان روح کي راحت ملندي آهي. ڪل ڪليش دور ٿي ويندا آهن.

٨. صدق ۽ صبر رکي پنهنجي پريوءَ کي ياد ڪريون. غفلت ۾ جي غافل ٿي ويسر ۾ ويهي رهنداسين ته دوکو دولاب دور ڪونه ٿي سگهندو.

٩. اسين اندر مان ڪروڌ ڪڍي پريم جو وهنوار رکون. لوڀ کي هٽائي صبر جو سينگار ڪريون. موهه کي ماري پنهنجي پريوءَ سان سچو پيار ڪريون ته جيون ۾ آنند ملندو رهندو.

١٠. ڪير به جي اسان سان برائي ڪري ٿو ته به اسين ساڻس ڀلائي ڪندا رهون. ڪير جي ڌڪاري ٿو ته به اسين هن جي عزت ڪريون. همت نه هاريون. نياز ۽ نئڙت سان هلي سيني جو ڀلو ڪندا رهون ته اسان جا بيڙا پار ٿيندا رهندا.

١١. خوشي دنيا جي مال ملڪيت ۾ نه آهي. سچي خوشي اسان جي اندر ۾ سمايل آهي. ٻاهڙين پدارٿن جي پٺيان ڊوڙڻ بند ڪريون. پاڻ کي سچائي هر حال ۾ راضي رهي پريوءَ جو شڪر ڪريون ته خوشيءَ جا خزانا کلي پوندا.

١٢. اسين ناڪامياب انڪري ٿا ٿيون جو پنهنجي طاقت کان غير واقف آهيون. ان جي پوري ڄاڻ رکي پوءِ جي ڪم ڪار ڪندا رهنداسين ته ضرور ڪاميابي اسانجي ٿي آهي.

١٣. جيڪڏهن اسين پنهنجا فرض پوريءَ طرح پالن ڪندا رهنداسين، سک ۽ دک کي هڪ سمان سمجهنداسين. هر حال ۾ پريوءَ جو حڪم سمجهي راضي رهنداسين ته سک پاڻ مرادو اچي اسان کي ڳولهي لهندو.

١٤. هرروز ٿورا منٽ بچائي پريوءَ کي ياد ڪريون.

اپريل

١. مايا جي چڪر ۾ پريشان ٿا رهون. ڪوڙ ڪپٽ تي پنهنجي جيون پيا گذاريون چڱا ڪرم ڪرڻ وساري ڇڏيا اٿئون. پوءِ ڀلا ڀڳوان اسانکي ڪئن ياد پوندو؟ ڀڄاريءَ ۾ من پريشان رهندو ۽ چوندو تہ عمر اجائي وئي. هاٿي ڇا ملندم. سچو جنم وئرٿ وڃايو اٿم پريو مهر ڪري.

٢. جيڪڏهن اسين سکي آهيون تہ ڪلي ڪيڪاري ڀڳوان جي چرنن ۾ ويهي ڀڳتي ڪريون. جي دکي ۽ پريشان آهيون تہ روئي ٻاڏائي سندس اڳيان ويهي سڀ حال اوريون تہ هو اسان تي مهر جو هٿ رکي همٿ وڌائيندو ۽ منوڪامنائون پورن ڪندو.

٣. ياد رکون تہ سنساري تڪليفون ۽ موٽ اٿ ئي پهر اسان جي مٿان لامارا ڏيئي رهيون آهن. انڪري پنهنجا ڪرم سٺا ڪريون. هر هڪ کي پيار ڏيون ۽ سيني جا همدرد ٿيون. پريوءَ جو هميشھ ڌيان رکون.

٤. فريب، دوکي ۽ ٺڳيءَ سان پنهنجي جيون نہ گذاريون. ائين ڪرڻ سان ڪڏهن بہ سک پراپت ڪري ڪونہ سگهنداسين. سچ جي راھ تي هلڻ سان اسان کي سک ۽ شانتي ملندي رهي ٿي.

٥. هرڪو انسان سک چاهي ٿو. دک ڪنهن کي بہ ڪونہ کپي. ڪنهن بہ سکي انسان کي جي ٿورو ئي دک ملي ٿو تہ پريشان ٿئي ٿو. دکي انسان کي جي سک ملي ٿو تہ هو سنتشٽ رهي ٿو.

٦. سک پاڇي وانگر آهي جئن ان جي پٺيان اسين ويندا سين تہ اهو ڀڄندو ويندو. سک ڳولهڻ سان بہ ڪونہ ملندو آهي. جي ملي بہ وڃي تہ هو پاڻ سان دک کي بہ وٺي ايندو آهي.

ڪندا رهون. ائين پلا چو ٿا ڪريون؟

٢١. اسين ڌيرج و ان ٿيون. مان اپمان جي چنتا نہ ڪريون. پريم ۽ متي وهنوار سان سيني سان هلون. دياوان ٿي سيني کي هڪ نظر سان ڏسون. ڀيد ڀاو کان پري رهون. رنج ۽ خوشيءَ کان دور رهون. جي پئسو اچئون تہ اُن مان دان پڃ ڪري جيون سڦلي ڪريون.

٢٢. جيڪو انسان سانتيڪو ۽ تڌي سياوُ جو، نشڪامي ڪرم ڪرڻ وارو هوندو آهي اهو ئي پربوءَ کي پسند پوندو آهي.

٢٣. جنهن ڏينهن اسين چڱا ڪرم ڪريون ٿا اهو ڏينهن ستو ۽ سڦل آهي. ڪاڏو ڪاٹڻ کان اڳم وندي وراهي ڪائون ٿا تہ اهو ستو آهي. غريب غربي کي پنهنجي ڏن جو ڪجهہ حصو ورهائي ان کي سکي رکون تہ ستي ڳالهہ آهي. علم پرائي ايمان ڪريون تہ اهو ڪم جو نہ آهي، پر جي ان مان اسين نئڙت ڪرڻ سکيا آهيون تہ اها ستي ڳالهہ آهي.

٢٤. وڏو ماڻهو هميشہ سچائيءَ ۽ انصاف جي ڳالهہ ڪندو آهي. پنهنجي ارادي تي اٽل رهندو آهي ننڍو ماڻهو جتان ڪيس فائدو ملندو آهي ان طرف ڊوڙندو رهندو آهي. هو هميشہ ٻين کي ڏوهہ ڏيئي پريشان ڪندو رهندو آهي.

٢٥. اسين شاهوڪار آهيون يا غريب آهيون. اسان کي ڪيتريون بہ تڪليفون چو ڪين اچي پريشان ڪن تڏهن بہ پربوءَ جو شڪر مڃي ان جو ئي آسرو وٺون ۽ شڪر شڪر ڪري راضي رهون.

٢٦. هٺ وڏائيءَ کي تياڳي سيني سان پريم ڪندا رهون. همدردي ڪريون. سيني کي پربوءَ جو سمرن ڪرڻ لاءِ وينتي ڪندا رهون. سندس خلقيل خلق جي خذمت ڪرڻ جي ڪوشش

ڀڳوان جي هيترين ٻاجهن لاءِ هميشھ شڪرانا ملهيندا رهون. هر حال ۾ راضي رهون تہ اسان جي جيون نئين ۽ سڦلي ٿي پوندي.

١٥. اسين سٺن ڪپڙن پائڻ واري کي سٺو سمجهندا آهيون. ڌنوان کي، راجا مهاراجا کي، خوشامندرين کي سٺو سمجهي کين عزت ڏيندا آهيون. پر اٿين ڪونہ آهي. سٺو اُهو آهي جيڪو سيني سان مٺو ڳالهائي همدردي ڪري ٿو. ڌيرج، صبر، ڪميا، پوترتائي ۽ ديا جو ڀنڊار آهي.

١٦. جيڪي اسين ٻين مان چاهيون ٿا اهو پهرين ئي ٻين کي ڏيڻ جو يتن ڪريون. اهڙو سٺو ۽ مٺو وهنوار ڪرڻ سان ٻيا بہ اسان جو اهڙو ئي قدر ڪندا رهندا.

١٧. سيني وڪارن جو تياڳ ڪنداسين تڏهن ئي سچو سک ڀوڳي سگهنداسين. شيوا ڪرڻ جو جي اسان کي ڪنهن بہ مهل موقعو ملي تہ اُن کي نہ وڃايون. جلد ئي ڪرڻ شروع ڪريون. شيوا داري هميشھ سٺو نمرتا وارو هوندو آهي. ڪنهن کي بہ برو ڪونہ سمجهندو آهي. ڪٺور ۽ اشٽ شبد ڪونہ ٻوليندو آهي.

١٨. اسين جيستائين ٻين کي معاف ڪرڻ نہ سکيا آهيون. سهڻ جي شڪتي اسان ۾ نہ آهي تہ سک ڪئن پراپت ڪري سگهنداسين؟

١٩. بحث ڪرڻ سان اسين ڪجهہ بہ حاصل ڪري نہ سگهنداسين. صبر ۽ ڌيرج سان سڀ ڪجهہ ملي ويندو آهي.

٢٠. مرتيو تہ هميشھ اسان جي سر تي سوار آهي. هو هر وقت شوڪي پيو نهاري جئين بکيو شينهن پنهنجي بک مٽائڻ ۽ شڪار لاءِ پيو واجهائيندو آهي ۽ حملي ڪرڻ لاءِ تيار هوندو آهي. زندگي بہ ائين ئي آهي. اسين هيترن دکن تڪليفن هوندي بہ دنيا ۾ رهي بيشمار پاپ ڪري پنهنجي زندگي بيڪار پيا

مئي

۱. جيڪڏهن اسين گٽو ان آهيون ته ائين نه سمجهون ته اسين سيني کان مٿي آهيون. پر من ۾ ائين ويچار ڪرڻ گهرجي ته پيا مون کان وڌيڪ گٽو ان آهن. انهن جي گڻن جو اپيلس ڪريون ته فائدو ملندو رهندو. گهمنڊ ڪرڻ سان ڪاجهه به پلئه ڪونه پوندو آهي.

۲. جنهن دل ۾ ڪنهن کان به وٺڻ جي تمنا نه ٿي آهي تنهن ڪير به ڪنهنجو فڪر نٿو ڪري. پنهنجي ليکي خوش رهي آنند ٿو ماڻي.

۳. ڪوڙ کان پاسو ڪري ستيه جو سهارو وٺون. گيان جو لاڀ وٺي دل صاف ڪريون. سچائيءَ جا سخن دل ۾ ڌاريون. اکين ۾ آب آڻي پريوءَ جي در تي آر اڌنا ڪندا رهون.

۴. ڪنهن کي به سک نٿا ڏيئي سگهون ته دک به ڪنهن کي نه ڏيون. مصيبت ۾ آيل ساٿين جو سهارو بڻجي هن کي سٺي راهه ڏيکاريون.

۵. دنيا ۾ نيڪيءَ سان هلنداسين ته اسان جي جيت ٿيندي رهندي. سچائيءَ سان پنهنجا ڪيل انجام پاڙيندا رهون. پريم سان سيني سان اسانجو وهنوار نرمل ۽ مٺو رهندو اچي.

۶. دنيا جي هرڪا شيءَ اسان کي ڏاڍي خوبصورت لڳي ٿي. پر وقت اچڻ تي اها ڪين ٿي وٺي. اجايو اسين انهن جي پٺيان پٽڪي پنهنجي جيون برباد ڪري ٿا ويهون چاڪاڻ ته اهي ٺڳيندڙ آهن.

۷. دنيا ۾ رهي اهنڪار کي پنهنجي اڳيان اچڻ نه ڏيون. گياني بڻجي بحث مباحثا نه ڪريون. سچا ۽ صاف بڻجي وڪارن کان دور رهون. چت ۾ چنچلتا نه آڻيون.

۸. ڪنهن کي پيار ڪريون ٿا ته ان لاءِ پلي هار سينگار ڪري ڪيس هرڪايون پر ان سونهن جو ايمان نه ڪريون. اهڙيءَ

ڪندا رهون ته سکي رهنداسين.

٢٧. جيڪي پوکينداسين اهو ئي ته لڻنداسين. جيڪي رڌينداسين اهو ئي ته کائي پيٽ ڀرينداسين. نشڪام ڪرم ڪنداسين تڏهن ته اسين به سکي آسودا رهي سگهنداسين. ڪرمن جو نتيجو دک ۽ سک ۾ ئي سمايل آهي.

٢٨. اسان کي جي سقلتا کپي ته ڪرم روپي تلوار ڪٿي آڳتي وڌڻو پوندو. سست ۽ ڪمزور انسان کي ڪڏهن به ڪاميابي ملي نه سگهندي آهي، اُدم ڪرڻ سان سڀ ڪجهه پراپت ڪري سگهنداسين.

٢٩. خراب ۽ ڪوڙي ماڻهوءَ جي صحبت نه ڪجي. ان مان هروقت خطرو رهي ٿو ۽ پوءِ اسين ڪٿي جا به نه رهون.

٣٠. سست ٿي ويهي رهڻ سان ڪجهه به حاصل نه ٿي سگهندو آهي. ڪرم ڪرڻ سان اڳتي وک وڌائيندا رهون همٿ ۽ اُدم ڪرڻ سان ئي سڀ ڪجهه ملي ويندو آهي.

گهر جو ڀيدي

کهاڙين سان ڀريل گاڏي سامهون ايندي ڏسي جهنگل جا وڻ روئڻ لڳا. هڪ ٻڍي وڻ هنن کان ان روئڻ جو سبب پڇيو ته وڻن ان گاڏيءَ ڏانهن اشارو ڪندي چيو: ''ان ۾ کهاڙيون ڀريل آهن جي اسانکي ڪٽي نيست و نابود ڪري ڇڏينديون.''

ٻڍي وڻ مسڪرائيندي چيو، ''فڪر نه ڪريو، جيستائين انهن سان ڪڏ هٿئي جي صورت ۾ توهان جو پاڻ نه لڳل آهي تيستائين اهي کهاڙيون اسان جو وار به ونگو نه ڪري سگهنديون.

سنمان ڪندا رهنداسين ته گهر سرڳ بڻائي ڇڏيندي.

١٤. پاري اوري ۾ سک شانتي آهي ان جو ڪارڻ هنن ۾ پيار ۽ ميلاپ آهي. هڪ ٻئي ۾ پورن وشواس ۽ سهڪار اٿن. گڏجي ڪوبه ڪم ڪار ڪن ٿا. دک سک ۾ هڪ ٻئي جو ساٿ ڏين ٿا. پربوءِ جي ڪرپا اٿن. ڇونه اسين به اهڙي وايو منڊل ۾ رهي سچو سک پراپت ڪريون.

١٥. اسين ننڍيءَ وڏيءَ ڳالهه ۾ ڪروڌ ڪري پاڻ کي پريشان پيا ڪندا رهون. اهڙو ڪروڌ سستو ٿي پيو آهي. جيڪڏهن اهو ڪم ستي نموني ڇوڙ سان برٽيڪ ٿي سگهي ٿو پوءِ اسين ان باهه ۾ پاڻ کي ڇو ٿا اُڇليون؟

١٦. سچو سک تڏهن ملي سگهندو جڏهن اسين سيني سان پريم پريو وهنوار ڪري خوش رکنداسين. دکين جي شيوا ڪرڻ ۾ سک سمايل آهي. پربو به ان ۾ راضي ٿو رهي.

١٧. جي اسين پين جي جيون سکي بڻائڻ چاهيون ٿا ته پنهنجي دک سک کي وساريون. پوءِ ٻئي ڪنهن سبق سکڻ جي ضرورت نه پوندي.

١٨. پين جي ڳالهين ۾ ٽپي پئي پاڻ کي خراب خوار نه ڪريون. پين جي ڏرمن جي نندا بلڪل نه ڪريون. جيڪي گڻ ۽ سٺيون ڳالهيون هجن انهن جو ڌيان ڌريون ته مزو ملندو رهندو.

١٩. ڪنهن سان به وير وروڌ نه رکون. لڙائي جهڳڙو نه ڪريون. ڪنهن ۾ به اُميد رکي ان جي خوشامند نه ڪريون. پر اُپڪار ڪري پنهنجي جيون جو آنند ماڻيون.

٢٠. وشواس رکي ڪوبه ڪم ڪبو ته ضرور ڪامياب ٿينداسين. پر جي اهنڪاري ٿي ڪوبه ڪم ڪنداسين يا ٻئي کي گهٽ وڌ ڳالهائينداسين ته خطا کائينداسين.

طرح پريوءَ کي راضي رکڻ لاءِ واس توپ ڏيئي سچيءَ دل سان آراڌنا ڪريون ته هو به اسان تي مهر جي نظر رکي آنند ڏيندو رهندو.

٩. هيءُ سنسار آهي چئن ڏينهن جو چٽڪو. رهڻ جو ڪوبه ٺڪاڻو نه آهي. ان ڪري جلد ئي پنهنجو کيل ڪري وڃون نه ته سپ سپنو ٿي رهجي ويندو.

١٠. پئسو. پئسو گڏ ڪري ويٺا مايا ميڙيون. وياجن تي رکي پيا وياج ڪمائي ہيٽي ڪريون. ائين پيا سمجهون ته پنهنجي ڪٽنب پريوار جو توشو ٿا ڪريون. انهن جي سکي جيون تي ناز ڪري رهيا آهيون پر اهو سپ اسان جو وهم آهي. سچو ڪم ڇڏي ڪوڙ کي ويٺا ڪٺو ڪريون. زهر روپي مايا کي ميڙڻ ڇڏي نام روپي خزانو ڪٺو ڪريون ته جيون سڦلي ٿي پوندي.

١١. هيءُ سنسار اڄ نه سياڻي ڇڏڻو آهي پوءِ ڇو نه سٺو سنگ ڪري سپاجهو ۽ سيتل بڻجون جي ائين نه ڪيوسين ته نرڪ جا عذاب ڪائي ڌرم راءِ جي دربار ۾ حساب ڪتاب چڪتو ڪرڻو پوندو.

١٢. اسان جا ساٿي سوارٿي آهن. اسان جو پيار سيني لاءِ آهي پر اسان جا متر تڪليفون ڏيڻ لاءِ هر وقت تيار ٿيا ويٺا آهن. وڻ جي ڇانوَ سک ۽ آرام ڏيندي آهي. پر پنهنجي ڇايا ڪڏهن به سچو سک ڪونه ڏيئي سگهندي آهي. پنهنجا ڪڏهن به سچا ڪونه ٿي سگهندا آهن. دنيا هڪ نئين عجيب ٿي ويئي آهي. شل پريت سان نباهي وڃون. پيار ۽ ميلاپ ۾ رهون.

١٣. ڪام کي ڌڪاريون ۽ نه استريءَ کي ٺڪرايون. اسان جي سکن جو بنياد آهي ايمانداريءَ ۽ وشواس ۾. گهر جي خوشيءَ جو دارو مدار آهي استريءَ ۾ وشواس ۽ هن لاءِ عزت. سندس

۲۸. اندرين کي روڪڻ، ڪروڌ نہ ڪرڻ، سچ جي وات وٺڻ، ٻين جون برايون نہ ڏسڻ، چت جي استرتا، نريئہ تيڻ تياڳہ ۽ شانتيءَ سان رهڻ ۾ جيون سڦل ڪرڻي آهي.

۲۹. اڄڪلهہ رشوت جي بزار تيز ٿي رهي آهي. هر هنڌ ڪجهہ ڏيڻ کان سواءِ ڪوبہ ڪم ڪونہ ٿو ٿئي. اهڙو بي ايمان انسان ٻاهران خوش ٿو رهي پر سندس اندر ۾ اشانتي هوندي آهي. جيترو رشوت وٺي ڪمائي ٿو. اوترو ئي بيپرواهيءَ سان خرچ ڪري ٻارن کي خراب عادتن جا شڪار بڻائي ٿو. نيٺ هڪ ڏينهن ڪيس سزا ملندي ۽ پوءِ پڇتائي هٿ مهٽيندو رهندو.

۳۰. پنهنجي اصولن ۽ اخلاق تي هلڻ واري شخص کي ڪيترين بہ تڪليفن جو چو ڪين مقابلو ڪرڻو پوي پر هو پنهنجيءَ ڳالهہ تي قائم رهندو آهي. هو پنهنجي سيني ڪمن ڪارين ۾ اخلاق اوچو رکي انهن جي ثابتي ڏيندو اڳتي وڌندو رهندو آهي.

۳۱. ديش ڀڳتيءَ جو دم هڻڻ وارن کي جنتا جو خون چوسڻ نہ کپي. جيئن هينئر عام طرح ٿي رهيو آهي. جيڪي ائين ڪن ٿا اهو وڏو گناهہ ڪن ٿا ۽ عام ماڻهن کي دوکو ڏيئي گمراهہ ڪري رهيا آهن. نيٺ ڪين ان جو نتيجو ڀوڳڻو پوندو ۽ پريشان ٿيندا رهندا.

گهٽ ڳالهايون

مڪڙي جيسين بند آهي تيستائين ڪوبہ ڪيس نٿو چني. جڏهن کلڻ لڳي ٿي تڏهن سيڪو چني ڪيس ڌار ڌار ڪيو وجيس. زبان بہ جيسين بند آهي تيستائين ڪوبہ دکہ سور ويجهو نٿو اچيس، پر جي هڪ دفعو کلي تہ سوين سور سهڻا ٿا پونس. جتي هڪ اکر ڳالهائڻو هجي اُتي بہ نہ ڳالهائجن.

٢١. جڏهن اسان ۾ اهنڪار پرجي ٿو وڃي. تڏهن اڪين اڳيان انڌڪار ڦهلجي ٿو وڃي. ڪجهہ بہ سمجهہ ۾ نٿو اچي. اُبتو سُبتو ڪم ڪري ٿا ويهون. ڪجهہ وقت ڪانپوءِ پڇتاءَ ڪان سواءِ ٻيو ڪجهہ بہ ڪونہ ٿو سمجهہ ۾ اچي. ان ڪري اهنڪاري نہ ٿيون ۽ نہ وري ڪروڌ جي شرڻ ئي وڃون.

٢٢. جيڪو شاخص ٿڌي دماغ وارو، سانتيڪو، مٺو ۽ پيار ڏيندڙ، همدرد هوندو آهي اهو ئي نشڪامي ٿيندو آهي. ڪرم ڪرڻ جي شڪتي بہ ان ۾ ئي هوندي آهي.

٢٣. بحث ڪرڻ ،واد وواد ۾ پوڻ سان اسين پاڻ کي هوشيار ڪونہ سڏائي سگهنداسين. سودي بازي، ايرڪا ڪرڻ سان بہ فائدو حاصل ڪري ڪونہ سگهبو آهي. صبر ۽ شانتيءَ ۾ رهڻ سان سڀ ڪجهہ پاڻيهي ملي ويندو آهي.

٢٤. شيوا ڪري مزو ماڻڻ چاهيون ٿا تہ وڪارن کان دور رهون. شيوا جو وجهہ ملي تہ يڪدم دل سان ڪرڻ شروع ڪري ڇڏيون. ايمان نہ ڪريون. ائين سمجهون تہ پنهنجو فرض پورو ڪري رهيا آهيون. ان جو ئي لطف ماڻيون.

٢٥. پرائي پاچار نہ ڪريون. ڪنور نہ ٿيون. خراب وياچارن کي اکيان اچڻ نہ ڏيون. سڀني سان نمرتا سان سچو وهنوار ڪريّ جيون جو سچو سک ماڻيون.

٢٦. اسين پاڻ کي هميشهہ سڀني ڳالهين ۾ سٺو سمجهي رهيا آهيون. ڪير بہ پاڻ کي گهٽ نہ ٿو سمجهي، پر سٺو اهو ئي آهي جنهن کي ٻيا سٺو چون ۽ سندس گڻن جي ساراهہ ڪن.

٢٧. گيڙو ڪپڙن پهرڻ سان ڪو سٺو ساڌو ڪونہ ٿي پوندو آهي. هن جي هلت چلت،وهنوار ئي سندس گڻن جي سچائيءَ جو پرماڻ ڏيندي آهي.

٦. اسين پهرين من کي جاڳائي چت ۾ وئراڳي ويچار آڻيون. اندر ۾ گيان ۽ وئراڳ جي جوت جڳائي نرمل هڏيءَ سان سيني کي ڏسون. اهڙو ابياس ڪرڻ سان اسان جي من جي ملينتا دور ٿي ويندي.

٧. سک ۽ دک هڪ سڪيءَ جا ٻه پاسا آهن. جي سک ملي ته بود ۾ پرجي نه وڃجي. جي دک اچي ته پريشان نه ٿجي. سک ۽ دک کي هڪ سمان سمجهي پرڀوءَ جو شڪر ڪرڻ گهرجي. چاڪاڻ ته سک هرڪو چاهي ٿو دک کان دور ٿو ڀڄي. پر هن سنسار ۾ ٻئي ملتا آهن. ڪير به اُنهن کان ڇوٽڪارو نٿو پائي سگهي.

٨. اسين وڏا وڏا سپنا ڏسي مٿي پيا اُڏامندا رهندا آهيون. پر جي اُهي پورا نه ٿيندا آهن ته ڀڳوان کي ڏوهه ڏيئي پاڻ کي ٺيڪ پيا سمجهندا آهيون. هڪ ڏينهن ۾ ڪوبه لکاپتي ڪونه ٿي سگهندو آهي اُن لاءِ ڪيس اُدم ڪرڻو پوندو آهي. محنت ڪري سڦلتا پراپت ڪرڻي آهي.

٩. اسين ڏسون وينا ته چڱا ماڻهو غريبيءَ ۾ گذاري تڪليفون ڏسي پريشان ٿي رهيا آهن. ٻئي پاسي ائين به پيا ڏسون ته شيطان ماڻهو پنهنجي مستيءَ ۾ رهي موجون مناڻي رهيا آهن. پوءِ اسين دل ئي دل ۾ ايشور کي دوشي ٺهرائي هن کان انصاف جي گهر ڪري رهيا آهيون. اها خبر ڪونه اٿئون ته بري ڪرم جو ڦل بروئي ٿيندو آهي. گهڻو وقت مزو ماڻي ڪونه سگهبو آهي.

١٠. ڪوبه ظالم ڪڏهن به آرام جي ننڊ سمهي ڪونه سگهندو آهي. پرڀوءَ وٽ دير آهي پر انڌير ڪونه آهي. اهڙن ماڻهن جي درگتي ضرور ٿيڻي آهي. ڪوبه اتياچاري انسان ايشور جي نيم کان بچي ڪونه سگهيو آهي.

جون

١. ڪروڌ ڪرڻ سولو آهي. جنهن تي سنتن مهاتمائن به فتح ڪونه پاتي آهي. ڪروڌ جو طوفان اندر ۾ ايندو آهي ته وري گهٽ تيڙ جو نالو ئي نه وٺندو آهي. ڪروڌ ڪرڻو آهي ته پنهنجي ويچارن ۽ وڪارن تي ڪريون، نه ته ڪروڌ بيڪار ۾ پريشان ڪندو رهندو.

٢. سچو انسان اڄ دکي پوڳي رهيو آهي. سک سهنج جو ڪيس ڪوبه ساڌن ڪونه ٿو ملي. ٺڳي ۽ دوکي باز ماڻهو جيون جو مزو ماڻي خوش ٿي رهيا آهن. پريوء وٽ دير آهي انڌير ڪونه آهي. هو پوري وقت اچڻ تي کين سزا ڏيئي پريشان ڪندو آهي.

٣. جيڪو انسان ”مون“ ڌارڻ ڪري ٿو اهو دنيوي ٻنڌنن کان مڪتي پائي سگهي ٿو. ائين هرو پرو ڪونه آهي، ته سنساري ڪمن ۾ چاهه نه وٺجي يا تلانجلي ڏيئي ويهون پر هر ڳالهه جو پورو اپياس ڪريون. مون ڌارڻ سان اسان کي سٺي صحت ۽ شڪتي ملندي رهندي. اندر ۾ آنند ملندو. پوءِ هر ڳالهه ۾ اسان کي سهوليت ٿيندي رهندي. ماٺ ۾ رهڻ ۾ جيڪو مزو آهي اهو ٻيءَ ڪنهن به ڳالهه ۾ نه آهي. ماٺ جو مزو ماڻيون ۽ جيون سڦل ڪريون.

٤. اسين پنهنجي جيون سڦل ڪرڻ چاهيون ٿا ته سيني سان پريم ونڊيندا رهون. محبت سان هلڻ ۾ ئي آنند ملندو آهي.

٥. اسين مايا روپي سنسار تي جلد موهت ٿي ٿا وڃون پوءِ دکن کي پراپت ٿا ڪريون. جي اسين انهن کان دور رهي سچي ڀاوَ ۾ پريو پوڄا ڪريون ۽ شيوا ڪاريه ۾ پنهنجو وقت گذاريون ته سچو سک پراپت ڪري سگهنداسين.

آهي. اهڙيءَ سنگت کان دور رهون.

۱۸. عطر پنهنجي سڳنڌ پاڻيهي پيو ڏيندو آهي. ڳٽو ان پنهنجي لڪڻ سان هر ڪنهن کي پيو موهي سگهي رکندو آهي پر اوڳٽي ماڻهو سيني کي ستائي پريشان ڪندو رهندو آهي.

۱۹. ڪروڌي ماڻهوءَ جو ڪروڌ پنهنجي من ۾ آڳ لڳائي ٿو. پر جنهن تي ڪروڌ ڪري ٿو ان کي به پريشان ڪري تڪليف ڏئي ٿو. ڪروڌي ماڻهو ساڙ پاڇ ۽ ضدي سڀاءَ جو ٿيندو آهي. هن کي وويڪ ڪونه هوندو آهي. هو ڪنهن جو ڀلو ڪڏهن به ڪونه چاهيندو آهي.

۲۰. ڪروڌ، بيوقوفيءَ ۽ اُبهرائيءَ سان جلد ئي شروع ٿيندو آهي. ٿڌي ٿيڻ کان پوءِ پڇتائڻ کان سواءِ رهي نه سگهندو آهي. غصي وارو ماڻهو چڪر کائي ڪِري به پوندو آهي. سندس رت جو دورو تيز ٿي کيس پريشان ڪندو رهندو آهي. ڪنهن مهل ته سندس دل اوچتو ئي بيهي ويندي آهي.

۲۱. ٻين جي چوڻ تي اسانکي بلڪل هلڻ نه گهرجي. سوچي سمجهي اڳتي قدم کڻڻ جي ڪوشش ڪريون. ٻيو ڪڏهن به دوکو ڏيئي اسانکي دکي ڪري سگهي ٿو. پوءِ پڇتائڻ کانسواءِ چاڙهو ڪونه هوندو آهي.

۲۲. پنهنجي سرير کي وشين وڪارن ۾ ڦٽڪائڻ نه گهرجي. سرڳ جو سک ڀوڳڻ چاهيون ٿا ته به اسان جي من کي ترپتي ملي ڪونه سگهندي. فقط پرملر تي ڀڳتي ڪرڻ ئي سکدائي آهي.

۲۳. جيڪو انسان بنا ڪنهن مطلب جي سڀ ڪم ڪاريون ڪري ٿو. جنهن جي گهر ۾ ممتا موه، ڪروڌ ۽ لوڀ جون واسنائون نه آهن. اهو ئي سيني کي هڪ سمان سمجهي آنند پلئي سکي رهي سگهي ٿو.

۲۴. پاڻ کي ڪڏهن به اڪيلو نه سمجهون. پريو اسان سان هميشه ساڻ آهي، ان کي پڪاري پرارٿنا ڪريون. هو هر وقت سهايتا ڪرڻ لاءِ

١١. مورکہ ماڻهو هميشھ دکي رهي ٿو. ٻئي جي گهر ۾ رهڻ ۾ بہ دکہ ملي ٿو. ان ڪري هرڪا ڳالهہ سوچي سمجهي ڪرڻ سان ئي جيون سکہ مئہ ٿئي ٿي.

١٢. سٺي ۽ نيڪ انسان کي هرڪو پسند ڪندو آهي ۽ کيس عزت ۽ مان هر هنڌ ملندو رهندو آهي. وچولي درجي جا ماڻهو فقط ڌن ۽ مان مرتبي جي ڳولها ۾ رهي پريشان ٿيندا رهندا آهن جو کين ملي ڪونہ سگهندو آهي.

١٣. آلسي ماڻهو وديا پراپت ڪري ڪونہ سگهندو آهي. پنهنجو سڀ ڪجهہ ٻئي کي ڏيڻ سان پنهنجي حالت خراب ڪرئي آهي. ان ڪري حالتن آهر هر ڳالهہ کي منهن ڏيڻ جي همٿ رکڻ گهرجي. سوچي سمجهي قدم اڳتي کڻڻ گهرجي.

١٤. قرض کٽي گهر جو ڳاڏو گهليندڙ پتا اولاد جو دشمن آهي، ويچاري ماتا پنهنجي اولاد جي دشمن آهي. سهڻي سندر استري ويس وڳا ڪندڙ پتي جي دشمن آهي. مورکہ اولاد پيءُ جو ويري ٿيندو آهي.

١٥. جي اسين گهبرايل آهيون. تڪليفون ويڙهي وييون آهن. گهٽنئي قسمن جا ڏپ اسانکي پريشان ڪري رهيا آهن تہ ماٺ جو مزو وٺي ڏسون. شانت ۾ رهڻ سان وڏا وڏا ڪم حل ٿي ويندا آهن.

١٦. اجائي بڪواس، گهڻو ڳالهائڻ ۾ اسين پنهنجي شڪتي بيڪار ۾ ناس ڪري ٿا ويهون. ان مان ڪو بہ حل نڪري ڪونہ ٿو سگهي جي اسين صبر کان ڪم وٺي شانت ٿي ويهي انهن جو اپياس ڪنداسين تہ آرام سان سڀ ڪجهہ سولو ٿي پوندو.

١٧. بري سنگت ڪوئلي جهڙي آهي. تپندو آهي تہ ساڙي ڇڏيندو آهي. ٺرندو آهي تہ رکہ اسان کي ڪارو ڪري ڇڏيندي

جولاءِ

١. اسان کي خبر آهي تہ سک شانتيءَ ۾ ملي ٿو. پوءِ اهو دک ڇين جي ڳالهين ۾ پئي ڇو پيا پوڳيون. صبر ۽ شانتيءَ ۾ ئي آنند ملندو آهي.

٢. اسان ۾ عيب اپار آهن، جن جي ڇاڻ ڪين اٿئون. پريو ئي تارڻ وارو پار پهچائڻ ۾ سمايتا ڪرڻ وارو آهي. ان کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪريون. ان ڪري اچو تہ هلي سندس شرڻ وٺي، سچو سک پراپت ڪريون.

٣. سدائين سادي جيون گهاريون. سٺا ويچار رکون. حق جي وات وٺي ڪوڙ ڪپٽ کان دور رهون. بزرگن جي شرن وٺي آنند ماٺيندا رهون.

۴.فضول خرچ نہ ڪريون. بي ڪار جون ڳالهيون ڪري وقت برباد نہ ڪريون. سوچي سمجهي سڀ ڪم ڪرڻ ۾ آنند ملندو آهي.

٥. ڏسڻ ۾ ائين ٿو اچي تہ اسين پنهنجي سوارٿ پوري ڪرڻ لاءِ ئي پئدا ٿيا آهيون. فرض نڀائڻ لاءِ ڪوبہ تيار ڪونہ آهي. پنهنجن پراون ۾ ڪوبہ فرق ڪونہ ٿا سمجهون. جئين وٺي تئين هيءَ زندگي پيا گذاريون. ان ۾ ئي آنند ٿا سمجهون پوءِ نيٺ دکي ٿيندا ٿا رهون.

٦. عيش عشرت ۾ غلطان ٿي پنهنجي جيون پيا جيئون. جيئڻ سولو سمجهي، مرڻ کي ڏکيو ڄاڻي پيا هلون. ڪنهن مهل تہ جيئڻ ئي جنجال ٿي پيو آهي. ڇاڪاڻ تہ اسين لوڀي ٿوڳي ٿي پاڻ کي لڪائي پيا گناهہ ڪريون. پريو تہ ڏسي ويٺو اهو حساب پورو چڪائيندو. ماٺهو ڀل ڪاجهہ بہ نہ ڏسن. پر نيٺ اهڙو ماڻهو پڌرو ٿي پوندو آهي.

بوڙي اسان وٽ اينلو ۽ اڇي پلر پهاڇائيندو.

٢٥. ايشور جي دربار ۾ ودوان جو ملهه ڪونه ٿيندو آهي. اتي فقط سچائيءَ ۽ اخلاق جي ضرورت آهي. پوءِ هن سنسار جي چال چلگت جي قيمت نه رهندي آهي.

٢٦. ٻين سيني جا سٺا گڻ ڏس پنهنجن عيبن کي ٺيڪ ڪرڻ جو يتن ڪريون. پنهنجو هردو شد رکي ٻين جو ڀلو ڪندا رهون.

٢٧. پنهنجو مطلب سد ڪرڻ لاءِ ڪوڙ نه ڳالهايون. پنهنجي زبان هميشه مٺي رکون. وهنوار ۾ سيني سان صاف رهون.

٢٨. ڪو به ڪم ڪريون ته اُنکي پورو ڪرڻ لاءِ قسمت تي نه ڀاريون. قسمت تڏهن ٺهندي آهي جڏهن پنهنجي ڪوشش پاڻ ڪبي رهبي آهي.

٢٩. پنهنجون ترشنائون گهٽايون. سيني سان پريم ڪريون. موُت جي لاءِ هميشه تيار رهون. ڇاڪاڻ ته اها مسافري هر ڪنهن کي ڪرڻي آهي. ڪو به ڇٽل نه آهي.

٣٠. رات جو اونده ۾ اڪيلو وهڻ سان ڊپ محسوس ڪرڻ نه گهرجي. اسان کي خبر هئڻ گهرجي ته اسان جو مالڪ پريو هميشه اسان سان ساڻ آهي جو هر وقت اسان جي سار سنڀار پيو لهي. پوءِ ڊپ ڇا جو آهي؟

شڪر ڪريون

اسين قدرت جي ڀيٽن کي سمجهي نٿا سگهون ان ڪري خاموش رهون. جيڪي ڪجهه مالڪ ڪري ٿو اهو اسان جي بهبوديءَ لاءِ ٿو ڪري پنهنجو صبر وڃائي گهبرائجي نه وڃون. پر هميشه صبر ۽ شڪر اختيار ڪريون. ڇاڪاڻ ته اسان جي هرڳالهه جو خيال رکڻ وارو مهربان پريو هروقت موجود آهي.

نہ آهي. اسان کي خبر هئڻ کپي تہ اسين پنهنجي ڀاڳہ کي خود ٺاهڻ وارا آهيون. قسمت اسان جي ڪوشش سان ٺهي ٿي پنهنجي ڀاڳہ لاءِ ٻئي کي دوش ڏيڻ اجايو آهي. پنهنجي هلت چلت کي بدلايون. سٺا ڪرم ڪري جيون سڌاريون. پريوءَ کي هر وقت ياد ڪندا رهون تہ اسان جي قسمت بدلجي ويندي. ٻيو ڪير بہ انکي ڦيرائي ڪونہ سگهندو آهي.

١٣. اسين سچو سکہ چاهيندي بہ پاڻ کي چنتائن ۾ ڦاٿا رکون پوءِ دکہ ڀوڳي پريشان ٿيندا ٿا رهون. اسان جي دکن جو ڪارڻ آهي من جو اسنتوش رهڻ. تمنائن ۾ پاڻ کي ويڙهي رکڻ. نراشا وادي ٿيڻ. ان اشانتيءَ جي ڪري اسين سکي رهي نٿا سگهون.

١٤. برا ڪرم اسين پنهنجي سوارٿ وس ٿي ڪري رهيا آهيون. سرير جي روڳہ ڪارڻ انهن ڳالهين ۾ ڦاٿل ٿا رهون. جڏهن ان اهنڪاري سڀاوَ جو تياڳہ ڪنداسين تہ پوءِ اسان کي اهو دکہ نظر نہ ايندو. پريوءَ جي ڏنل ڳنج تي راضي رهي سکي رهنداسين.

١٥. جنهن ماڻهوءَ جي منهن تي مرڪ نہ آهي اهو چڱ تہ کلي خوش ٿي نہ چاٿي. اهڙي ماڻهوءَ وٽ وڃڻ ۾ هرڪو ڀيو ڪيپائيندو آهي. خوش مزاج انسان وٽ هرڪو پهچندو ويندو آهي جو هو بہ خوش ٿي کلي کيڪاريندو آهي. پنهنجي خوشيءَ جي خزاني مان ٻين کي بہ ڏيئي خوش رکندو آهي.

١٦. اسان کي پاڻ مان سوارٿ ڪيڻ کپي. ڇا سٺو آهي ۽ ڇا خراب آهي. سچ ڇا آهي ڪوڙ ڇا آهي؟ صحيح چونڊ ڪرڻ سان ئي اسين پنهنجي اندر ۾ سچو آنند جو چشڪو وٺي سگهنداسين. غلط درشٽي ڌارڻ سان اسين اهو سچو آنند وٺي ڪوبہ ڦل پراپت ڪري نہ سگهنداسين.

٧. اسان کي ڪنهن به ڪم ڪرڻ ۾ تڪر ڪرڻ نه کپي. جهڙو ٻج پوکبو اهڙو ئي ڦل مقرر مدي کان پوءِ ملندو آهي. ايشوري نيم موجب جتي اسين دخل ڏينداسين اتي چوٽ کائڻي پوندي آهي.

٨. اسان ۾ جي آتم وشواس جي کمي آهي ته ڪڏهن به ڪوبه همٿ وارو ڪم ڪري ڪونه سگهنداسين ۽ هر هنڌ اسان کي ناڪاميابي پيئي ملندي. جي اسان ۾ محڪم ارادو آهي ته سڦلتا جي راهه تي جلد ئي پهچي ڪاميابي حاصل ڪري سگهنداسين.

٩. بکايل کي روٽي کارائي سندس بک دور ڪرڻ. پياسيءَ کي پاڻي پياري هن جي پياس بجهائڻ. بيمار کي پيار ۽ همدرديءَ جا ٻه ٻول ٻڌائي کيس وندرائڻ ۽ راهه ڏيکارڻ. اهو ڪم دکي دل جي ڦٽن تي ملم لڳائڻ جي برابر آهي. اسان جي اهڙي ورتاءَ سان هن جي دل کي آٿت ملندو ۽ هو ائين سمجهندو ته هن سنسار ۾ ساڻس همدردي ڪري دک کي دور ڪرڻ وارا به ڪيترا سندس ساٿي آهن.

١٠. اسان وٽ جيڪا خوشي آهي اها جيڪڏهن ورهائينداسين نه، ته پوءِ اهو خوشيءَ جو خزانو جلد ئي کٽي ويندو. پاڻ خوش رهي ٻين کي به ان جو سواد وٺائڻ سان وڌيڪ آنند ملي ٿو. سوارٿي ماڻهو خوش رهي ڪونه سگهندو آهي. هو هميشه اُداس رهي دک پيو ڀوڳيندو آهي.

١١. دکي انسان سان جي اسين همدردي ڪنداسين ۽ کيس پيار ڏينداسين ته هو پاڻ کي اڪيلو ڪونه سمجهندو. هن کي همٿ ملندي ۽ قدرت جو وهنوار ڏسي ان مالڪ جو ويچار ڪري پاڻ کي سکي سمجهندو.

١٢. نصيب آزمائڻ لاءِ اسين ڦيٽاڻا ڪندا آهيون. اهو نيڪ

۲۲. هڪ غريب مسڪين، خالي هٿن سان مندر ۾ وڃي ٿو سندس چريتر پوتر آهي. هن ڪنهن کي ڪڏهن به دکي نه ڪيو آهي. ڪنهن کي پنهنجي سوارٿ جو شڪار نه بڻايو آهي. تن من ڌن سان پنهنجو وهنوار شڌ رکيو آهي ان جي پوڄائي پريو سويڪار ڪندو آهي.

۲۳. وشواس، سنتوش تڏهن اسان کي ملندو جڏهن اسين نمرتا سان پريوءَ جي درتي پرارٿنا ڪندا رهنداسين. ائين ڪرڻ سان اسان جي من ۾ آيل نراشا جا ويچار دور ٿي ويندا پوءِ پاڻ کي نئون جيون ڏيئي سکي رکي سگهنداسين.

۲۴. جئن فوٽ بال ۾ هوا پري راند ڪبي آهي. هيڏانهن هوڏانهن اُڇلائي ڌڪ هڻي ويهي مزو وٺبو آهي. آنند پيو ايندو آهي. اهڙيءَ طرح اسين به بال وانگر آهيون. اندر ۾ هوا ايمان جي ڦوڪي ويٺا اهنڪار جي انڌ ۾ ڌڪا کائون. ان ڪري ان اهنڪار کان دور رهي نمرتا سکون.

۲۵. شاهوڪار پنهنجي ڌن جي نشي ۾ اهنڪاري ٿي رهي ٿو. انساني گڻن کان آهستي آهستي دور رهي ٿو. ڌن جي سنڀال جي چنتا کيس هر وقت دپ ۾ ستائي کيس ڪپٽي بڻائي ٿي ڇڏي. ان وقت کيس ڪو به پيار به نٿو ڏئي. ڪٿان به کيس سک ڪونه ٿو ملي. پين وٽ وڃڻ ۾ به کيس دپ ستائي ٿو. ماڻهو به وٽس وڃڻ کان ڪيٻائيندا رهن ٿا. اهڙو انسان جي ڌنوان ٿيو ته ڇا ٿيو؟ رواجي غريب کان به ويل ڇٽبو.

۲٦. اسين آنند کان محروم تڏهن ٿا ٿيون جڏهن اسين ٻاهر ڀٽڪي ان کي ڳولهي رهيا آهيون. اهو آنند اسانکي دنيا جي موج مستيءَ ۾ ڪونه ملي سگهندو. اهو ته اسان جي اندر ۾ ئي سمايل آهي. جهاتي پائي ڏسون.

۲۷. جن به لڳاتار اڀياس ڪيو آهي ۽ اُدم ڪري نشڪام

۱۷. پرڀوءَ جي درٻار ۾ ڌنوان جي عزت نہ آهي پر ان غريب جي جيڪو شڌ ويچار ڀاوَ، پوترءِ وشواس وارو آهي. ان جو قدر ٿيندو آهي. شرڌا، ڀڳتي ۽ ڀاونا وارن کي ئي هن جي در تي وڃڻ سان ئي عزت ملي ٿي ڇاڪاڻ تہ هنن جي من جي پوترتا ۽ شڌتا سان ئي پرڀوءَ جو سنٻنڌ جڙيل آهي.

۱۸. ڪروڌ ڪرڻ، حسد، ايرکا، بدلي وٺڻ جي ڀاونا رکڻ وارو ان اگنيءَ ۾ پيو جلندو رهندو آهي. جيستائين اهو بدلي جي باھہ ٺڌي نہ ڪندو آهي تيستائين پيو ٻرندو رهندو آهي. هن جي دل پريشان رهندي آهي. دماغ پاڳل ٿي ويندو آهي. ان ڪري اهڙين ڳالهين کان پاڻ بچائي رکون. ان جي بدران پنهنجي اندر ۾ پريم ۽ ڀائپيءَ جو گڻ ڌاريون تہ سيتل ۽ سنتوشي ٿي آنند وٺندا رهنداسين.

۱۹. جيڪڏهن خوشي ڏيڻ سان وڌي ٿي. من پرسن رهي ٿو پوءِ اها ٻين کي ڏيڻ ۾ اسين ڪنجوسي ڇو پيا ڪريون؟ پرڀوءَ اسان کي سڀ ڪجھہ ڏنو آهي. سکي ڪيو آهي تہ پوءِ ڇونہ ان جو فائدو وٺي ٻين کي سکہ ڏيون، اسان جي خوشيءَ ۾ گھٽتو واڌارو اچي ويندو.

۲۰. سچو داني اهو پرش آهي جيڪو دل کولي پنهنجي هٿن سان دان ڪري ٿو. ڏيئي وري پٺيان نٿو نهاري. ان تي ئي پرڀو راضي ٿيندو آهي. دان ڏيئي ناموس ڪرائڻ وارو پرش ڪڏهن بہ آنند ماڻي نہ سگھندو آهي.

۲۱. مندر ۾ ڦول مالهائون چاڙهڻ ۽ اگربتيون ڪٽي وڃي پاٺ پوڄائون ڪرڻ چاهيون ٿا اهو سڀ ٺيڪ آهي پر من صاف آهي، وهنوار سٺو آهي، اسان جي سچ جي ڪمائي آهي تہ ايشور اسان جي پوڄا ضرور سويڪار ڪندو ۽ منوڪامنائون بہ پورڻ ڪندو رهندو.

آگسٽ

١. شيوا ڪرڻ جو وجهہ مليم تہ هتن مان نہ وڃايان، ائين نہ سمجهان تہ اهو ڪم مان ئي ڪري سگهان ٿو ٻيو ڪير بہ ڪري ڪونہ سگهندو. اهڙو اهنڪار من ۾ آيو تہ شيوا جو ڦل اڳرو نڪرندو. ڪوبہ لاڀ مونکي ملي ڪونہ سگهندو.

٢. خوشيءَ ۾ مڙي وقت دوست مٽ مائٽ ساٿ ڏيندا اٿم. تڪليف وقت ڪير بہ ڪونہ پڇندو اٿم. انڪري سوچي سمجهي چڱيءَ طرح سچائي رستو رکي وهنوار ڪندو رهان.

٣. امير ۽ غريب لاءِ چريتر تمام ضروري آهي. بنا چريتر جي سماج ۾ وهڻ اُٿڻ تمام مشڪل ٿي پوندو آهي. ان ڪي ٺيڪ رکڻ اسانجو پهريون فرض آهي. پوءِ ئي اسين هر قدم تي ڪامياب ٿي اڳتي وڌي سگهنداسين.

٤. جنهن انسان جا ويچار شڌ آهن، ان کي چنتا ڪرڻ، دکہ ۾ رهڻ يا ڪنهن بہ غلط ڪم ڪرڻ جو خيال دل ۾ اصل ڪين ايندو. هو هميشهہ سٺا نيڪ ڪرم ڪري سکہ ماڻيندو رهندو آهي.

٥. پنهنجي ڪرمن کي ڪڏهن بہ ڏوهہ نہ ڏيان. محنت ۽ اُدم ڪري جيڪي مشڪلاتون مٿان اچي ٿيون، اُنهن کي دور ڪرڻ جو يتن ڪريان. پربو مونکي پنهنجي سچائيءَ ۽ ايمانداريءَ تي هميشهہ ساٿ ڏيندو رهندو. چاڪاڻ تہ ايشور هميشهہ منهنجو ڀلو چاهي ٿو. ۽ هو منهنجي لاءِ سڀ سٺو ڪري آنند ڏيندو رهي ٿو.

٦. جيون جي ضرورتن کي پورو ڪرڻ لاءِ ڌن هڪ ضروري ڳالهہ ٿي پيئي آهي. غريب هجي يا شاهوڪار هجي هر ڪنهن کي پئسي جي ضرورت محسوس ٿئي ٿي. ڌنوان ڌني ٿي وهي

ڪرم ڪيا آهن اُنهن ئي جس ڪمايو آهي. هن دنيا ۾ سڦلتا پائڻي آهي تہ ڪرم ڪري اڳتي وڌڻو آهي. مٿ ڪري وهندڙن کي ڪابہ ڪاميابي ملي ڪونہ سگهندي.

٢٨. اسين چاهيون تہ هڪ ڏينهن ۾ ئي لکاپتي ٿي آنند ماڻيون. اهو مقصد ڪٿي جي اسين اڳتي قدم کڻنداسين ۽ ان لاءِ محنت ۽ اُدم ڪنداسين تہ سڦلتا ضرور ملندي پر جي فقط خواهش ڪندا رهنداسين تہ ڪجهہ بہ پلئہ ڪونہ پوندو.

٢٩. جي اسان کي سرڳہ کپي تہ چڱا ڪرم ڪريون. سيني کي پاڻ جهڙو سمجهي سٺو وهنوار ڪريون. پوءِ سڀ ڪجهہ ملي ويندو. پر جي برا ڪرم ۽ برا سنڪلپ ڪنداسين تہ پوءِ هن دنيا ۾ دکي ٿي تڪليفون پوڳي نرڳہ ۾ ٿيون پيا هٽنداسين.

٣٠. پوڄن ڪرڻ سان سرير رشٽ پشٽ ٿئي ٿو. پريوءُ کي ياد ڪرڻ سان سڀ دکہ دور ٿين ٿا. سيني پراٿين جي شيوا ڪرڻ سان اسان جي جيون سڦل ٿئي ٿي.

٣١. اسين فقط سکن جي پٺيان پيا ڊوڙون تہ ملن، پر دکہ اچي ٿو تہ گهبرائجي ٿا وڃون. جي پنهنجا فرض پورا ڪندا رهنداسين تہ ضرور سکہ ملندو رهندو.

بي قدر نہ ٿيون !

ڪابہ شيءِ اسان کي جڏهن مفت ۾ ملندي آهي تڏهن ان جو قدر ڪونہ ڪندا آهيون. پر هاڻي شيءِ محنت ۽ ڪشالن سان هٿ ڪندا آهيون يا پنهنجا پئسا خرچ ڪندا آهيون تہ ان جو ڏايو قدر ڪندا آهيون. ائين اسان کي ڪرڻ نہ گهرجي.

خوش ٿي سندس ساراهہ ڪريون. اسين بہ اهڙا سٺا گڻ ڌاري اُنتي ڪندا رهون تہ مزو پيو ملندو.

١٢. جيڪي سنت ۽ مهاپرش دکہ سور تڪليفون سهن ٿا اُهي ايشور وٽان مليل پرساد ڪري سمجهن ٿا. هنن کي انهن ۾ آنند ملي ٿو هو ڪڏهن بہ دکي نٿا ٿين. پر اسين ٿوري ئي تڪليف ملي ٿي تہ گهبرائجي پرڀوءَ کي ڏوراپا ڏيندا ٿا رهون.

١٣. اسان جا خيال اسانجي اندر ۾ اُٿل پُٿل مچائي ٿا ڏين. جي اسين ماٺ جو اڀياس ڪنداسين تہ سيني خيالن جو اُتر پاڻيهي اسان کي ملي ويندو. ماٺ ميٺ ۾ رهڻ سان گهڻو آنند ٿو ملي.

١٤. جي اسين اندر جي شانتي ٿا چاهيون تہ شانت جو اڀياس ڪريون. آرام سان سمهي ننڊ ڪريون. ننڊ ڪرڻ سان اندر کي آنند ملي ٿو. اهو آنند اجايو سوچڻ سان ڪونہ ملي سگهندو آهي. اندر ۾ غوطا کائڻ سان سڀ ڪجهہ اَڳيان ظاهر ٿي پوندو آهي.

١٥. اسين جيڪڏهن ڪنهنجو برو ٿا سوچيون يا ڪريون تہ ان مان اسان جو ئي نقصان ٿيڻو آهي. ايشور نربل جو سهايڪ ٿيندو آهي. اجايو اسين ڪوٽن ڪمن ڪرڻ ۾ چو ٿا وقت وڃائي پنهنجي جيون بيڪار بڻائي دکي ٿيون.

١٦. جيڪڏهن اسان جي اندر ۾ ديا جو انگہ آهي تہ اسين ترم جي راهہ تي هلي سيني جو ڀلو چاهيندا رهنداسين. جي نہ آهي تہ پاپي بڻجي براين ۾ مبتلا ٿي دکي پيا گذاريندا سين.

١٧. اسين پاڻ کي هميشهہ تندرست رکون. وڪارن کان دور رهون. ٻين جا گڻ ڏسي انهن جو دل ۾ ٿيان ڌريون. اهنڪار کي پنهنجي اندر مان ڪڍي ڇڏيون. تڏهن اسين سچي ۽ سٺي زندگي گهاري سگهنداسين.

ٿو تہ هن جو اخلاق ڪِري ٿو پوي. سندس گڻ بدلجي اوگڻ جو روپ ٿا وٺن. پاڻ کي وڏو سمجھي اهنڪاري ٿي ٿو پوي، سندس ساٿ ڏيڻ تان ماڻهو پري ٿي ٿا وڃن. جيڪڏهن هو پنهنجون لياقتون سڌاري ٿو تہ کيس آنند ملي ٿو نہ تہ هو مفلس ۽ مسڪين ٿي پنهنجي جيون گذاري ٿو. اهڙي انسان کي پري کان ئي نمسڪار ڪرڻ کپي.

٧. وديا وٺي جيڪو نمرتا نٿو سکي ان جي سکيا بيڪار آهي. ودوان ماڻهو هميشہ پريوءُ جي ويڇهو رهندو آهي. من مان وڪار ڪڍي نروڪاري ٿي رهندو آهي. انتي سيني جي آسيس تيندي رهندي آهي.

٨. هر انسان کي نرمل ۽ پوتر بڻجڻ جو اُدم ڪرڻ گهرجي. اسان ۾ ڪيترا ئي اوگڻ ۽ ڪين هجن پر جي انهن جي خبر پوي ۽ انهن کي دور ڪرڻ جو يتن ڪنداسين تہ ڏاڍو آنند ملندو رهندو. هر غلطيءَ لاءِ پڇتاءُ ڪرڻ ۽ معافي وٺڻ ضروري آهي. وري اهڙي غلطي نہ ڪرڻ جو قسم کڻڻ کپي.

٩. حاسد ۽ لوڀي ماڻهوءَ کي پنهنجو دک اهڙو نٿو ستائي جهڙو ٻين جو سک بنگلا ماڙيون ڏسي کيس پيڙا ٿئي ٿي. اهڙو ماڻهو ڪڏهن بہ اُنتي ڪري ڪونہ سگهندو. سندس خوشي موڪلائي ويندي ۽ روڳي ٿي زندگي گهاريندو رهندو آهي.

١٠. پنهنجو ڀلو ڪرڻ لاءِ ٻين جو نقصان ڪرڻ وارا ڪڏهن بہ سکي رهي ڪونہ سگهندا آهن. دان ڪرڻو آهي تہ وديا جو دان ڪجي جنهن مان اڳلي جو ڀلو ٿي سگهي ۽ اسان کي بہ راحت ملي.

١١. اسين سدائين گلاب جي گل جيان ٽڙندا ۽ خوشبوءِ ڦهلائيندا رهون. ستا سڪرت جا ڪم ڪري سيني جو ڀلو ڪندا رهون. ڪنهن کي بہ ڪيرائڻ جي ڪوشش نہ ڪريون پر

برا ڪم ڪرڻ سان پاپ جي راهه ۾ نه ڪرون. انڪري هرڪو ڪم سوچي سمجهي ڪرڻ سان آنند ملندو رهندو آهي.

٢٤. اسان کي پنهنجي سوارٿ کي ڇڏي پر اُپڪاري ٿي اڳتي وڌڻ گهرجي. ڪوبه سٺو ڪم ڪرڻو آهي ته جلد ئي ان کي ڪري پورو ڪجي. سچو داني اهو آهي جو هو ضرورت مند کي ڏيئي هن جو دک دور ڪري ٿو. جڏهن به ڪو موقعو ملي ته اهو سٺو ڪرم ان وقت ئي ڪري دل کي راحت ڏجي.

٢٥. جيڪو انسان اِستري شڪتيءَ کي پنهنجي ماتا جو روپ ڪري نٿو سمجهي. ڪيس عزت ۾ مان نٿو ڏئي ته اُن جي جيون روپي گاڏي اڳتي وڌي ڪين سگهندي. هن کي ڪابه سوپ پراپت ڪونه ٿيندي. خوش رهڻ جو اصول اڳيان رکڻو آهي ته هر ناريءَ جي عزت ڪري ڪيس مان شان سان هلائيندو رهجي.

٢٦. اسين مکه سان سيني کي چئون ٿا ۽ قبول به ڪريون ٿا ته اسان جو پريو هرهنڌ حاظر ناظر آهي. پر دل سان شايد قبول ڪونه ٿا ڪريون. چئون هڪڙي ڳالهه ٿا پر ڪريون ٻي پيا. تڏهن ته پاپ وڌندو ٿو رهي. پاڇ جو نالو رهيو ئي ڪونه آهي. اسان جو وهنوار اُلٽو ٿي رهيو آهي. اُلٽا سُلٽا ڪرم ڪري پنهنجي جيون وڏيڪ تڪليف واري ۽ دکي بڻائي رهيا آهيون.

٢٧. لوڀ لالچ ۾ ڦاسي برا ڪم ڇو ٿا ڪريون؟ هيءَ دنيا فاني آهي. اسين مورکه آهيون. جي ساچ سمجهون ته سچو آنند پايون.

٢٨. چڱي ڪم ڪرڻ لاءِ انتظار ڪندو رهجي. جڏهن به اهڙو وجهه ملي ته ڪيس ڇڏي نه ڏيون ۽ اهو موقعو وڃائڻ سان پڇتاءُ ڪرڻ کان سواءِ ٻيو ڪاجهه به نصيب نه ٿيندو.

٢٩. هن زندگيءَ جو سفر ننڍو ٿيندو آهي، ان کي سمجهون مرتيوءَ جي اچڻ جو وقت مقرر ٿيل نه آهي. ان ڪري چڱا

۱۸. جيون ۾ ڪوبہ اُديش حاصل ڪرڻ لاءِ من جي ايڪاگرتا، اُدم ۽ وشواس هئڻ ضروري آهي. پنهنجي هردي ۾ سيني لاءِ پيار ۽ همدرديءَ جي ڀاونا رکي وهنوار ڪرڻو آهي. ڪنهن جو بہ برو نہ سوچڻو آهي. سيني جو ڀلو سوچي پنهنجي جوابداري نڀائڻي آهي.

۱۹. اهنڪاري ٿي پنهنجي اندر ۾ دئيش ڀاوُ نہ رکون. ائين جي اهنڪاري ٿي هلنداسين تہ پوءِ ضرور ڪِري پونداسين. اسان ۾ اها پويترتا نہ رهندي. اندڪار ۾ پيا ٿڀيون ڏيندا رهنداسين.

۲۰. ٻين کي پرڀوتا ڏيڻ ڇڏي پنهنجي من کي سڌاريون. اهو جيڪڏهن سڌري ويو تہ اسان جي سڀي چنچلتا دور ٿي ويندي ۽ پوءِ سچو انسان سڏائڻ جي قابل رهنداسين.

۲۱. اسين ڪوشش پيا ڪريون تہ اسان جي اندر ۾ شانتي ۽ آنند اُتپن ٿئي، پر ان جي بدران، اشانتي، ڪروڌ، ڪلڪل کهپي، لوڀ ۽ لالچ وڌي ٿو وڌندو. جلي خاڪ ٿي رهيا آهيون. ان جو ڪارڻ اهو آهي جو نہ پنهنجو ڀلو ٿا چاهيون ۽ نہ وري ٻئي ڪي سکي ڏسي خوش ٿي ٿا سگهون.

۲۲. اسين چاهيون ٿا تہ اسين خوب مال مليدا ۽ طعام کائيندا رهون. پوءِ ڀل اسان جا پاريوارا بکہ ۾ پاهہ ٿيندا رهن. هر حال ۾ اسين خوش ضرور هجون. اها عادت سٺي نہ آهي. ونڊي ورهائي کائڻ ۾ مزو ملندو آهي.

۲۳. اسانجو من جيڪڏهن ڀٽڪندو ٿو رهي، اسٿر نہ آهي تہ ان تي ڦٽڪار وجهندا رهون تہ پوءِ هو ڪڏهن بہ ڪو اهڙو برو ڪم ڪونہ ڪندو، ان اُلٽي ڪم ڪرڻ تي پاڻ کي سزا ڏيندو رهجي. ماکي کائيندا آهيون تہ مٺي لڳندي آهي جي ڪريلا کائينداسين تہ اُهي ڪوڙا لڳندا، وري شايد نہ بہ کائون. تهڙيءَ طرح

سپٽمبر

١. اسان جي من جو ڪاڌو آهي اسان جا ويچار ۽ وهنوار. اسين جيڪي بہ سوچينداسين اهڙا ئي ڪرم ڪري ان موجب ٿينداسين. جي سٺا ويچار اسانجا آهن تہ اسين بہ سک ماڻي سگهنداسين ۽ ٻين کي بہ سک ڏيئي آنند ڏيندا رهنداسين. جي برا ويچار هوندا تہ اسان کي ڏک وڌيڪ ويندو. شرير روڳي رهندو پوءِ خوشي ملي ڪونہ سگهندي.

٢. اسان جو سرير بہ هڪ گهر آهي، ان کي سٺن ويچارن سان ڀري رکون. اجايا بيڪار جا ويچار ڪري اڱيان جي اوندهہ ۾ ٿاڦوڙا نہ هڻون. سٺا وڻندڙ ويچار هوندا تہ اندر کي آنند ملندو ۽ سرير بہ تندرست رهي ڪاريہ ڪندو رهندو.

٣. جن جي هرديہ ۾ اشانتيءَ جي آڳ آهي اُهي سکي جيون گهاري ڪونہ سگهندا آهن. ڇو جو هو پاڻ پيا جلندا رهندا آهن تہ ٻين کي بہ سيڪ ڏيئي پيا سارينداا رهندا آهن. اڄڪلهہ نہ ڌنوان سکي آهي ۽ نہ وري نرڌن سکي آهي، هر ڪنهن جي اندر ۾ اشانتي ڦهليل آهي. ڇو جو تمنائون وڌن ٿيون وڌنديون انڪري ائين ٿي رهيو آهي.

٤. ڪيترن سان پيار ڪري موهہ ۾ پيا اٽڪون. پوءِ پلا اسين سنتشٽ رهي ڪيئن سگهنداسين؟ ان موهہ جي ڪري هڪ ٻئي کان دور بہ نٿا ٿي سگهون. پر جڏهن موت اسان جي مٿان اچي ٿو ڪڙڪي تہ پوءِ شرير ڇڏڻ وقت سڀ ڪجهہ پاڻيهي ڇٽي ٿو وڃي. پوءِ بہ پاڻ کي اهڙي موهہ ۾ ڇو ڦاسائي ويٺا آهيون؟

٥. شيطان کي خبر آهي تہ اسين هن کان ڊڄون ٿا تہ هو اسان کي وڌيڪ پريشان ڪندو رهي ٿو. پر جي ان سان مقابلو

ڪرم ڪري جيون سڦل بڻايون.

٣٠. جيڪڏهن اسين سڀ پريم ۽ ميلاپ ۾ رهڻ چاهيون ٿا تہ دل درياہ بڻائي هڪ ٻئي جو ساٿ ڏيندا رهون. پوءِ هيءُ سنساري سفر پورو ڪرڻ ۾ اسان کي آنند ملندو رهندو.

٣١. جي اسين ٻين کي سک نہ ٿا ڏيئي سگهون تہ اُنهن کي دکي بہ نہ ڪريون. سڀني جي لٺ بڻجي اُنهن کي سهارو ڏيون. سچائي ۽ نمرتا سان سڀني کي پيار ڏيئي همدردي ڪريون. مٺي وهنوار سان سڀني کي وس ڪريون تہ اسان کي آنند ملندو رهندو.

فراخدل ٿيون

هر روز اسان کي ڪونہ ڪو متر ڳڏجي ٿو وڃي. جنهن کي اسان جي همدرديءَ جي ۽ اڪرن جي ضرورت هوندي آهي. اهڙا بہ گهڻيئي شخص اسان کي ملندا جيڪي دکي ٿي فڪر ۾ ڏينهن ڪاٽي، اندر ۾ پريشانين سان پريا پيا هوندا آهن. اسان جي مسڪراهٽ ۽ همدرديءَ جي ٻن اکرن ٻڌڻ سان هنجو دک دور ٿي سگهي ٿو. جيتري بہ خوشي اسان وٽ آهي اُها ٻين ۾ ورهايون. جيترو بہ فراخدليءَ سان اسين ڏيندا رهنداسين، اُتڪان وڌيڪ اسان جو خزانو پرپور ٿيندو ويندو، اهو قدرت جو نيم آهي.

١٤. آني وئي جو آبر ڪري سندن سار سنڀال لهان. سيني جا ڳڻ ڏسي پاڻ کي سندر بڻايان. پربوءِ جي شرن وٺي ڪانئس مهر مڱان ته آنند ملندو رهندم.

١٥. هوائون بادلن کي آڻين ٿيون. منهنجو من مايا چار ۾ مونکي ڦاساني ٿو. جي سوچي سمجهي هلان ته اهوئي من مونکي مڪتيءِ ڏانهن به وٺي هلي سگهي ٿو.

١٦. مرتيو منهنجي ڪنڌ تي سوار آهي. سرير ڪيترين بيمارين جو شڪار ٿي ويو آهي، ايترين تڪليفن هوندي به مان پاپ ۾ پاڻ کي ڪيرائي ويٺو آهيان.

١٧. ڪنجوس ڌن ميڙڻ ۾ ني خوشي محسوس ڪري ٿو. شاهوڪار پنسو خرچي عيش ماڻڻ ۾ ني آنند ماڻي خوش ٿو. سياڻو ماڻهو پاڻ کي سنڀالي هر حال ۾ سنتوش ڌاري خوش رهي آنند پائي ٿو.

١٨. ڪلا. سار اهه. مان اپمان هڪ جهڙو سمجهان. حسد، خود غرضي، اپمان اهي اوڳڻ پاڻ ۾ نه ڌاريان. ڪميا. غريبي، پيار ۽ مٺو وهنوار جهڙا مٺا ڳڻ پاڻ ۾ ڌاريان ته سکي رهندس.

١٩. ڪم ڪار ڪرڻ ۾ هميشه خوش رهون. ايمانداريءَ سان وهنوار ڪرڻ ۾ مزو ملندو آهي. سچي ڪاميابيءَ جو راز اُن ۾ ئي سمايل آهي.

٢٠. ادب ۽ اخلاق اسان ۾ هئڻ ضروري آهي. اهو ني انسان وڏيڪ سهڻو سندر لڳندو آهي. ٻين تي فتح پائڻ لاءِ اهي سٺا ڳُڻ اهن.

٢١. وقت جو پابند ٿيندو رهڻجي. سستيءَ جو دامن اصل نه پڪڙجي. هميشه ڪم ۾ لڳو رهڻ سان آنند ملي ٿو.

٢٢. اسين منش ديهه کي خوش رکڻ چاهيون ٿا ته پنهنجي

ڪري ڪيس پاڇائي ڇڏيون ته پوءِ اسانجي آس پاس ڪو به لڇ لفنگو ڪونه رهندو. سڀ پاڇي پري ٿي ويندا.

٦. جڏهن صحت سالم آهي ته ڇونه تا رام نام جپيون؟ جڏهن تن اسان وٽ آهي پوءِ ڇو نه تا دان پاڇ ڪريون؟ جڏهن بيڪار ٿينداسين تڏهن پاڇتائڻ مان ڪهڙو فائدو ملندو. انڪري هينئر ئي نيڪ ڪرم ڪري جيون سڦل بڻايون.

٧. پلٽ ۾ پوڇائون ڪرڻ کي بندگي ڪونه چئبو آهي پر نياڃ ۾ پاپي عادتن جو تياڳ ڪرڻ کي بندگي چئجي ٿو. جو پاڻ ساڃاڻي ٿو اهو هميشه امر رهي ٿو.

٨. پاڻ وٽ تن ايترو ئي رکون جيترو ضروري آهي. وڌيڪ تن رکڻ وارو چور لٽيرو سڏبو آهي. ان کي پريوءِ وٽان سزا ضروري ملئي آهي.

٩. جيڪو پريو پاڇن نٿو ڪري اهو مورکه ۽ پاپي آهي. جيڪو دين دکين جي شيوا ٿو ڪري اهو سچو انسان آهي. جيڪو ڄاڻي ٻجهي ڪري ڪڪرم ڪري ٿو اهو زهريلو آهي. کيس ضرور سزا ملندي.

١٠. جيڪو سنمان ۾ نه ڦاسي ساڄاڳ رهي ٿو. پريوءِ جي ڪئي تي هميشه راضي رهي ٿو. ان کي ئي پريو سک شانتي ڏئي ٿو.

١١. ڪنهن جا به عيب ڏسي کيس اگهارو نه ڪريان. پنهنجا گڻ ڏسي ايمان نه ڪريان. ڪنهن کي ڪاڙو سڏڻ کان بهتر آهي ته مان ملڪ ڪري ويهي رهان ته خوش رهندس.

١٢. منهنجو من تي پيو آهي ڦرٽو ڪهرٽو. منهنجو من تي پيو آهي لهرن ۾ ڇولين جو ساگر. ان کي وس ۾ رکڻ لاءِ مون کي ترم تي هلي ٽيڪ ٽيٽو پوندو.

١٣. سک ۽ خوشي دنيا جي ٻاهرين پدارٿن ۾ مونکي ڪونه ملندي. يتڪڻ جڏهن پاڻ کي ساڃاڻي سنتوشي ٿيان. پوءِ ته منهنجي اندر ۾ لڪل خوشيءَ جا خزانا کلي پوندا.

آڪٽوبر

١. من جي شانتيءَ لاءِ اُدم ڪندا رهون. من کي وڪارن کان دور رکندا رهون. دک، سک ۾ مان اپمان جو خيال بلڪل نہ ڪريون.

٢. پاڻ کي سرير نہ پر آتما سمجهون. گهر ۾ سڀني سان پريم جو ورتاءُ ۽ همدردي ڪريون. ائين ڪرڻ سان اسان کي عجيب شڪتي، خوشي ۽ شانتي حاصل ٿيندي رهندي.

٣. ميٽرن ڪپڙن کي ڌوئي اسين صاف ڪريون ٿا. من جي ميل بہ سٺين ڳالهين ڪرڻ ۽ سندر ويچار سان صاف ڪريون، پوءِ ئي پريوءَ جي در تي وڃي اچو اُجرو ٿي سجدو ڪريون.

٤. چنتائن، ڳڻتين کان پاڻ بچائيندا رهون، هميشہ آشاوادي ٿي آنند وٺون. سدائين خوش مزاج ۽ سرهو ٿي رهون.

٥. ڪڏهن بہ ڊپ نہ ڪريون. نراش بہ نہ ٿيون، پٺيان بہ ڪڏهن نہ نهاريندا ڪريون، همٿ سان هميشہ قدم اڳتي وڌائيندا رهون تہ آنند ملندو رهندو.

٦. سٺي ڪم ڪرڻ ۾ دير بلڪل نہ ڪريون، پريوءَ سان سدائين پريت رکون. هن کي اسان جي سڀ ڄاڻ آهي ۽ هو سدائين رکپال آهي.

٧. رام نام سچيءَ دل سان سمرن ڪريون، جپڻ جپائڻ سان اڳتي وڌي اُنتي ڪندا رهون، ورت نيم ڪري پاڻ کي اجايو نہ سڪائيندا رهون.

٨. جنهن کي سرير سان گهڻو پيار آهي، ان کي سڀني طرفن کان خوف ويڙهي وجهي ٿو. انڪري هو هميشہ دين دکي ٿي پٽڪندو رهي ٿو.

سک لاءِ ڪکرم ۽ اترم نہ ڪريون. سچ جي راھ وٺون. وويڪ موجب هلي آنند وٺندا رهون.

٢٣. دکہ پوڳيندي ڪڏهن بہ سکہ جي اِڇا نہ رکون. سکہ انسان کي هميشھ پوڳي بڻائي ٿو. سکہ ۾ ڪمزوري ملي ٿي. دکہ ۾ درڍلتا دور ٿئي ٿي.

٢٤. جيڪڏهن سنتوشي جيون گذارڻ چاهيون ٿا تہ ٻين جا دوش نہ ڏسون. پاڻ ۾ ڪو اوگڻ هجي تہ اُن کي دور ڪرڻ جو يتن ڪريون.

٢٥. ڪروڌ. اهنڪار. پاپ ۽ اتياچار ڪرڻ جي عادت ڇڏي ڏيون. مٺو ڳالهائي دکين جي سهائتا ڪريون. سڀني کي سکيو ڏسي ايشور جا گڻ ڳايون.

٢٦. دکن جو بنياد ڏپ ۽ خواهشون آهن. ڏپ جي تياڳہ ڪرڻ سان اسان جا دکہ دور ٿين ٿا. ڪمزوري بہ دکہ ڏيئي بي حال ڪري ٿي. انڪري پنهنجا ويچار شڌ رکون.

٢٧. پنهنجون گهرجون گهٽائيندا رهون. وڌي وراهي سڀ ڪجهہ ڪائيندا رهون. ڪل خوشيءَ جو آنند وٺندا رهون تہ جيون سڦل ٿيندي.

٢٨. مترن جي موت جو دکہ اسانکي ملي ٿو. اهي ڳالهيون اسان کي چتائين ٿيون تہ تيار رهون. سڄاڳہ ٿي اُٿي وکہ وڌائي نشڪام ڪرم ڪري پريوءَ جو سمرڻ ڪريون.

٢٩. اسين اُبتي راھ تي هلون ٿا تہ پوءِ اسان کي پريو دکہ ڏيئي سزا ڏئي ٿو. اڃان جي اسين نٽا سکون تہ مورکہ آهيون. جيون بيڪار ڪري رهيا آهيون.

٣٠. ڀڳوان اسان جو ماءُ پيءُ آهي انڪري ڪيس بابا بابا ڪري ڇهتي پئون ۽ پاڻ ارپڻ ڪريون. ادب ۽ حياءُ سان سندس حڪم مڃيندا رهون تہ جيون سکي گذاري سگهنداسين.

تي هلڻ لاءِ پريو راهہ ڏسي ٿو. انکري سکہ ماڻڻ لاءِ ستسنگہ ضرور کندو رهجي.

١٦. کروڌ ۽ اهنکار ڇڏيون تہ کامل بڻجي پونداسين. آپو ۽ موهہ کي ماريون تہ انسان بڻجي سگهون ٿا. پرائي پڇار ڇڏيون تہ پاپن کان مکتي ملي سگهي ٿي.

١٧. برن کمن کان دور ٿيون تہ پار پئون. خودي ڇڏيون تہ خدا بڻجي سگهون ٿا. ڀڳوان کي ياد کريون تہ وکارن کان ڇٽي موکش پائي سگهنداسين.

١٨. پنهنجي سونهن تي ناز پيا کريون ۽ وري پاڻ کي عقل ۾ اکابر پيا سمجهون. پر سڀ اهن بي بقا ۽ فاني. اجايو اهنکار آهي.

١٩. کال تنهنجي کلهن تي سوار آهي. پوءِ بہ اگيان سبب اکيون بند کري ويٺو آهين. اکيون کولي سجاڳہ ٿيءُ تہ سچو سکہ ماڻين.

٢٠. ڀلائي کرڻ سان اسان جو بہ ڀلو ٿئي ٿو. پر برائي کرڻ سان اها موٽي اچي اسان کي ملي ٿي. انکري پاڻ کي نرمل رکي سٺائي کرم کريون.

٢١. سنسار جو يش ۽ کيرتن ماڻڻ سان آنند ملي ٿو. بي عزتي بدنامي ٿيڻ تي منش کومائجي وڃي ٿو. پر فرض پورو کرڻ سان سڀ کاجهہ راس ٿئي ٿو.

٢٢. کميا جي گڻ سان کروڌ گهٽجي وڃي ٿو. ڀلائي کرڻ سان برائي اڳيان کونہ ٿي اچي. سچو انسان ٿيڻ سان کوڙ ڀڄي ٿو وڃي.

٢٣. سيني سان ڏوکي ۽ ٺڳيءُ سان نہ ملندا کريون. ماتا پتا جي آگيا ۾ رهي شيوا کندا رهون. ڀڳوان کي پنهنجو دوست بڻائي جيون سڦل بڻايون.

۹. پين تي ڪوڙا الزام هني پنهنجي سارا هه ڪرڻ وارو انسان ڪڏهن به سکي رهي نه سگهندو آهي. انين نه سمجهڻ گهرجي ته پين جا عيب پڌرا ڪرڻ سان اسان جا عيب دور تي ويندا. اسين جيترو اهنڪار ڪنداسين اوترو ئي پاڻ کي پڌرو ڪنداسين ۽ پوءِ ڪنهن کي منهن ڏيکارڻ لائق نه رهي سگهنداسين.

۱۰. ''مان مان'' اهيان. هيءَ منهنجو آهي هن جو مالڪ مان اهيان. اهڙو ايمان ڪندڙ هميشه بيمار رهندو آهي ۽ ڪڏهن به سٺي صحت نه ماڻي سگهندو آهي. ان ڪري اها عادت پاڻ مان ڪڍي اسين سڀني سان پيار ۽ ميلاپ سان رهون ته اسان جو ڀلو ٿي سگهندو.

۱۱. دنيا جا سڀ سک اسين چاهيون ٿا. انهن کي هٿ ڪرڻ لاءِ اُدم ڪندا رهون ٿا. نيٺ انهن مان به اسان کي دک نصيب ٿئي ٿو. جو جو جيترو اسين سکن پٺيان ڀڄنداسين اوترو ئي پريشان ٿيندا رهنداسين.

۱۲. ايشور جي در تي اهنڪاريءَ جو ڪو به مان نه ٿيندو آهي. هن جي در تي نمرتا ۽ پيار وارو ئي قبول پوندو آهي. هن جي در تي مسڪين ٿي، داس بڻجي وڃڻ تي آدر ياءُ ملندو آهي. چترائي ۽ چالاڪي هن جي در تي قبول نه پوندي آهي.

۱۳. سک ڀوڳيندڙ کي دک به ضرور ملي ٿو. دکن پٺيان سک به اچن ٿا. اهو قدرت جو نيم آهي. پين کي سک ڏيڻ سان اسانکي آنند ملي ٿو.

۱۴. دک سک کي هڪ جهڙو سمجهندا رهون. سڀ ۽ مالڪ جي مرضي سمجهون. هميشه همٿ ۽ اُدم ڪرڻ سان سک پاڻيهي ملي وڃي ٿو.

۱۵. اَبتيءَ راهه تي هلڻ لاءِ ماءُ پيءُ ڏنيي ٿو. ست مارگ

نومبر

١. جڏهن اسانکي هيءُ سنسار هتين خالي ڇڏڻو آهي پوءِ کنهن جي لاءِ ٿا کوڙ پاپ ڪري ڪمايون. خبر به اسانکي آهي ته ڪجهه به اسان سان ساڻ ڪونه هلڻو آهي.

٢. جڏهن سر تي ڪال اچي اسان جي بيهندو آهي ته جلد ئي پوءِ پيا چوندا آهيون ته حياتي اجائي ويئي. انکري ڇو ڪين ٿا هينئر ئي سوچي سمجهي قدم اڳتي وڌايون.

٣. چنتا اسانجي سرير کي ڪائي عمر پوري ڪري رهي آهي. ننڍا اسان جي چڱن ڪرمن کي ناس ڪري ٿي ڇڏي. تياڳ پاپ کي ڪائي ٿري ڪڍي ٿو. اهڙي چاڻ رکون.

٤. همت نه هاريون، تپي ڏيندا رهون. ڪوشش ڪندو رهڻ سان سچو رتن ضرور اسان کي پراپت ٿيندو ۽ پريوءُ پياري جي اسان تي ڪرپا ٿيندي.

٥. ڪل خوشي بيمارين کي پچائڻ جي دوا آهي. جن به هن ڳالهه کي سمجهيو آهي انهن شفا پائي صحت لاهي آهي. ان ڪري ڇو ڪين ٿا اسين به کلڻ ۽ خوش رهڻ جو مزو ماڻي ان حيرت انگيز علاج جو فائدو وٺون؟

٦. ڪنهن چڱي شخص سان پريت ڪبي ته سک ملندو آهي. ڪنهن پر استريءُ سان پريت ڪبي ته موت ملندو آهي. مايا سان پريت ڪبي ته سک ۽ دک ٻئي ملندا آهن.

٧. پهرين در در جا ڌڪا ڪائڻ ڇڏيون. پوءِ پاڻ کي سنئين رستي تي آڻي جوت جڳايون. جيون سفر جو سچو آنند ان ۾ ملندو آهي.

٨. پنهنجون گهرجون محدود رکون. جيڪي ڳالهيون

٢٤. بي فڪر ٿي آرام سان جيون گذاريون. ڪلي خوشي ٿي سيني کي ڪيڪاريون. حياءُ، ادب ۽ پيار جي راهہ وٺندا رهون تہ خوشي ملندي رهندي.

٢٥. مايا جي چار ۾ اسان پاڻ کي ڦاسايو آهي. مايا جنهن جي آهي ان کي ارپڻ ڪريون. اسين مايا جا مالڪ نہ پر ايجنٽ ٿي رهون.

٢٦. پراوا بنگلا ماريون ڏسي حسد نہ ڪريون. پنهنجو ننڍڙو سهڻو گهر ان کان وڌيڪ سٺو سمجهون. ڪاڏو کائڻ وقت هڪ روٽي غريب کي ڏيڻ کان پوءِ کائون تہ مزو ملندو.

٢٧. دکہ ٿا يوڳيون تہ اهو پاپ جو ڦل آهي. سکن ۾ ٿا آرام ڪريون تہ پنج جو ڦل آهي. سنسار ۾ پاپ وڌي دکہ پيدا ڪري رهيو آهي. انڪري ساوڌان رهون.

٢٨. هيءُ منهنجو آهي ۽ مان مان پيو ڪري ڦرندو وتان. هتي تہ فقط نيڪي منهنجي رهندي. پيو ساڻ تہ ڪجهہ بہ ڪٽي ڪونہ وڃڻو اٿم.

٢٩. سدا سنتوشي ڌنوان ٿيندو آهي. واسنا رهت اوستا وارو امر پد پائيندو آهي. وشيہ وڪارن ۾ مست انسان انڌو ٿيندو آهي.

٣٠. سچ جي رستي تي هلڻ جو يتن ڪندو رهان. هيٺائين تي هلي سيني جو پيارو ٿيان. من کي وس ۾ رکي پريوءُ جو داس ٿيان.

٣١. ست سنگہ ڪري ڀڳتي ڪمائيندا رهون. ان جو چشڪو ٻين کي بہ وٺائيندا رهون. سچي ڀڳتي ڪري مڪتي پائي جيون سڦل ڪريون.

سان ورتاءُ ڪنداسين تہ ڪروڌ جو مقابلو ڪرڻو پوندو. اهڙيءَ طرح جي دان پاڻ ڪنداسين تہ اها وڏائي ڪونہ ملندي.

١٨. پريم آهي پريو ۽ پريو اهي پريم. پريم ڪرڻ آهي ايشور جو اٽل نيم. جي اسان کي اهو اچي ويو تہ دک سک يڪاجي ويندا سين.

١٩. پنهنجي پريتم لاءِ پل پاڻ سينگاريون پر پنهنجي سونهن جو ايمان نہ ڪريون. اسين فقط پريتم لاءِ پريم رکي سڪہ مائيندا رهون.

٢٠. گياني بناجي واد وواد کان پري رهون. پاڻ کي ستو رکڻ لاءِ ڪسنگہ کان دور رهون. وڪارن ۽ چنچلتا کي اڳيان اچڻ نہ ڏيون.

٢١. پريو درشن سان اسان جا پاپ پسم ٿي وڃن ٿا. پريوءَ جو نالو پڙڻ يا ٻُڌڻ سان مڪتي بہ ملي ٿي. پيار ۽ ميلاپ ڪرڻ سان ميل ڌوپاجي وڃي ٿي ۽ اوجل ٿي پئون ٿا.

٢٢. بنا ڪنهن سوارٿ جي پيار همدردي ڪنداسين ۽ هرهڪ جي شيوا ڪري ان ۾ پريو پسنداسين تہ ضرور آتما جو درشن ڪري سچدانند سان ملنداسين.

٢٣. پناج ني آڱريون گڏي گرهہ وات ۾ وجهاجي ٿو. ڪتنبي سي جڏهن گڏ ٿين ٿا تہ ميلاپ وڌي ٿو. من کي شد ڪرڻ سان جيون سڦل ٿئي ٿي.

٢٤. پيا گڏ ڪري اساناجي گهر مان پيا گند ڪڍن پوءِ اسين پنهنجي دل صاف ڪري چو نہ گل گڏ ڪندا رهون ۽ سڀڻند پريل نظر سان سيني کي نهال ڪندا رهون.

٢٥. جيڪو موت کان ڊڄي ٿو اهو ڪنهن کان بہ نٿو ڊڄي عقلمند تيستائين جيئرو رهي ٿو جيستائين ڪارائتو آهي. وڏي عمر چاهيندڙ خوش ڪونہ رهندو آهي.

ضروري هاجن فقط اهي ئي ڪريون. ڇو جو گهرجن جو ڪو هاڻي انت ئي نہ آهي.

۹. اسين اسون اميدون رکي پيا جيون گذاريون. پوريون نٿيون ٿين تہ دکي ٿيندا ٿا رهون. ان ڪري جيڪي پربهو ڪري ٿو ان ۾ راضي رهون.

۱۰. روحانيت جي راهہ تکي تلوار جيان آهي. ان تي هلڻ لاءِ گروءَ جي شرڻ وٺڻي آهي. گرو فقط راهہ بتائيندو. هلڻو تہ اسانکي آهي.

۱۱. پٿر جي ڏاکڻ آهي ۽ پٿر جي مورتي بہ آهي. هڪ تي پير ٿو رکجي ٻئي جي پوڄا ٿي ڪجي. ان ڪري ڀاونا ئي ڀڳوان آهي. ساڌنا جي قيمت آهي.

۱۲. وشواس بنا ڀڳتي ڪري ڪونہ سگهنداسين. ڀڳتيءَ بنا ايشور جي ڪرپا ڪونہ ملي سگهندي. ايشور جي ڪرپا بنا شانتي پراپت ڪري ڪونہ سگهنداسين.

۱۳. غفلت ۽ اگيان روپي گهرائيءَ کان آجو ٿيون. سچن سنتن جو سنگ ڪريون. ان ۾ ئي اسانکي آنند ملندو رهندو. مهاتمائن جي وچنن سان پاڻ سنواري جيون سڦل ڪريون.

۱۴. سيني سان هر وقت مروت ۽ محبت سان هلان. اندر مان سڀ وڪار ڪڍي صاف ٿيان. پاڻ پهرين پوتر ٿي پوءِ ئي ٻين کي راه ڏيکاريان.

۱۵. کل خوشيءَ جي جيون گذارڻ چاهيون ٿا تہ گهر کي گهڻو سينگاري رکڻ نہ گهرجي. سادي جيون ماڻڻ ۾ آنند ملندو آهي.

۱۶. فڪر ۽ ٿڪاوٽ کي دور ڪرڻ لاءِ هميشہ ٿورو آرام ضرور ڪرڻ گهرجي. پوءِ وري پنهنجو ڪم ڪار شروع ڪري مزو ماڻجي.

۱۷. ڊڄ تي هلنداسين تہ اُن جو دشمن ڪوڙ ملندو. عقل

ڊسمبر

١. سٺو ڪم ڪرڻو اٿم تہ اڄ ئي ڪري ڇڏيان. ٻاهرين
ڪم ڪرڻ ۾ تڪر بلڪل نہ ڪندو ڪريان. سارا ھ ڪان پري
ٿي سادو نماڻو ۽ نھڻو ٿي رهان.

٢. چنتائن جو تياڳ ڪري هميشہ خوش رهان. جيڪي
ڳالهيون مونسان لاڳو نہ آهن. تن ڪان هميشہ پري رهان. بري
سنگت ۽ بحث مباحثي ڪان دور رهان تہ سٺو آهي.

٣. مايا موهہ جو تياڳ ڪريان. تياڳ ڪرڻ لاءِ هميشہ
آزاد رهان. جيون کي شڌ بڻائي پريوءَ جو سچو پريم پايان تہ
جيون سڦل ٿئي.

٤. ڪنهن دکي انسان کي سک ڏيندو رهان. انڌي جي لٺ
بڻجي ڪم ڪار ڪندو رهان. نيٺ جيت منهنجي ٿيندي اهائي
پيو ڏسي خوش رهندس.

٥. من کي ڪوڙي موهہ ۾ نہ ڦاسايان. شريرڪ بنڌن ۽
ديهہ ايمان ۾ نہ ڦاسان. ڳنتي ڳاري ڪان مڪت ٿي جيون جو آنند
ماڻيان.

٦. اِڄائن ۾ پاڻ کي ڦاسائڻ نرڌن ٿيڻو آهي. وڪارن ۾
جڪڙيو رهڻ سان بانڌي ٿجي ٿو. مٿي وهنوار هلڻ سان سرڳہ
ملي ٿو ۽ سکي رهجي ٿو.

٧. اِندرين جو داس، غلامي زنجيرن ۾ جڪڙيل رهي ٿو.
سنساري پدارٿن کي تياڳڻ وارو مڪتي پائي ٿو. منش اجايو هن
سرير ۾ نرڪ ۾ ٽپيون ڏيندو رهي ٿو.

٨. هيءُ سپني جهڙو سنسار چنڊ ڏينهن جو چٽڪو اهي.
جلد ئي کيلي ويٺون. رهڻ جو ٺڪاڻو ڪونہ آهي. پاڻ کي قائم

۲٦. ڳنڍي صحبت ۽ علاتن جو تياڳ ڪريون. سچو وقت ستي صحبت ۾ گذاريون. وانڍڪائيءَ ۾ شيوا ڪريون يا پريو سمرڻ ڪري مزو ماڻيون.

۲۷. جيترو تي سگهي اوترو ماڻ جو سهارو وٺون. هئي کي پتڻ جو وڏيڪ خيال رکندا ڪريون. پوءِ هوش سان هلي تري پار پونداسين.

۲۸. هر قسم جون منوڪامنائون پل ڪندا رهون پر سنسلري پنڌنن ۾ پاڻ کي نه ڦاسايون. ڪامنائن جي تياڳ ڪرڻ ۾ مڪتي ملي تي.

۲۹. مان پاڻ کي ڳنوان سمجهي پيو ڦرندو رهان پر مونکان گهڻا پيا وڏيڪ ڳنوان آهن. انڪري گهمنڊ ڇڏي نمرتا کي ڌاريندو اڳتي وڌان ته سکي رهندس.

۳۰. اسين پلئي پلئي ميڙي ويٺا ويلج ڪمايون. سوچيون پيا ته پلرن لاءِ توشو ٺا ٺاهيون. پر پنهنجو سک ڀُولهي اجيو جنم پيا وڃايون.

سچو انصاف !

هڪ دياوان جاج هوندو هو. هڪ دفعي وٽس هڪ ڪيس آيو جنهن ۾ اپراڌيءَ تي روٽي چورائڻ جي تهمت هئي.

ڏوهيءَ پنهنجو ڏوه باسيو. چيائين منهنجي ڪٽنب پريوار جا ڀاتي بک کان پريشان هئا. اهو ڏسي مون کان رهيو نه ٿيو ان ڪري اهو گناه ڪيو اٿم.

جاج پنهنجي فيصلي ۾ چيو ته تو تي هڪ سو روپيا ڏنڊ وڌو ٿو وڃي. ائين چئي هن پنهنجي کيسي مان نوٽ ڪڍي ڏوهيءَ کي ڏنو ته ڏنڊ ڀري. پوءِ ويٺلن سيني تي پنجاه پنجاه روپيا ڏنڊ وڌائين. چيائين ته توهان جو ڏوه اهو آهي جو هڪ اهڙي سماج ۾ ٿا رهو جنهن ۾ هڪ بيبڪس انسان کي روٽي چورائي گذر ڪرڻو ٿو پوي. توهين ڪوبه ڌيان ڪو نه ٿا ڏيو.

صاف ڪريون. سيني جي صلاح سان اسين انهن مسئلن کي دور ڪري ڇوٽڪارو پائي سگهنداسين.

۱۴. ڌن، مال ملڪيت اهو ميري سگهندو آهي جنهن ۾ خراب عادتون نہ هونديون آهن. جنهن انسان جون عادتون بريون هونديون آهن اُتي مال مليدا ٽڪي نہ سگهندا آهن. جيڪو انسان وڪار رهت هوندو. اهو ئي سڀ سنساري سک پراپت ڪري سگهندو آهي. وڪاري ماڻهوءَ وٽ ڌن دولت ٽڪي نہ سگهندو آهي. ميڙي بہ دکي رهندو آهي.

۱۵. اسين ڌن مال چاهيون ٿا تہ جئن سک سان گذر ڪري آنند وٺندا رهون ۽ ٻين کي پنهنجو غلام بڻائي روب ۾ رهون. سنستائن ۽ مترن تي پنهنجو قبضو ڄمائي ويهون. لوڪن جو جس ڪمايون ۽ ناٿو پڻ ڇورائي مزو مائيندا رهون. پر سڀ بيڪار آهي.

۱٦. اسين جيترو ڌن ڪمائينداسين اوترو ئي ترشنائن ۾ ڦاسندا رهنداسين. اُهو ڌن اسان وٽ رهي ڪونہ سگهندو. ڪمڙي ڪم ايندو؟ اها بہ اسانکي ڇاڻ ڪونہ رهندي آهي. مايا تي ڪمڙو ڀروسو آهي. اڄ لک آهن تہ سڀاڻي ڪک تي پوندا. چور چوري ڪري ويندا. لٽيرا لٽي ويندا. ان ڪري مايا تي ڪمڙو زور هلي سگهندو؟

۱۷. سٺي سکيا پرائي جيون جو ٺيڪ قدر ڪريون. سٺي مارگ تي هلي پنهنجو چريتر سڌاريون. جيون ۾ ٻين جي لاءِ مثال بڻجون. گهڻا شيوا جا ڪاريہ ڪري جيون سڦل ڪريون.

۱۸. مٽي گهر ۾ پهچڻ لاءِ ڏاڪڻ چڙهندا آهيون. پريوءَ سان ملڻ لاءِ بہ ڏاڪڻ جي ضرورت آهي. اندر جون برايون اهن اُهي ڏاڪا جي مٿي چڙهڻ ۾ رنڊڪ ٿا وجهن. انڪري انهن براين کي ڪيري جيون نرمل بڻايون تہ پوءِ اهي ڏاڪا چڙهي

دانهن سماجڪي غلطي ويتا ڪريون.

۹. وڏي وڏائي رکڻ وارو انسان ڪڏهن سان به پريت رکي ڪونه سگهندو آهي. انهڪري اهڙي عادت کان دور رهون سيني سان پريم سان مِلي آنند وٺندا رهون.

۱۰. اسين ڪڏهن به ڪم اوندهه ۾ لڪائي ڪندا آهيون. چڱو ڪم هميشه روشنيءَ ۾ ڏينهن ڏٺي جو ڏيکاري ڪندا رهندا آهيون. جنهن عام ماڻهو ڏسي وٺن ۽ اهم ڪندا رهن. چور به چوري رات جو اوندهه ۾ ڪندو آهي يا ڪنهن شاهي هنڌ تي ڪندو آهي. ان ڪري هميشه سوڄان رهون.

۱۱. اسان جو من پتنگ آهي. ڪڏهن به هڪ ڳالهه تي ڪونه بيهندو آهي. پاپ به ڪندو ته پاڃ به اهو ئي ڪندو آهي. وس ۾ رهي ڪونه سگهندو آهي. پر جي اسين ٺيڪ آهيون. ته ان کي ڏٻائي هيسائي پنهنجي وس ۾ رکي سگهون ٿا. اهو اسان جي سوچ ويچار تي مدار ٿو رکي. جي برين ڳالهين کان اسين پري رهنداسين ۽ پاپ جي راهه کان ڪنارو ڪنداسين ته من به ان موجب ٺيڪ هلندو رهندو. سڀ ڪجهه اسان تي منحصر رکي ٿو.

۱۲. پريوءَ وٽان مليل امانتي ڌن سوچي سمجهي خرچ ڪرڻو آهي. جيڪي اسين ٺٺ ڪڻ تن کان ڪوبه نشڪام ڪرم ڪونه ٿي سگهندو آهي. آهي ته منسن ۾ ڪوبه جس ڪمائي ڪونه سگهندا آهن. انهن جو ڌن اُمتي اهتي نشٽ ٿي ويندو آهي. ڌن سان ڪوبه شيوا جو ڪم ڪنداسين ته اُدار دل. ديالو ان ڪنن سان پريور تي ويندا سين. دنيا جي سيني ڪمن ۾ سڦلتا پرابت ڪري خوش رهي سگهنداسين.

۱۳. جيڪڏهن اسان جي مٿان ڪي مشڪلاتون اچي سهڻ ته انهن لاءِ پنهنجي ڪٽنب پريوار جي ڀاتين جي صلاح وٺي

نياءُ ڪاري آهي. ڪنهن بہ حالت ۾ معافي ڪونہ ڏيندو آهي. جيڪو ڪرم اسين ڪنداسين: انهنجو ڦل هو ضرور ڏيندو آهي. ان ڪري ڪابہ پل ڪري بخشيون. نہ تہ تہ اسين سزا جي پوڳڻ لاءِ تيار رهون. پريوءُ جو اندر ۾ ڏپ رکون. تہ جيون سڌري پوندي.

٢٥. بنا محنت ڪرڻ جي ڪوبہ ڌنوان بڻجي ڪونہ سگهندو آهي. جيڪو مفت ۾ مليل ڌن تي موج مستيءُ ۾ رهي ٿو. اهو جلد ئي حاصل ڪيل ڌن وڃائي ٿو وهي. ڇاڪاڻ تہ هن کي بنا اُدم ڪرڻ جي مليو آهي. انڪري هو پنهنجو سڀ ڪجهہ گنوائي جهڙو هو تهڙو ٿي رهندو.

٢٦. اسين پنهنجا فرض پورا نہ ڪري فقط حقن چڪڻ لاءِ پيا تيار رهون. اسان مان انسانيت موڪلائي ويئي آهي. ڪنهن کي بہ پنهنجو سمجهي اسين ورتاءُ ڪونہ ٿا ڪريون. سوارٿ اسان جي اندر ۾ گهر ڪري ويو آهي. ڪوبہ ڪنهنجو نہ رهيو آهي. انڪري دکي آهيون.

٢٧. انسان جو فرض آهي تہ جيڪي دکي انسان آهن انهن جو دکہ ونڊيون. سندن تڪليفن کي دور ڪرڻ جو اُدم ڪريون.غريبن کي اُٿاريون. ائين ڪرڻ سان هنن جي جيون جون تڪليفون دور ٿينديون ۽ اسان جي اندر کي راحت ملندي رهندي.

٢٨. اسان جي ڪنهن سان بہ غلط وهنوار ڪيو آهي يا ڪنهن کي نقصان پهچايو آهي تہ ان وٽ وڃي سچيءُ دل سان پڇتاءُ ڪريون. ائين ڪرڻ سان اسان جي اندر مان مئل نڪري ويندي. جيڪا چنتا هر وقت ستائيندي رهندي هوندي ان کان بہ ڇوٽڪارو ملي ويندو.

٢٩. اسين پنهنجون برايون اندر ۾ سانڍي نہ رکون. انهن

پريوءِ سان ملي سچو آنند پراپت ڪري سگهنداسين.

١٩. جن ڪي ڌن پراپت ٿئي ٿو اُهي پنهنجي خيالن ۾ رهي ڪارخانا کولي وڌيڪ ڪمائڻ جي ڪوشش ڪندا رهن ٿا. غريبن کي پيڙي وڌيڪ ڌنوان ٿيڻ جا خواب لهن ٿا پر آخر نتيجو اهو ٿو نڪري جو غريبن جون آهون ۽ دانهون اهڙو اثر ٿيون ڪن جو نقصان ۾ سڀ ڪجهه هنن جو هليو وڃي ٿو يا لٽيرا لٽي ڪائي هنن کي پريشان ڪندا رهن ٿا. چماچا پاڇي وڃن ٿا پوءِ بي صبر ٿي پريشان ٿيندا ٿا رهن.

٢٠. ڀڳوان هيءَ سرشٽي انڪري بڻائي آهي ته اسين هڪ ٻئي جي شيوا ۽ سهائتا ڪري سچا انسان بڻجون. ڪنهن کي به وڏو ننڍو سمجهي ورتاءُ نه ڪريون. ڪو به نيچ نه آهي ۽ نه وري اوچ آهي. سڀني کي هڪ سمان سمجهي ورتاءُ ڪريون.

٢١. پريوءِ جو هر وقت ڌيان ڌريون. پيار ۽ سڪ سان هر وقت پرارٿنا ڪندا رهون. ڪنهن مهل به ان ڪم ۾ لاچاري يا ڪمزوري نه سمجهون. هن کي سروَ شڪتيوان سمجهي سندس اڳيان سِر نوائي آراڌنا ڪندا رهون.

٢٢. شيوا ڪرڻي آهي ته پهرين پنهنجي ماتا پتا ۽ ڪٽنب پريوار جي ڪريون. ائين ڪرڻ سان اسين سچي شيوا جو سبق سکي اڳتي وک وڌائي سگهنداسين. شيوا ڪرڻ سان شانتي ۽ خوشحالي ملي ٿي. شيوا ڪرڻ سان اُمنگ ۽ اُتساهه وڌي ٿو. پنهنجي ويچارن ۾ شڌ ٿئجي ٿو.

٢٣. سدائين سچ ڳالهايون. ڪنهن جو به من دکي نه ڪريون. حسد ۽ لوڀ لالچ کان دور رهون. دکين جي سنڀال لهون. نرمل ٻڌيءَ سان پريوءِ جا گڻ ڳايون. هر روز نيم سان سندس اڳيان ويهي روح رهاڻ ڪريون.

٢٤. جيون ۾ اسين گهڻيئي غلطيون پيا ڪندا رهون. پرماتما

٢- جيڪي سوچبو اُهو ئي ٿيندو!

انسان جيڪي سوچي ٿو اهو ئي پاڻ کي ان موجب بڻائي ٿو. هن جي دل ۾ مايوسي، ناڪامي، مفلسي ۽ بيماريءَ جا خيال رهن ٿا ته هو هميشه دکي، دلشڪستو، غريب ۽ بيمار رهندو آهي. حسد، دشمني، ٻين جي برائي ڪرڻ، ڪنهن کي ٻه نه سهڻ اهڙيون ڳالهيون آهن جيڪي انسان جي شخصيت کي گهٽ ڪري رڪاوٽ پئدا ڪن ٿيون. اسان جي اندر ۾ رهي اسان کي ڪائينديون رهن ٿيون ۽ اسان کي اَپاهج بڻائي ڇڏين ٿيون. جيڪڏهن اسين ٻين سان حسد ڪندا رهنداسين ته هو به اسان لاءِ اهڙا ويچار رکندا. جيڪڏهن اسين ٻئي جي ترقيءَ ۾ خوش ٿيندا رهنداسين ته هو به اسان جي اُنتيءَ ۾ خوش ٿيندا رهندا. فراخ دل ٿي ٻئي جو ڀلو چاهيون، پيار ۽ محبت وغيره اهڙا گڻ آهن جيڪي چقمق جيان ٻين کي پاڻ ڏانهن ڇڪين ٿا ۽ پوءِ اسان جي ترقي به جلد ٿئي ٿي. اهو قدرت جو نيم آهي. جيڪو ٻج اسين پوکينداسين اهڙو ئي ڦل اسان کي ملندو رهندو. ان ڪري اسين ڇا ٿا ٿيڻ چاهيون؟ اهو اسان جي هٿن ۾ آهي. جيڪي به اسين چاهيون ٿا اهو سچيءَ دل سان همٿ ۽ وشواس سان شروع ڪريون ته اهوئي ڦل اسان کي ملندو رهندو. ان ۾ پريوءَ جي ڪرپا ملندي آهي. ٻه ۽ ٻه چار ٿيندا آهن. ٽي يا پنج ڪونه ٿيندا آهن. ان طرح اسان جا سٺا خيال سٺو اثر ڪندا آهن. اسين ڇا سوچي رهيا آهيون ان جو پاڇو اسانجي چهري تي، اسان جي اکين مان ظاهر ٿيندو آهي. سياڻا سمجهو ماڻهو ته شڪل ڏسي اسان جي دل جي حالت جو صحيح اندازو لڳائي وٺندا آهن. اندر جي روشني چهري ۾ چمڪي اُٿندي آهي. اندر جا سچائيءَ ۽ صفائيءَ جو اندازو لڳائي آنند وٺي

براين جو ٻين سان حال اوري اندر صاف ڪريون. ان مان اسان کي فائدو ٿيندو. اهي برايون اسان کي وڌيڪ پيرا ڪونہ ڏينديون. پر پاڻ انهن مان مڪتي ملندي ۽ پريو بہ راضي ٿي اسان تي مهر ڪندو رهندو.

٣٠. بريءِ راهہ تي هلڻ سان برا ٿي پنهنجو نالو ٻوريندا رهنداسين. انڪري چو ڪين ستو سنگہ ڪري پنهنجي جيون ۾ ڦيرو آڻي آنند ماڻيون ۽ پنهنجو جنم سڦل ڪريون.

٣١. پنڊت جواهر لعل نهروءَ هڪ دفعي چيو هو تہ هو ڪمزوريءَ کي برو ڪونہ ٿو سمجهي. مورکہ کي بہ هو معاف ڪري ڇڏيندو آهي. پر بي ايمان انسان کيس تير جيان چڀندو رهندو آهي. هو اهڙي شاخص کي معافي ڪڏهن بہ ڏيئي ڪونہ سگهندو آهي.

ستو ڪير آهي؟

اسين سڀ پاڻ کي ستو ۽ چڱو سمجهي رهيا آهيون. ڪير بہ پاڻ کي گهٽ سمجهڻ لاءِ تيار نہ آهي. پئسي وارو پاڻ کي ستو پيو سمجهي تہ سهڻي سرير وارو پاڻ کي سيني کان وڌيڪ چڱو پيو سمجهي ڪو وري سٺا سندر ڪپڙا پائي پاڻ کي وڏو پيو سمجهي.

پر اسين ڀليل آهيون. ستو اهو آهي جنهن ۾ گڻ آهن. صبر ۽ سنتوش وارو آهي. ڌيرج، ڪميا ۽ پوترتائي وارو آهي. سندس وهنوار ستو ديا وارو آهي. سيني جو ڀلو ٿو چاهي. سيني سان مٺو ٻولي همدردي ڪري ٿو. سچ جو پوڄاري آهي. تياڳہ ۽ شانتيءِ جي مورتي آهي. سيني ۾ پريو روپ پسي ٿو. اهائي تہ سچي ستي انسان جي پرکہ آهي.

تي ليٽي پيو. پنهنجن منٽن ۾ ڪونگرا هڻڻ لڳو. چڱي سٺي ڪهري ننڊ ڪيائين. جڏهن ننڊ ڪري اُٿيو ته ڏينهن پورو ٿي چڪو هو. چوڌاري ڏٺائين ته انڌيرو ڇانيو پيو آهي. سوچيائين ته هن وقت جي شينهن اچي وڃي ته مونکي ضرور کائي ختم ڪري ڇڏيندو. ائين سوچيندي رهڻ سان اوچتو ئي هڪ شينهن گجگور ڪندو آيو ۽ هن مسافر کي کائي ختم ڪري ڇڏيائين.

ڪهاڻيءَ جو مطلب پڌرو پيو آهي ته اسين چڱا ويچار ڪنداسين ته اهي سٺا ئي ٿيندا. بُرا ڪنداسين ته ان جو ڦل برو ئي ملندو. دل ۾ جيڪا خواهش ڌاربي اهائي پرماتما جي ڪرپا سان پورن ٿيڻ ۾ دير ڪونه لڳندي آهي.

توهين پڇندا ته ڇا ڪير به ڪهڙي به خواهش رکي اها پوري ٿيندي؟ ها جيڪا به خواهش هوندي اها پوري ٿي سگهي ٿي. ڪلپ وڻ جي ڪهاڻيءَ جيان شربت گهرندا ته شربت ملندو. شينهن کان ڊڄندا ته اهو به اچي کائي ويندو. خواهش پنهنجي مرضيءَ جي ڳالهه آهي. انڪري جيڪا به خواهش رکون اها سوچي سمجهي سٺي رکون.

خواهش جو مطلب اهو نه آهي ته شيخ چليءَ جيان ڏينهن ۾ خواب ڏسندا رهون.

هي ڀڳوان! منهنجي لاٽري لڳي وڃي. اهڙي خواهش رکڻ سان ڪجهه ڪونه ٿيندو آهي. لاٽريءَ جي اِڇا رکڻ سان اها ڪونه ملي سگهندي آهي. جيڪڏهن ملي به وڃي ته ان مان سک ڪونه ملندو آهي. سچو پڪو سک ته ملندو آهي محنت ڪرڻ سان. جيڪي حاصل ڪبو آهي ان مان ڪاميابي به اُن کي ئي ملندي آهي. جيڪو اُتساهه ۽ لڳن سان ڪم ڪندو رهندو. بنا محنت جي مليل پئسو جئن ايندو آهي تئن ئي واپس هليو ويندو آهي.

سگهبو آهي. اهڙو انسان هين کي تمام سولائيءَ سان پنهنجو ٻڌائي سگهندو آهي. هن جي پٽيان ماڻهو پاڳل رهندا آهن. اهڙن جي دوستي گهڻي جٽاندار هوندي آهي ۽ آنند ڏيندي رهندي آهي. هاڻي اچو تہ پنهنجي خيالن جو جادو ڏسون.

هڪ مسافر هڪ جهنگل جي رستي تان وڃي رهيو هو. سندس سفر وڏو هو. اُس جي تپت جي ڪري پريشان ٿي رهيو هو. آرام ڪرڻ لاءِ هڪ وڻ جي هيٺان ويهي رهيو. هن کي خبر ڪونہ هئي تہ هيءُ ڪلپ وڻ آهي. ڪلپ وڻ جو مطلب اهو آهي تہ هن جي هيٺان ويهي جنهن بہ شيءِ جي خواهش هجي اها گهڙڻ سان حاصل ڪري سگهبي آهي.

هيءُ مسافر ڏاڍو ٿڪل هو. هن چاهيو ٿي تہ ٿڌو پاڻي يا شربت ملي وڃي تہ ڏاڍو سٺو. ڏسندي ڏسندي هڪ چانديءَ جي گلاس ۾ سهڻو ٿڌو شربت حاضر ٿي ويو. اهو ڏسي پهرين تہ هو گهبرائجي ويو. هتي شايد ڪنهن ڀوت پريت جي ڪماليت آهي. پر عقلمند هو ان ڪري سمجهي ويو تہ هو ڪلپ وڻ جي هيٺان ويٺو آهي. انڪري ائين ٿيو آهي.

ٿوري دير کان پوءِ هن کي بک محسوس ٿي ۽ هن کاڌي کائڻ جي خواهش ظاهر ڪئي. جلد ئي چانديءَ جي وڏيءَ ٿالهيءَ ۾ طرح طرح جا لذيذ کاڌا اچي سندس اڳيان حاظر ٿيا. اهي ڏسي هو ڏاڍو مزي ۾ ويهي کائڻ لڳو. اهڙي وقت ۾ پيٽ بہ ڏاڍو فراخدليءَ سان ڪم ڪندو آهي ۽ پنهنجي ضرورت کان وڌيڪ کائي وٺندو آهي. هن مسافر بہ ائين ئي ڪيو. پيٽ جو ڏلهي پريو هئائين تہ هاڻي سمهڻ جي خواهش ٿيس. ان وقت ئي هڪ ملايم گديلو وهاڻي ۽ پلنگہ سوڌو اچي ويو. هن بيابان جهنگل ۾ اهڙو سندر پلنگہ اچي اهو چمتڪار نہ آهي تہ ٻيو ڇا آهي؟ پر ڪلپ وڻ ڇانئو ڪري سگهي؟ هيءُ بہ هاڻي خوش ٿي پلنگہ

بڻجي ويندو آهي. سياڻي اسان کان گھٽو پري آهي ان تي نه پاڙتو آهي. برابر آهي ته ان سياڻي تي به اسان جون گھٽيون اُميدون ٻڌل آهن. پر سياڻي اسان جو ساٿ ڏيندي يا نه اها ته ڄاڻ اسان کي نه آهي. اڄ جون اُميدون ئي اسان جو بلند ويچار آهن. ان ۾ اسان جي ڪاميابيءَ جو راز سمايل آهي. ڄاڪاڻ ته سياڻي ڇا ٿيندو ان جو به خيال ڪري پاڻ کي پريشان ڪرڻ غلطي آهي. اُميدن تي ئي اسين هلندا پيا رهون. ان ڪري ڪنهن به خراب خيال کي اڳيان اچڻ نه ڏيون ۽ نه وري گھٻرائجي وڃون. اهي سڀ فضول جا ويچار آهن.

ڪالهه جيڪا گذري چڪي آهي اها اسان لاءِ هڪ مٺي ياد کان سواءِ ٻيو ڪجهه به نه آهي. اها مٺي ياد اسان جي اندر ۾ هڪ خوشبوءِ ڦهلائي تي دل کي همٿ ڏياري اڳتي وڌائي ٿي، جنن گل جو ڪُلڻ ۽ مرجهائڻ به ٽاريءَ کان جدا ٿي نٿو سگھي. مايوسي، ڏک، لڙائي جهڳڙا دنيا ۾ خوب لڳا پيا آهن. ڪالهه سان اڄ جو واسطو نه آهي. اسانجو سفر. اسانجي محنت، اسانجو اُتساهه اُمنگ. پوريءَ طاقت سان ڪم ۾ لڳل آهي ته اسين اڄ ئي اهو ڪم پورو ڪري آنند ماڻي سگھنداسين.

ڪالهه جو لفظ زبان مان نڪتو آهي ان کي اسين واپس ڪونه آڻي سگھنداسين. ان کي مٽائي به ڪونه سگھنداسين. ان ڪري ڪالهه جو آزمودو اُتساهه ۽ همٿ اڄ به پاڻ ۾ قائم رکون پوءِ ايندڙ ڏينهن به ان طرح اسان جا خوشيءَ ۽ آنند ۾ گذرندا رهندا. اهو اُمنگ اسان کي پنهنجي جيون ۾ اڳتي وڌڻ لاءِ هميشهه همٿائيندو رهندو. سٺي سادي جيون گذاري عقلمنديءَ کان ڪم وٺي هر ڪاريه ڪندا رهنداسين. ان ڪري اڄ جو ڏينهن هڪ تمام سٺو ڏينهن آهي ان کي پڪڙي پنهنجو ڪاريه پورو ڪريون. سياڻي جي خيال ۾ رهي اجايو موقعو هٿن مان نه وڃايون، ان ۾ ئي سياڻپ آهي.

٢- اڄ جو ڏينهن اسانجو آهي

اڄوڪو ڏينهن اسان جو آهي. هر ڏينهن کي اسين خوشي ڏيندڙ ۽ آنند وارو سمجهون. هر روز ڪنهن نه ڪنهن طرح پاڻ کي چڱن ڪمن ۾ رڌل رکون. ڪم ڪار ۾ لڳا رهون. ائين ڪرڻ سان اسين اڳتي قدم وڌائي هر ڪاريه ۾ ترقي ڪري سگهنداسين.

اسان کي هميشه ياد رکڻ گهرجي ته جيڪو ڪم اسين اڄ ڪري رهيا آهيون اهو سڀ پڇ ته ڪالهه جي آزمودي مان تيل آهي. اهو قل اسين ان موجب ڪائي رهيا آهيون.

جيڪڏهن اسين واچ کي ڏسنداسين ته اسانکي وقت جي خبر پوندي ۽ ڏينهن ڪيئن پورو ٿي رهيو آهي ان جي ڄاڻ ملندي. اهڙيءَ طرح ڏينهن کان پوءِ هفتا، مهنا ۽ سال گذرندا رهندا آهن. پر اسين ان ڄاڻ هوندي به بي پرواهه رهندا آهيون. هرڪو ڏينهن اسان لاءِ نيون ڀالهيون، نئون اُمنگ ۽ اُتساهه ۽ نيون اُميدون ڪٺي اچي ٿو. انڪري اسان کي نئين جوش هوش سان ان جو سواڳت ڪرڻ گهرجي، پنهنجا ڪم ڪاريون سٺي نموني ۾ ڪرڻ شروع ڪريون. اڄايو پريشان نه ٿيون پر همٿ سان ڪم ڪندا رهون ته خوشي ملندي رهندي. نه ته ته پريشان ٿي پنهنجو چهرو مرجهايل رکي ٻين کي به دکي ڪندا رهنداسين.

اڇڻ واري سياڻي اسانجي نه آهي. اڄ جيڪا اسان کي ملي آهي ان جو فائدو وٺڻو آهي، سياڻي جا ٿيندو تنهن جي ڄاڻ ڪنهن کي به نه آهي. ان ڪري اڄ جو ڪم اڄ ئي پورو ڪرڻ کپي. همٿ ڪرڻ سان اپاهج لنگرو به پهاڙ چڙهي ويندو آهي. گونگو به ڳالهائڻ لاءِ پيو ڪوشش ڪندو آهي. ريگستان سر سبز

جيون سڦل ٿيندي رهي.

اسين ڏسون ويٺا ته جنهن انسان کي سٺو دماغ آهي اهو ان کي صحيح ڍنگ سان ڪم ۾ آڻي ٿو. ان کي جيون ۾ ضرور ڪاميابي ملندي رهي ٿي. هو جيڪي به چاهي اهو حاصل ڪري سگهي ٿو. اسين ان جي دل چئون يا دماغ چئون، پر هن کي ڪم ڪرڻ ۽ وٺڻ جو ڍنگ آهي. سڀ ڪم ڪاريون ڪري خوش رهي ٿو.

ڪم وٺڻ جا به طريقا آهن. هڪ صحيح رستو ۽ ٻيو غلط رستو. اسين چاهيون ٿا ته آفيس جو ڪم سٺي ۾ سٺو ايمانداريءَ سان ڪريون. اسانجي ترقي ٿيندي رهي. هڪ نه هڪ ڏينهن اسان کي پرموشن ملي ۽ وڏو عهدو ماڻي سکي ۽ آسودا رهون. پر اسان کي ايترو وقت ڪونه ٿو ملي. اهائي شڪايت ڪندا ٿا رهون. جيڪڏهن اسين سڄي ڏينهن ۾ ٿورو وقت بچائي ڪجهه منٽ ان ڪم لاءِ ڪيون ۽ ان تي سوچ ويچار ڪريون ته پوءِ ضرور سڀ ڪجهه ڪري سگهندا اسين.

هر روز ٿورو وقت بچائي دماغ کان ڪم وٺون. اهي ڳالهيون سوچيون جن مان اسان کي لاڀ ملي سگهندو هجي. اهڙو ڪم دنيا جا سڀ ترقي پسند ماڻهو ڪندا رهندا آهن.

مزو تڏهن ملندو آهي جڏهن اسين انهن ويچارن تي عمل ڪري فائدو حاصل ڪندا آهيون. ائين ڪرڻ سان اسان جي دماغ جي رفتار به تيز ٿيندي رهندي آهي ۽ طاقت به وڌندي آهي. اسين ڏسنداسين ته پهرين جيڪي ڳالهيون اسان جي سمجهه ۾ نه ايندريون هيون، اُهي هاڻي بلڪل سولائيءَ سان ويچاري ان موجب ڪم ڪري سگهون ٿا.

پهرين اسان جو من ڪم ۾ پورو ڪونه لڳندو هو. هتي هتي پيا پٽڪندا هئاسين. بيڪار ۾ پنهنجو قيمتي وقت وڃائي

٥-پنهنجي ويچارن کي ٺيڪ رکون

اچو تہ پاڻ کي پرکيون. پاڻ سان سچ سليون، سوچيون تہ اسان جو ڪنهن مٿ مائٽ يا پاريسريءَ سان ڪو وير وروڌ آهي ڇا؟ ڪنهن جي اُنتيءَ يا ڪاميابيءَ تي اسان کي حسد جاڳي ٿو ڇا؟ ڪڏهن ڪڏهن دل ۾ ٺي پيا سوچيندا يا چوندا آهيون ڇا تہ يار، تون تہ سڀ ڪاجهہ ڪري ٿو وٺين پر مان تہ ڪڏهن بہ تو وانگر تڪڙو همٿ سان ڪنهن بہ ڳالهہ تي سوچي سمجهي ڪوبہ ڪم ڪار ڪري نٿو سگهان. منهنجا ويچار بہ ايترو صحيح بہ تہ نہ آهن ۽ نہ وري تو جهڙو شاندار ڪم ڪري ڪامياب ٿي سگهان! انڪري آفيسر مون کان وڌيڪ توتي خوش ۽ راضي آهن. مان تو وانگر راند روند بہ ڪري نٿو سگهان. توکي ڪنهن بہ ڪم ڪرڻ ۾ ڪابہ ڪٺنائي محسوس ڪونہ ٿي ٿئي. تون ڏکين ماڻهن کان بہ ڪم ڪرائي سگهين ٿو. تنهنجو ڪوبہ دشمن ڪونہ ٿو ٿئي. سيني جي توسان مترتا آهي. تون ڪوبہ ڪم غلط يا برو ڪونہ ٿو ڪرين. توکي مون ڪڏهن بہ مايوس ٿيندو ڪونہ ڏٺو آهي. هر ڪم ڪار ۾ تون ڪامياب ٿو رهين. آخر ان جو ڪارڻ ڪهڙو آهي؟ مون کان جيڪي ڪيپئي اهو وٺ. مون کي بہ پنهنجي ڪاميابيءِ جو راز ٻڌاءِ تہ مان بہ تو وانگر اُنتي ڪري اڳتي وڌي، خوش راضي رهان.

ان ۾ ڪوبہ شڪ نہ آهي تہ اسين سڀ پنهنجو پنهنجو ڪم ٺيڪ طرح سان ڪرڻ چاهيون ٿا. سڀيئي سٺو ڪم ڪري وڌيڪ ۾ وڌيڪ پئسو ڪمائڻ جي اڇا رکون ٿا. سڀيئي ترقي ڪري ڪامياب ٿيڻ جي ڪوشش ڪريون ٿا جئن اسان جي

٦ - مقدمي جو فيصلو

'يوئر آنر' سرڪاري وڪيل پنهنجي سلنتيڪي نموني چيو:
" قيديءَ تي خون جو الزام آهي. هڪ شراب جي ڪُتي واري جو خون ڪيو اٿس."

'خون جو؟' جج جي وات مان يڪدم نڪري ويو. هن پنهنجي تيز نگاهه سان قيديءَ جي منهن ڏي نهاريو. وڪيل جو وري آواز ٻڌڻ ۾ آيو. 'يور آنر'.

پر جج جو ڌيان ڪنهن ٻئي طرف هو. هو ٽڪٽڪي لڳائي توهيءَ جي منهن ڪي تسي رهيو هو. جيڪو ڪٽهري ۾ چوٽهن ورهين جو هڪ نوجوان بيٺو هو. تندرست ۽ خوبصورت هو. تسڻ مان ڪنهن سٺي خلنداني گهراڻي جو معلوم ٿي رهيو هو.

هي معصوم ڇوڪرو خوني! اڃان ته هن جي ڪائڻ پيئڻ، راندروند ڪرڻ جا ڏينهن آهن. هن خون ڪيو آهي ڇا؟ اهو به هڪ شراب جي ڪُتي واري جو!'

پر قانون ته بنا پورو مقدمو ٻڌڻ جي ڪوبه فيصلو ڪري نه سگهندو ۽ نه وري ڪاجهه اڳيرئي ويچار ڪرڻ جي اجازت ڏيندو. اسان جي اندر ڀل هن لاءِ رحم جي نظر هجي پر قانون لاءِ اها اهميت ڪونه آهي.

سرڪار ِ شاهد جو بيان جاري هو. " جنهن ڏينهن ڪُتي واري جو خون ٿيو ان ڏينهن صبوح جو ٿهين ٻاجي مون هن ڇوڪري کي ان ڪُتي جي دڪان تان ٻاهر نڪرندو ڏٺو هو. ان وقت هن جو چهرو غصي ۾ بگڙهو ٿيو پيو هو. اکيون به لال هئس. ڪروڌ ۾ ٻئي هٿ مهٽي رهيو هو. مون اڳيان وتي ڪانئس سبب پڇيو پر هن ڪوبه جواب نه ڏنو. پر ٿورو وقت عاجيب نظرن سان مون ڏانهن گهوري نهاريو ۽ پوءِ اڳتي وتي هليو ويو

فڪر ۽ پريشانين ۾ رهندا هئاسين. پر هاڻي سڀ شڪايتون دور ٿي وييون آهن. اسين ڪوبہ ڪم دل سان ڪري پورو ڪريون ٿا. دماغ بہ ٿڪجي ڪونہ ٿو. پاڻ چست رهي ٿو. پوءِ همٿ سان سڄو ڪم ٺيڪ طرح سان پورو ٿئي ٿو.

هاڻي جڏهن اسان ڪي پاڻ تي پورو وشواس ٿي ويو آهي تہ پوءِ اسين سڀ ڪم سٺيءَ طرح سان ڪري ڪاميابي حاصل ڪندا رهنداسين. ڪٿي بہ ڪوبہ ڪم ڪنداسين تہ عام ماڻهو اسان جي قابليت جي ساراهہ ڪندا رهندا. اسان جي عزت ۽ مان مرتبو وڌندو رهندو. اسان جون سڀ مشڪلاتون بہ دور ٿي وينديون. سڀ ماڻهو اسان سان دوستي رکڻ پسند ڪندا. جتي ڪٿي اسان جي قابليت جي ساراهہ ٿيندي رهندي. اسين بہ پوءِ خوش رهي جيون سڦل ڪندا رهنداسين. سڀني کي پنهنجو پيار ڏيئي همدرديءَ سان ساٿ ڏيندا رهنداسين.

ٿورو ويچار ڪري ڏسو تہ جيون ۾ همٿ ۽ اُتساهہ وارو ئي بازي ماريندو آهي. اسين ان کي بزار مان خريد ڪري ڪونہ سگهندا آهيون. ڪنهن بہ جادو منتر سان بہ اُن کي اسين وس ۾ ڪري ڪين سگهنداسين. همٿ وارو ٿورو شرميلو ۽ لڪل رهندو آهي. اهو ئي انسان سڀ ڪجهہ قربان ڪري فتح پائي سگهندو آهي.

همٿ جي معنيٰ آهي ڪوبہ ڪم هٿ ۾ کڻجي تہ اُن کي پورو ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ڪاميابي حاصل ڪجي. اڌ ۾ ڪم ڇڏي همٿ هاري نہ ويهجي. جي ڪنهن جي صلاح جي درڪار هجي تہ اها وٺي بہ پنهنجو اُتساهہ قائم رکجي. پوءِ ڏسنداسين تہ اسانجي هرهنڌ فتح ئي ٿيندي رهندي. ائين اسين پنهنجي ويچارن کي وس ۾ رکي ڪم ڪار ڪندا رهون تہ آنند ۽ خوشي ٻئي ملنديون رهنديون.

آهي.

ساڳي رات جاڄ صاحب انهن ئي خيالن ۾ اُلجهندو رهيو. ٻئي ڏينهن هن ڪورٽ ۾ اچي فيصلو ٻڌايو. ”شاهدن جي بيانن تي اهو ثابت نہ ٿي سگهيو آهي تہ ڪتي واري جو خون هن ڇوڪري ڪيو آهي. ان ڪري هن ٿوهيءَ کي ڇڏيو ٿو وڃي.

انهيءَ ڏينهن شام جو جاڄ صاحب جي موٽر سندس بنگلي طرف وڃڻ جي بجاءِ ان طرف وڃي رهي هئي جتي اهو ڇوڪرو رهندو هو. ٻن ڪلاڪن کان پوءِ هو جڏهن پنهنجي بنگلي تي پهتو تہ هن سان گڏ اهو ڇوڪرو بہ ساڻ هو. هن جي ديکہ ڀال ۽ پڙهائڻ لکائڻ جي ساڃي جو ابداري هن جاڄ پنهنجي مٿان کنئي. ڇوڪري جو پيءُ اهو ٻُڌي ڏاڍو خوش ٿيو. هن چيو، ”ڏاڍي خوشيءَ جي ڳالهہ آهي جو توهين ڪيس وٺي وڃي رهيا آهيو. باقي منهنجي لاءِ تہ هاڻي ڪنهن کي بہ منهن ڏيکارڻ ڏکيو ٿي پيو آهي. ڪنهن بہ عزت جي لائق نہ رهيو آهيان. خونيءَ جو پيءُ سڏائڻ ڪير پسند ڪندو؟ توهين ڪاڄهہ بہ نہ چئو. توهان هن کي تہ آزاد ڪري ڇڏيو آهي پر مونکي خبر آهي تہ اِهو خون هن ئي ڪيو آهي وشواس نہ اچيوَ تہ هن کان پاڇي سگهو ٿا.“ ائين چئي هو پنهنجي پٽ جي اکيان وڏيو ۽ چيائين، ”چئہ ڪمبخت ! هاڻي تون ڪورٽ ۾ نہ آهين ۽ نہ پوليس جي قبضي ۾. پوءِ بہ تون ڇو خاموش ٿيو بيٺو آهين؟

هاڻي جاڄ اهي ڳالهيون ٻڌي دکي آواز ۾ ٽوڪيندي چيو، ”ڇڏيو انهن ڳالهين کي. جيڪي بہ ٿيو سو ٿيو. هاڻي مان هن کي پنهنجي ديکہ ڀال هيٺ رکڻ چاهيان ٿو. هل مون سان منهنجي گهر هل پٽ.

هيءُ ٻالڪ تيار ٿي ويو. فقط هن جي مٿہ ۾ پيڙ جون اکيون پرجي آيون. تنهن هوندي بہ هن ڪاڇيو بلڪل ڪين. ڪير ٿو چاٽي گهر جي مالڪ جي ٻپ کان يا اِهو سوچي سماجهي تہ جاڄ صاحب جي گهر ۾ هن جو ٻار وڌيڪ آرام سان رهي سگهي رهندو.

هاڻي هيءَ ٻالڪ جاڄ سان گڏ سندس گهر رهندو هو. گهٽيئي سال گذري ويا. جاڄ صاحب جي سکيا موجب هو هاڻي تمام شريف ۽ حليم سڀاوَ

ڪورٽ جي ڪارروائي هلندي رهي. شاهدن پٺيان شاهد پيش ٿيندا ويا. گٽي واري جو خون ثابت ڪرڻ لاءِ سڀ سبب ڪورٽ جي سامهون رکيا ويا هئا. ثابت ٿي رهيو هو ته هن ڇوڪري ئي اهو خون ڪيو آهي. هاڻي ڪيس هلي پورو ٿيو هو. جاج پنهنجي فتوي ڏيڻ ۽ ڏينهن ٻڌائڻ جو اعلان ڪيو ۽ ڪورٽ برخواست ڪري ڇڏي.

اُن شام جو جاج هر روز جيان ڪورٽ مان اُٿي ڪلب ۾ نه ويو. گهمڻ لاءِ به ڪيڏانهن نه ويو. پنهنجي ڪمري ۾ ليٽي ليٽي ان مقدمي بابت سوچيندو رهيو. هن ٻالڪ جي معصوم چهري جو ڌيان ڪندو رهيو جو سندس اکين اڳيان ڦري رهيو هو. هن جي دل چئي رهي هئي ته سڀ ڪاجهه ثابت ٿي چڪو آهي ته اهو خون ان ڇوڪري ئي ڪيو آهي. پر جي هن خون ڪيو آهي ته ڇو ڪيو آهي؟ اهڙي ڪهڙي ڳالهه هئي جنهن هن معصوم ڇوڪري کي خون ڪرڻ لاءِ مجبور ڪري ڇڏيو هو. سچ پچ ان خون ڪرڻ لاءِ هو ذميوار ئي آهي. بلڪل نه. منهنجي دل ته بلڪل ڪين ٿي مڃي.

بيچيني ٿي ائين هو پاسا ورائيندو رهيو. نيٺ خيال آيس ته سمجهڻ جي ڪٽي ته هن ڇوڪري اهو خون ڪيو ڇو؟ جئين ڪورٽ ۾ ثابت ٿي چڪو آهي ۽ خون لاءِ ذميوار هو ئي آهي پر تنهن به ڇا هن کي ان لاءِ سزا ڏيڻ مناسب ٿيندو؟

جاج جي دماغ جواب ڏنو. ”ڇو ڪين؟ هن کي سزا نه ڏيئي تون قانون جي برخلاف فتوي ڏيندين ته ڏوهين جو حوصلو بلند ٿيندو. پر سندس وڪيل ڪيس ڏوڪيو.“ قانون جو جيڪو فيصلو آهي ان کي ڦيرائي ڏوهيءَ تي قياس ڪئڻ، گٽي واري جو خون ٿيڻ تي هن ٻار کي ڇڏي ڏيڻ ٺيڪ نه آهي. پر برابر ۾ ڪا اهڙي ڳالهه ٿي هوندي جنهن ڪري هن لاچار ٿي اهو خون ڪيو هوندو. ڪنهن جي جان وٺڻ تمام وڏو ڏوهه آهي. پر خونيءَ کي سزا ڏيڻ سان مئل ماڻهو وري زنده ٿي ڪونه سگهندو ۽ نه وري خونيءَ جو ڪو گناه ڌوپجي ويندو. هاڻي پاڻ ائين ئي ٿيندو جو هو ڏوهي ٻئي جي سماج جي لاءِ ناسور ٿيندو رهندو. هيئنر ته هن کي سڌارڻ جو

روپ ڏنو. هن جي محنت سڪيلر تي ٿيڻ لڳي.

"پر نہ ..." هاڻي هي ڳالهہ ٿورو ترسيو. وري چوڻ شروع ڪيائين. هڪ ڏينهن منهنجي پتاجيءَ جي دماغ ۾ آيو تہ سچي محنت تہ هو ٿو ڪري ۽ سندس ساٿي گهر ويٺي فائدي جو ڳچ حصو کڻي ٿو وڃي. ائين ڇو؟ پتاجيءَ جو ائين سوچڻ هڪ لحاظ کان ٺيڪ بہ هو پر هن ان ڳالهہ ڌيان ڪونہ ڏنو. هميشه محنت جي مقابلي ۾ پئسي جو پلڙو ڀاري ٿيندو آهي. هن اُن ماڻهوءَ وٽ وڃي فائدي مان پنهنجي لاءِ وڌيڪ حصي جي گهر ڪئي. هو ماڻهون پهرين نمبر جو ٺڳ هو. هن مشڪي ڪيس وشواس ڏيڙي چيو، "چو ڪين مان توکي وڌيڪ ڏيندس، پر اهو ٿئي ٿي ٿو هنئي ۾ سوچي سڀ بندوبست ڪندس هيءَ ڪمپني اصل ۾ تنهنجي آهي گهبرائين ڇو ٿو؟"

اهو ٻڌي پتا جي ڏاڍو خوش ٿيو. هاڻي هن شاهوڪار آهستي آهستي الٽو رستو اختيار ڪيو. شروع ۾ ڪيترو عيش عشرت جو سامان گهرائي منهنجي پتا جي سامهون رکيو. هن جي ستل مستيءَ کي جاڳايو. آهستي آهستي هن کي شراب پيارڻ لڳو. هاڻي هن پنهنجي چلر ڦهلائي هن کي نڪمو ثابت ڪيو. جيڪو انسان دور انديش ۽ محنت وارو هو اهو ئي هاڻي نڪمو ۽ بي حال ٿي پيو. انڪري هن کي پنهنجي ڪمپنيءَ مان ڪيي اُچلي ڇڏيائين ۽ پاڻ اڪيلو ئي مالڪ بڻجي ويٺو. پتاجيءَ ڏاڍي ڪوشش ڪئي هٿ پير جوڙي ڪيس وينتي ڪئي تہ هيءَ تون ڇا ڪري رهيو آهين. پر سڀ بيڪار ٿيو. پيو ڀلا ڇا ٿي ٿي سگهيو؟

آهستي آهستي بيڪاريءَ جي ڪري پتاجيءَ جي رهيل سمجهہ ٻوجهہ بہ ويندي رهي. هاڻي هر روز رات جو شراب جي نشي ۾ ٽڪا کائيندو گهر ۾ ايندو هو. مونکي ڏاڍو عجب لڳندو هو ۽ پيو حيران ٿيندو هوس. آمدنيءَ جو ڪو رستو ڪليل ڪونہ هو پوءِ بہ اهو شراب آڻي ڪٿان ٿو جو پيئندو رهي ٿو. ان ڪري مون مٺ کان پڇيو پر هن ويچاريءَ کي ڪهڙي خبر؟ نيٺ همٿ رکي مون پتاجيءَ کان پڇيو. هن مونکي خوب ڌڪايو ۽ هيسايو. ان ڳالهہ جو پتو لڳائڻ لاءِ مان ڪوشش ڪندو نيٺ ان ڳتي و اري وٽ ويس

جو ٿيندو ويو ۽ پهرين به هن ۾ ڪا اهڙي بري عادت ڪانه هئي پر هاڻي هن جاچ ڪيس پنهنجو پٽ ڪري پالي سنڀالي وڏو ڪيو ۽ فخر محسوس ڪري رهيو هو. ڪهڙو پيءُ پنهنجي ٻار کي ڳهت ڳهرندو هوندو. هاڻي جيڪڏهن ڪنهن کي چئجي ته هن ٻالڪ خون ڪيو هو ته ماڻهون سمجهندا ته اسين پاڳل آهيون. سيني کان ان مقدمي جي ڳالهه وسري ويئي هئي.

پر جاچ صاحب کان اجان اها ڳالهه ڪونه وسري هئي. هڪ ڏينهن هن ٻالڪ کي پنهنجي پاسي ۾ وهاري ڏاڍي پيار سان چيائين، "مان توکان ڪاجهه پڇان ته تون سچ ٻڌائڻ ۾ گهبرائيندين ته ڪونه! پر ڳالهه اهڙي آهي جو پهريون دفعو ئي ڪورٽ ۾ توکي ڏسي جيئن منهنجو ويچار ٿيو هو ان موجب ئي تون سڄو ٻالڪ نڪتين. تون شريف ۽ سمجهو آهين. پر هڪ سوال اڄ ڏينهن تائين منهنجي دل ۾ ڪتڪي رهيو آهي ته ڇا تو ئي هن ڪتي واري جو خون ڪيو هو؟"

هن ٻالڪ هاڻي ٿورو خاموش ٿي همٿ سان جواب ڏنو، "ها، مون ئي ڪيو هو."

"پر تو ائين ڇو ڪيو؟ ضرور ان جي پٺيان ڪو اهڙو راز هوندو. يا ڪا خاص ڳالهه هوندي جو تو ائين ڪيو آهي. تون مون کي سچي سچي حقيقت ڪين ٻڌائيندين؟"

هن ٻالڪ جي اکين ۾ پاڻي اچي ويو. هن جي چهري تي غم ۽ غصو ڇائنجي ويو. پر هن جلد ئي پاڻ کي سنڀالي ورتو ۽ شانتيءَ ۾ اچي پنهنجي ڪهاڻي شروع ڪري ڇڏي.

"منهنجو پيءُ پهرين ڪنهن ڪمپنيءَ جي آفيس ۾ معمولي ڪلارڪ هو. قدرتي طرح ٻين ماڻهن جيان هو به پنهنجي حالت تي خوش ڪونه هو. هڪ دفعي هن ڪا اسڪيم ٺاهي جا هڪ امير ماڻهوءَ کي پسند پئجي ويئي ۽ هو هن جي مدد ڪرڻ لاءِ تيار ٿي ويو. ٻنهي گڏجي هڪ ڪمپني کولي. اُن ماڻهوءَ جا پئسا ۽ منهنجي پيءُ جو دماغ هو. قسمت ساٿ ڏنو. ڪمپنيءَ جو ڪاروبار سٺو هلڻ لڳو. پتاجيءَ جي سپني سلڪار

٧-جهڳڙو نہ ڪري آنند ماڻيون !

هڪ پوٽي پنهنجي گهر ۾ ڏاڏي کان پڇيو: بابا، ڪنوارن جي جيون ڏاڍي مزيدار ۽ بي فڪر واري هوندي آهي. پر شادي ڪيل ماڻهن جي زندگي هڪ جنجال ڇئي ٿي وڃي. تنهن هوندي بہ ماڻهو شادي ڪرڻ لاءِ اُتاولا ٿا رهن. ائين ڀلا ڇو آهي؟''

ڏاڏي مشڪي جواب ڏنو. ''پٽ شادي تہ هڪ دهليءَ جو لڏون آهي جو بہ کائيندو آهي اهو پڇتائيندو آهي پر جيڪو نہ کائيندو آهي اهو بہ پيو سوچي پڇتائيندو ڏسڻ ۾ ايندو آهي.

اهو آهي تہ بلڪل سچ. سوَن جهنجهٽن جي هوندي بہ شاديءَ جي ڪشش سيني کي رهي ٿي. ايتريون ڳالهيون هوندي بہ گرهستي جيون هڪ آنند ڏيندڙ تجربو آهي.ڇاڪاڻ تہ گهڻيون شاديون ڪامياب وينديون آهن. ان مان انسان کي دڪہ کان وڌيڪ سکہ ۽ شانتي ملندي آهي.

شاديءَ کان اڳہ اسين انهن ڳالهين کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪندا رهون. جئن شاديءَ کانپوءِ اسان ٻنهي جي هڪ راءِ هجي. پر شاديءَ کان پوءِ جڏهن اسين پنهنجي گهر ٻار ۾ پوريءَ طرح مشغول ٿي ٿا وڃون تہ اسان کي انهن ڳالهين طرف بہ ڌيان ڏيڻ گهرجي. ڇاڪاڻ تہ ڪنهن ڪنهن مهل ڪن ڳالهين ۾ متڀيد بہ ٿيندا رهن ٿا. ڪن ڳالهين ڏانهن اسين ڌيان ڏيئي انهن کي پورو ڪريون ٿا. ڪاڏي پيتي گهمڻ ڦرڻ دوستن جي باري ۾ جدا جدا پسنديءَ جي حد برداشت ڪري سگهبي آهي. ڪيترين ڳالهين کي ٽارڻ سگهبو آهي. پر ڪٽنب جي عزت، مان شان کي قائم

جتني پتا جي وچي شراب پيئندو هو. مون ڪلنس ٻاڇيو، "پٽئي صاحب، توهين منهنجي پتلجيءَ کي شراب پيئڻ لاءِ ڇو تا ڏيو. هن وٽ هاڻي پئسا آهن ئي ڪونہ. مفت ۾ ڇو تا هن کي خراب ڪريو. اهو قرض هو ڪٿان لاهيندو؟

اهو مڪلر گتي وارو مسڪرائڻ لڳو ۽ نيٽ چيائين، "اڙي پيءُ کي سماجهڻ وچي. هن مونکي تنهنجي پيڻ ڏيڻ جو انجام ڪيو آهي. هو هاڻي جلد ئي اها مونکي سونپي ڏيندو."

"توهين سوچي سگهو ٿا" هاڻي هن ٻالڪ ڏکهو ساهہ کنيو. "ان وقت منهنجي مٿان ڇا گذريو هوندو. پتلجيءَ جي هن گراوٽ جو مون تي کهڙو اثر ٿيو هوندو اهو توهين چڱيءَ طرح سماجهي سگهو ٿا. هيءُ هڪ خسيس گتي وارو منهنجي پيڻ تي بري نظر رکي ۽ پتاجي شراب جي لالچ ۾ هن کي تيءَ ڏيئي ڇڏڻ جو انجام ڪري اهو سوچي منهنجي ساڄي بدن ۾ باهہ ڦهلجي ويئي. پر اُن وقت تہ مان ملٽ ڪري گهر واپس موٽي آيس. ڇو جو اُن وقت منهنجي لاءِ پيو ڪو چارو هئو ئي ڪونہ. سوچيندو رهيس تہ هاڻي ڇا ڪرڻ گهرجي. نيٽ هڪ ڏينهن هڪ وڏو ڇرو کٽي هن جي گتي تي ويس ۽ وچي اهو ڪپ سندس پيٽ ۾ گهسايو. مونکي هن جي مرڻ تي ڪوبہ افسوس ڪونہ ٿيو. بس...!"

هاڻي هيءُ ٻالڪ خاموش ٿي ويو. جاج صاحب بہ خاموش ٿيو ويٺو رهيو. ان رات جو هن پنهنجي ڊائريءَ ۾ لکيو، "هن ٻالڪ لاچار ٿي گتي واري جو قتل ڪيو هو. اهو تہ برابر آهي پر انهن حالتن ۾ پيو ڪير بہ هاجي ها تہ ائين ئي ڪري ها. شايد مان هاجان ها تہ مان بہ ائين ڪريان ها. کهڙو بہ ماڻهون پنهنجي هن غيرت تي ملٽ ڪري ڪئين وهندو؟ اهو ماڻهون جنهن هن ٻالڪ جي پتا کي دوکو ڏنو يا هن جو پيءُ يا گتي وارو خود؟ نميوار ڪير بہ هاجي گهٽ ۾ گهٽ هيءُ ٻالڪ تہ ڪونہ آهي. منهنجو وويڪ هن کي ڏوهي نٿو مڃي. مونکي تہ خوشي آهي جو منهنجي عدالت جو فيصلو غلط ڪونہ ٿيو آهي. منهنجو وويڪ چوي ٿو تہ مٿي پربوءَ جي عدالت ۾ بہ اهو ئي فيصلو ٿئي ها.

ڪيتريون ڳالهيون اسان ۾ جي آهن اُنهن کي ڇڏڻ برابر ڏکيو لڳندو آهي پر اُنهن ۾ سُڌارو ضرور آڻي سگهبو آهي. ڇاڪاڻ تہ ڪيتريون عادتون زال کي نئيون وٽن تہ اُنهن ۾ بدل سدل ڪرڻي پوندي آهي. گهرجي صفائي، ڪل خوشيءَ وارو واتاورڻ، نمرتا، پيار ۽ همدردي ضروري آهي. زال کي بہ پنهنجي ڪيترين عادتن کي مٽائڻو پوندو آهي. هڪ ٻئي جي پيت تي هلي سڪہ ۽ شانتيءَ وارو واتاورڻ پئدا ڪري جيون سڦل ڪرڻي پوندي آهي.

زال مڙس ان طرح پاڻ ۾ يڪمشت ٿي سڀ ڪجهہ ڪن. ائين ڪرڻ ضروري آهي. هڪ ڇٽي ڪا ڳالهہ ڇئي تہ ٻئي کي ماحڻ ۾ پنتي پوڻ نہ گهرجي. ملي جلهي هلجي ان ۾ آنند ملندو آهي. ڇو جو هو هاڻي هڪ ٻئي کي پوريءَ طرح سمجهي سڀ ڪجهہ ڪري رهيا آهن. ائين ڪرڻ سان ٻنهي جي ڀلائي ۽ خوشي ان ۾ ئي آهي. خاص ڳالهين تي هڪ راءِ ٿيڻ ضروري آهي. ننڍين معمولي ڳالهين ۾ ٻنهي کي ٿوري گهڻي آزادي ملڻ ضرور گهرجي. ڇاڪاڻ تہ انسان جو گهر هن جي سڪہ چئن جو اِستان آهي، جيل نہ آهي. سمجهو ماڻهو ڪٽنب پريوار جي سڪہ ۽ آنند لاءِ ضرور پاڻ کي حالتن موجب ٺهڪائي پنهنجي زندگي آرام سان گذاريندو آهي.

گهر ۾ اسان کي پاڻ ۾ ان طرح جي رهڻ جي عادت وجهڻ گهرجي جئن هرڪا سهوليت ۽ آزادي هجي پر ائين نہ ٿئي جو پنهنجي سهوليت جي ڪري ٻين کي تڪليف پيئي ملي ۽ هو دکي پيا ٿيندا رهن. گهر جي ٻين ڀاتين جو بہ خيال رکڻ ضروري آهي تہ هنن کي ساڳيو سڪہ ۽ آرام بہ ملي رهيو آهي يا نہ. ڪين ڪا تڪليف يا پريشاني تہ نہ ٿي رهي آهي. اهو اسان جو فرض آهي. ميل ميلاپ ۾ رهڻ ۾ جو پيار ۽ محبت آهي ان سان گهر هلائڻ ۾ سڪہ ۽ شانتي قائم رهي سگهي ٿي. ان ڪري انهن ڳالهين تي زور ڏنو ويو آهي. ننڍي هوندي کان ئي گهر جي ڀاتين ٻين ۾ پاءَ

رکڻ لاءِ ٻنهي جي هڪ راءِ هئڻ ضروري آهي. ان کان سواءِ سس سهرو ۽ گهرجي ٻين ڳاتين سان ٻہ ملي جلهي هلڻو پوندو آهي. دوستن ۽ ساهرين جي ڳالهين ۾ ٻہ هڪ ٻئي سان نڀائڻو آهي. ان سان گڏ ٻارن جي سار سنڀال لهڻ پالڻ پوشڻ تي ٻہ زال ۽ مڙس جي هڪ راءِ هئڻ ضروري آهي. جيڪي ماڻهو انهن ڳالهين جي پاڻ ۾ يڪمشت تي قدم اڳتي وڌائيندا رهن ٿا انهن جي گرهستي جيون آنند واري ڪاميابيءَ سان گذري ٿي.

هڪ ٻئي جو ساٿ ڏيئي سک ماڻيون، اهائي جيون جي سڦلتا جي ڪنجي آهي. ان ڪري زال ۽ مڙس کي سمجهڻ گهرجي تہ گهريلو زندگيءَ ۾ سک ۽ شانتيءَ جو کو هڪ طريقو ڪونہ ٿيندو آهي. هر ڪنهن جا پنهنجا پنهنجا مسئلا ٿيندا آهن. ڪوشش ڪري هڪ ٻئي سان هڪ راءِ ٿي هلڻ ۾ سڀ ڪاڄهہ پراپت ڪري سگهبو آهي. محبت، قرباني، هڪ ٻئي جي سک شانتيءَ جو خيال ڪرڻ، فرض ۽ جوابداريءِ جو خيال رکڻ سان اهو حاصل ڪري سگهبو آهي. پاڻ ۾ هڪ ٿي هلڻ ۽ هڪ ٻئي جو پورو ساٿ ڏيڻ جي پاڻ ۾ عادت وجهون ان ۾ زال مڙس جي ڪاميابي حاصل ڪري سگهجي ٿي. پاڻ کان وڌيڪ ٻهرين ٻئي جو سوچڻ کپي. مان توکي پيار ڪريان ٿو يا ڪريان ٿي. ايترو چوڻ سان پيار ڏسڻ ۾ ڪونہ ايندو آهي. پر ان لاءِ پاڻ هر روز جي جيون ۾ عملي طور ثابتي ڏيڻي پوندي آهي. زال مڙس کي سڀ سهولتيون ۽ آرام ڏيڻ جو خيال رکي، اهو پيار ۽ فرض جي پالنا جو سچو طريقو آهي. ساڳيءَ طرح مڙس جي لاءِ ٻہ ضروري آهي هو زال جي شيوا ۽ پيار جي ساراهہ ڪري ۽ سندس هر سک ۽ آرام جو هرڪو خيال رکي. نوڪري ڌنڌو ڪري پئسو ڪمائي گهر جو سٺو گاڏو هلائي. دک سک ۽ پريشانين جو ٻہ گڏجي مقابلو ڪندا رهن تہ پوءِ ڪاميابيءَ سان گهر جو ڪاروبار پيار ۽ ميلاپ سان سک مئہ گهاري سگهندا. شاديءَ کانپوءِ

لڳائڻ مشڪل آهي. ان مان وير وروڌ وڌي ٿو. هڪ ٻئي کان دور ٿي ٿا وڃون. سياڻا سمجهو انسان ان ڳالهہ کي سمجهي دور رهڻ پسند ڪندا آهن. ڪڏهن بہ اهڙو اظهار نہ ڪندا آهن. هو شانت ۾ ويهي سوچ ويچار ڪندا آهن. هر وقت هڪ ڳالهہ ڪٽي ان تي وڙهڻ ۽ ڪنهن بہ ٺاهہ تي نہ پهچڻ، وڏي دکہ جي ڳالهہ آهي. پر الائي ڇو اسان ۾ ائين گندي ۽ بيشرمائيءَ جي عادت پئجي ٿي وڃي. مڙس جڏهن آفيس مان ڪنهن سان جهڳڙو ڪري اچي ٿو تہ گهر ۾ اچي زال سان وڙهڻ شروع ٿو ڪري. ان طرح زال بہ جڏهن ٻارن، نوڪرن يا پاريوارن جي ڳالهين مان تنگہ ٿي پريشان ٿي ٿئي تہ شام جو مڙس تي اچي ٿي ڏمرجي. سڄو ڪروڌ ان تي اچي ٿو ڪري ان طرح وڙهي جهڙي پنهنجي پريشانيءَ جو اظهار ڪرڻ جو اهو طريقو ٺيڪ نہ آهي. ان مان ڪاجهہ بہ فائدو ملي ڪونہ سگهندو، پاڻ گهر ۾ ترشي پئدا ٿيندي. گهر جو وايو منڊل بگڙجندو رهندو. سکہ شانتي موڪلائي ويندي. ٻاري وارن جي اَڳيان بہ ڏٺا ٿيندا اسين.

ڪيترين ڳالهين ۾ جهڳڙو ٽاري سگهجي ٿو. اهو هنڌ ڇڏي وڃجي. جيترو ٿي سگهي اوترو بحث مباحثو اجايو نہ ڪجي. جڏهن هڪ ڄڻي جي اڄ موڊ خراب آهي تہ ٻئي جو فرض آهي تہ هو .هن سان ان وقت مٺو ڳالهائي، ڳالهہ کي ختم ڪري ڇڏي. پر جي پاڻ بہ ساڳئي نموني پيش ايندو تہ جهڳڙو ٿيڻ جو انديشو آهي. انڪري ڪلي چرچو گهٻو ڪري جهڳڙو ختم ڪرڻ گهرجي. ٿي سگهي تہ ڪيس ٻاهر گهمڻ لاءِ وٺي وڃجي. بين ڳالهين ۾ ڪيس رڌل رکجي. ائين ڪرڻ سان ڪروڌ گهٽجي ويندو ۽ پوءِ آرام سان ويهي ڳالهيون ڪجن. هر وقت لڙڻ جهڳڙن ڪرڻ سان دل اندر بي آرامي پئدا ٿئي ٿي. سکہ شانتي موڪلائي وڃي ٿي. اهڙن جهڳڙن ٿيڻ کان پوءِ جي زال يا مڙس چاهي تہ پنهنجي ساٿيءَ کان معافي وٺي، غلطفهمي دور

۽ اسڪول جي ساٿين سان نياهي هلڻ جي عادت پاڻ ۾ وجهڻ کپي. ننڍي هوندي کان ئي جيڪي شخص هڪ ٻئي سان نياهي هلن ٿا اهي وڏا ٿي ڪامياب جيون گذاري سگهندا آهن. جيڪي ماٺهو ضدي، بي قدر ۽ مغرور هوندا آهن اُهي ڪڏهن بہ ڪنهن سان ميل ميلاپ ۾ هلي نہ سگهندا آهن. جيڪي گڏجي پيار ۽ همدرديءَ سان رهڻ چاهين ٿا انهن جو سڀاءُ نرمل، مٺو ۽ وڻندڙ هوندو آهي. هو سڀني حالتن ۾ پاڻ نياهي هلڻ ۾ اڳڀرا ٿيندا آهن. انڪري سکي جيون گهاري سڦلتا پائي سگهندا آهن.

اسين هميشہ ڪوشش ڪري ننڍا ننڍا جهڳڙا پاڻ ۾ ويهي نپٽائيندا رهون تہ ان ۾ مزو ملندو. اجايو ڳالهہ کي وڌائي ممڻ نہ مچائجي.

اسان ننڍي هوندي پنهنجي ڀاءُ، ڀيڻ، ڪلاسن جي ساٿين ۽ پاڙي اوري ۾ ٻارن سان ضرور جهڳڙو ڪيو هوندو. جڏهن غصو ايندو آهي، ڪير اسان جي ڳالهہ نہ مڃيندو آهي تہ دل جو غبار ڪيڻ لاءِ نہ چوڻ جهڙي ڳالهہ بہ چئي وڻندا آهيون. هڪ ٻئي کي ڏوهي ٺهرائي پوءِ آرام ڪندا آهيون. پنهنجو حق ۽ پنهنجي ڳالهہ کي صحيح ثابت ڪرڻ لاءِ دليل پيش ڪري پاڻ کي اڄو اُجرو ثابت ڪندا آهيون. جيڪڏهن اجا بہ ڳالهہ نہ ٺهي تہ پوءِ ڀلو برو چئي پنهنجي ڳالهہ مٿي رکي ڪروڌ کان ڪم وٺندا آهيون.

جهڙيءَ طرح ننڍپڻ ۾ جهڳڙا ٿيندا آهن، ان طرح وڏي هوندي بہ اها عادت ڪونہ ويندي آهي. زال مڙس جا بہ جهڳڙا ٿيندا رهندا آهن. جهڳڙي جو مطلب پنهنجو اعتراض ظاهر ڪرڻ جو نہ هوندو آهي پر هڪ ٻئي تي الزام هٽي ڀلو برو چوڻ هوندو آهي. پنهنجي دل جي ويچارن کي بيپرواهہ ٿي ظاهر ڪرڻو آهي. هڪ ٻئي جي دل دکي ڪرڻ جو ويچار آهي. انهن جهڳڙن مان ڪيترو نقصان ٿئي ٿو ان جو اندازو

کي اهو خيال رهندو آهي تہ ماءُ پيءُ هنن جي لاءِ ڪيتري نہ تڪليف وٺي سڀ ڪجهہ ڪندا رهيا آهن. پيو تہ گهر جي بجيٽ ٺاهڻ، آمدني ۽ خرچ جو پورو حساب ڪتاب سمجهڻ وغيره جي ڪين چاڻ پئجي وڃي ٿي. ماءُ پيءُ کي بہ اهو خيال رکڻو پوي ٿو تہ هنن جي ورتاءُ ۾ بہ ڪو اهڙي ڳالهہ نہ هئڻ گهرجي جو ٻار ڪين جهڳڙالو، بي پرواهہ يا پيو ڪجهہ سمجهي وهن.گهر ۾ ٻار جي اڳيان ڪي بہ اهڙيون ڳالهيون نہ ڪرڻ کپن جن مان ڪين اسان جي متڀيد جي ڪا خبر پوي يا ٻئي ڪنهن جي بہ اهڙي ڳالهہ نہ ڪريون جنن ان لاءِ هنن کي ڌڪار پئدا ٿئي. جهڙو ورتاءُ اسين ڪنداسين اهڙو ئي ٻار بہ ان موجب ڪندا رهندا.

اهو برابر ٺيڪ آهي تہ گهر ۾ شانتي ۽ سک قائم رکڻ لاءِ مڙس ۽ زال ٻئي جوابدار آهن. پر جي ان معاملي ۾ زال وڌيڪ خبردار آهي تہ مڙس کان ان ڳالهہ ۾ ڪٿي سگهي ٿي. هوءَ ڪٽنب جي راڻي آهي . سيني تڪليفن ۽ پريشانين کي منهن ڏيئي ٺيڪ ڪرڻ ۾ مدد ڪري، مڙس کان وڌيڪ ڪاميابي حاصل ڪري سگهي ٿي. جيڪڏهن زال گهر کي سرڳہ بڻائڻ جي هرڪا جوابداري ڪٽي تہ هوءَ ڇا نہ ٿي ڪري سگهي؟ سچي خوشي آٽي سگهي ٿي گهر کي سرڳہ بڻائي سيني لاءِ آنند آٽي ٿي. هار ۾ جيت جو سک ملندو آهي. وٺڻ کان ڏيڻ ۾ وڌيڪ خوشي ۾ ملندي آهي. پيار سان ڪنهن کي بہ پنهنجو بنائڻ ۾ جو سک ملي ٿو اهو ٻئي ڪنهن متڀيد ۾ رهڻ سان ڪونہ ملي سگهندو آهي. زال هر ڳالهہ جو فڪر نہ ڪري معاف ڪندي رهندي آهي ۽ سڀ ڳالهيون وساري شيوا ڪندي رهندي آهي. پيار ۽ همدرديءَ جي ديوي آهي. جيڪڏهن هوءَ پنهنجي نيم سان قدرتي طور هلندي رهي تہ ڪٽنب ۾ ڪوبہ جهڳڙو نہ رهندو. سک ساگر جو آنند ملندو رهندو آهي. سڀ ڪل خوشيءَ ۾ جيون گهاري آنند وٺندا رهندا. جيون بہ ان ۾ ئي سڦل ٿي سگهندي آهي.

ڪري ته سٺو آهي. پر جي اهو جهڳڙو وڏي ويو هوندو ته اهو زخم دور ٿيڻ ۾ وقت لڳندو آهي.

يارن دوستن جو جهڳڙو ايترو نقصان ڪونه ٿو پهچائي. اهو جلد ئي متاجي ويندو آهي. پر زال مڙس جو جهڳڙو جيون ڀر هلندو رهي ٿو اهو ڪڏهن به سک نه ڏيئي سگهندو ۽ پريشان ڪندو رهندو آهي. چاڪاڻ ته هو هڪ ٻئي جي خامين ۽ عادتن کي چڱيءَ طرح ڄاڻن ٿا. انڪري انهن جون ڳالهيون هڪ ٻئي کي گهٽو دکي ڪن ٿيون.

ڪٽنب پريوار به هڪ طرح جي سماج آهي جتي هڪ ئي ڇت جي هيٺان ڪيترائي ڇڻا هڪ ٻئي سان ملي جهلي رهن ٿا. هڪ ٻئي کي چڱيءَ طرح سڃاڻن ٿا. انڪري ڏهين پندرهين ڏينهن ڪٽنب جي ڀاتين جي هڪ ميٽنگ ضرور ٿيڻ گهرجي. اتي هو گڏجي پنهنجي تڪليفن يا ٻين ڪيترين ڳالهين کي هڪ ٻئي ۾ سمجهڻ جي ڪوشش ڪن ۽ ان جو اُپاءُ ڳولهي سٺي جيون گهارڻ جو تدارڪ ڪن. اهڙين ميٽنگن ڪرڻ سان گهر ۾ ميل ميلاپ سان رهڻ جي ڳالهين تي ويچار ڪري آنند ماڻيندا رهن. هاڻي ٻار به سمجهو ٿيا آهن. انهن جي به شڪايت کي ٻڌي اُنهن جو ~ نبيرو ڪاجي. ائين ڪرڻ سان ان گڏجاڻيءَ مان گهڻو فائدو ٿئي ٿو. ننڍيءَ عمر ۾ ٻار ماءُ پيءُ جي آگيا موجب هلي پنهنجو سڌارو ڪن ٿا پر هاڻي وڏا ٿيا آهن. تعليم وٺي پنهنجي پيرن تي بيٺا آهن. مائٽن جي ڇوڙ تي هنن پنهنجي جيون ٺاهي آهي ۽ هو آزاد پناڇي ٿيا آهن.

گهر گلاب جو سڳنڌي بسترو ته آهي ڪونه. ان ڪري ٻارن کي ان جي سيني ڳالهين جو علم هئڻ ضروري آهي. جڏهن ٻار ماءُ پيءُ جي مالي مشڪلاتن ۽ ٻين پريشانين کي سمجهندا ته هو به مائٽن جو ساٿ ڏيڻ ۾ پٺتي نه پوندا. ان مان هڪ ته ٻارن

ساٿس سٺو ورتاءُ ڪرڻ گهرجي. ان تي رحم ڪائڻ گهرجي. هو پليل راهہ تي هلي رهيو آهي. ان طرح اسين پاڻ ۾ گهٽيئي چڱايون پيدا ڪري سٺين عادتن سان پين کي شڪست ڏيئي پنهنجو بنائي سگهنداسين.

اهو هڪ قدرت جو اصول آهي. ڪنهن جي بہ ڪا چڱائي اجائي ڪونہ ويندي آهي. ان جو ڪونہ ڪو سٺو نتيجو ضرور نڪرندو آهي. اهڙيءَ حالت ۾ اسين ڇو ڪين اهڙا سٺا ڪم ڪريون جن ۾ اسان جي ساٿين جا ڏکہ دور ٿي وڃن.

جيڪڏهن ڪو برو ماڻهو پنهنجي برائيءَ سان اسان کي تنگہ ڪندو رهي ٿو تڏهن بہ اسين ان سان نرميءَ جو ورتاءُ ڪندا رهون. پوءِ پڪ آهي تہ هو ٺيڪ رستو اختيار ڪري اسان جهڙو ٿي پوندو.

ڪاميابي حاصل ڪرڻ ۾ ٺيڪ وهنوار ڪرڻ سان وڏي مدد ملي ٿي. جنهن ماڻهوءَ سان سيني جي همدردي هوندي آهي ان جا وڏا وڏا ڪم تمام سولائيءَ سان پورا ٿي ويندا آهن. جنهن بہ هنڌ اسان کي ڪوبہ ڪم ڪرڻو هجي اتي جي ماڻهن سان اسين مٺو وهنوار رکون. هنن جي ڀلي جا ڪاريہ ڪريون. هنن سان اسان جو ورتاءُ سٺو رهي. ان ۾ اسان جو تہ ڪوبہ خرچ ڪونہ ٿو ٿئي. پر وقت اچڻ تي اسين هنن مان گهٽيئي ڪم ڪڍي وٺندا آهيون ۽ فائدو ملندو رهندو. دولت، علم، عقل ۽ طاقت وغيره جو ڪم تہ خاص خاص موقعي تي هوندو آهي. پر شرافت جي ضرورت هر وقت رهندي آهي. جيڪڏهن اسين مٺو ٻولڻ وارا آهيون تہ اسين جنهن بہ ماڻهوءَ کي ڪوبہ ڪم چونداسين تہ هو جلد ئي ڪري وٺندو. پر اسان جو اُن ۾ ڪوبہ سوارٿ سمايل نہ هئڻ گهرجي. دغا، فريب، مڪاري يا ٻاهريون ڏيکہ ويکہ نہ هئڻ گهرجي.

٨ - سيني کي پنهنجو بڻايون!

هڪ ساڄڻ چيو آهي تہ ”جيڪو انسان پنهنجو ڪم پاڻ ڪرڻ چاهي ٿو ان کي ٻين جي صلاح ۽ اُپديش تي ڪڏهن بہ ڌيان نہ ڏيڻ کپي. پنهنجي قابليت ۽ حصيت جو خيال رکي خود پنهنجو فرض ۽ اصول پاڻ ئي طئہ ڪري ڪم ڪار ڪندو رهي. گهڻنئي ننڍين وڏين ڳالهين جو خيال خود ئي رکي انهن کي پورو ڪندو رهي. پئسي کي فقط سڀ ڪجهہ نہ سمجهي پنهنجي فرض جو پوريءَ طرح پالن ڪري. ڪڏهن بہ خود غرض نہ بڻجي. خود غرض ٿيڻ فقط وڏو گناهہ نہ پر ٻين بہ عيبن کي جنم ڏئي ٿو. هو پنهنجي عقل ۽ سمجهہ کي ختم ڪري انهن ۾ ڦاسي وڃي ٿو. پوءِ پنهنجي ستياناس ڪري ٿو ڇڏي. اهي اوٽايون انسان کي انڌو ڪري ٿيون ڇڏين ۽ پوءِ هو دکي جيون گهاريندو رهي ٿو.

جنهن ماڻهوءَ ۾ خودغرضي جيتري وڌيڪ پرجي وڃي ٿي اهو اوترو ئي خوفناڪ پاپي ٿيندو ٿو وڃي. خود غرض ماڻهو پنهنجي فائدي جي لاءِ دنيا جي سيني کان وڏي خرابي ڪرڻ لاءِ بہ تيار ٿي ٿو وڃي. اهڙن ماڻهن جي سماج ۾ ڪابہ عزت ڪونہ ٿيندي آهي. پر جيڪو ماڻهو ٻين جو خيال رکي ٿو ان کي خوش ۽ سکي ٿيڻ ۾ دير ڪونہ ٿي لڳي. پر اُپڪار ۽ ٻين جي ڀلائيءَ ڪرڻ ۾ وڌيڪ آنند ملي ٿو. هنکي خبر آهي تہ ٻين جي ڀلائي ڪرڻ ۾ پنهنجي ڀلائي سمايل آهي.

جيڪڏهن ڪو اسان سان ڀلائي نٿو ڪري، بي واجبي سلوڪ ٿوُ هلي تڏهن اسان کي هن جي ان هلت تي دکہ نہ ڪري

ڏنتو گهٽ آهي پنهنجي دڪان کي بند ڪري سئر سفر تي هليو ٿو وڃان. يا سست ٿي گهر ۾ ٿو وهي يا برسات پوي ٿي ته پنهنجو دڪان بند ڪري گهر ۾ ئي ويهي ٿو رهي. اهو ڪڏهن به ترقي ڪري ڪونه سگهندو آهي.

اڄڪلهه سيني پاسي کان اُدم ڪري ڪم ڪرڻ ۾ ڪاميابي حاصل ڪرڻ جو زمانو آهي. هر ڪنهن ڏنڌي ۾ ڪوشش ڪرڻ سان ماڻهو وڌندا رهن ٿا. اهڙيءَ حالت ۾ جيڪو ماڻهو پين جي سيني ڳالهين ڌيان ڏيان ڏيئي اڳتي وڌندو رهندو اوترو ئي وڌيڪ ڪامياب ٿيندو رهندو اهو قدرت جو نيم آهي ڪير ڪنهن جو دشمن نه آهي. پيار ۽ ميلاپ وارو وهنوار ئي سيني کي پنهنجو بڻائي سگهي ٿو پوءِ اهڙي چڱي ڪم ۾ ڪنجوسي ڇو پيا ڪريون؟

هر ڳالهه کي خوشيءَ سان سويڪار ڪريون. جيڪا ڳالهه اسان کي نه وڻي ته ان کي ڪلي ٽاري ڇڏيون. خوب ڪلون ۽ آنند وٺي پنهنجي سٺي تندرستي حاصل ڪريون. اهائي اسان لاءِ سٺي ۾ سٺي ٽانڪ آهي. پين کي به اهڙي صلاح ڏيون. مٺي پيار ڀرئي همدرد وهنوار ۾ رهي سيني کي پنهنجو بڻائي هميشه خوش رهون. هرڪو خوش ۽ آسودو هجي ۽ پين کي به سکي ڪندو رهي اهڙي آشا رکون.

اسان سنڌين ۾ اهو گڻ گهٽو آهي. شل قائم رکون.

مالي خواهشمندن کي ڪفايت سان ضرور هلڻ گهرجي. جيڪو ماڻهو ڪفايت سان هلي ٿو، اهو ئي اصل ۾ فراخ دل ۽ پر اُپڪاري آهي. اهو ئي داني بہ ٿي سگهي ٿو. فضول خرچ ڪندڙ هميشہ پاڻ کي تباهہ ڪري ڇڏي ٿو. اهو پوءِ ٻيلا ٻين جي ڪهڙي مدد ڪري سگهندو؟ داني ۽ پر اُپڪاري تہ هو ٿي نہ سگهندو پر پاڻ ڪيترن گناهن ۾ ڦرجي خرابيون ڪندو رهندو. فضول خرچ ڪرڻ بہ ايترو ئي پاپ آهي. جيئن ڪنجوس يا مکي چوس هوندو آهي. عام ماڻهو ڪفايت سان هلڻ وارن تي ٻل ٺٺوليون ڪندا رهن پر هو اهو ڪڏهن بہ ڪونہ ٿا سوچين. موقعو پوڻ تي ضرورتمند ۽ دکين کي مدد ڪرڻ لاءِ جيتري سمرٿي هنجي اوتري سهائتا ڪندو رهنجي فضول خرچ ڪرڻ ۾ اهو فائدو ڪونہ ملي سگهندو آهي.

ڪفايت سان هلڻ جو اهو مطلب نہ آهي تہ اسين فقط پئسي کي ئي سڀ ڪجهہ سمجهون. پوءِ ان لاءِ گهٽيئي خرابيون شروع ڪريون. دماغي ۽ سرير جون ٻيون بہ گهٽيئي تڪليفون پنهنجي مٿان ڪٽي پريشان ٿيندا رهون. پئسي کي بئنڪ يا ڪيٽ ۾ بند ڪري رکون. سنڀالي خرچ ڪريون.

جيڪي ماڻهو پنهنجو پئسو ٺيڪ نموني سان ڪم ۾ خرچ ڪن ٿا، اهي وڏن وڏن مهاتمائن، ودوانن، عالمن ۽ راڄنيتي نيتائن کان دنيا جي پر اُپڪار جي ڪمن ۾ ڪنهن بہ حالت ۾ گهٽ ڪونہ سمجهيا ويندا آهن.

جيڪي ماڻهو واپاري يا دڪاندار بڻجڻ چاهين ٿا، انهن کي ان ڳالهہ جو ڌيان ضرور ڪرڻ گهرجي تہ شونقين ٿيڻ ۽ دڪاندار جو پاڻ ۾ وڏو وير ٿيندو آهي. دڪان اهوئي چڱيءَ طرح هلائي سگهندو جيڪو دڪان تي سچو ڏينهن ويهي سگهندو. جيڪو دڪاندار اهو سمجهي تہ اڄ ڪالهہ بازار جو

مزو پيو ايندو.

ڪي ماڻهو اهڙا هوندا آهن جي خسيس ڪم کي به ڏسي گهٻرائجي ويندا آهن. هنن جي دل ۾ شڪ شبا پئدا ٿيندا رهندا آهن. اسان کان اِهو ڪم ٿي سگهندو يا نہ. کين اها خبر نہ آهي تہ ڪم اهو ئي ڪري سگهندو جيڪو ان کي چڱيءَ طرح سمجهي سگهندو ۽ پڪ اٿس تہ مان اهو ڪم ڪري سگهندس. جيڪڏهن پهرين ئي همٿ هاري وهندو تہ اسانکي سمجهڻ کپي تہ هو ان ڪم جي لايق نہ آهي. انسان جي اڳيان ننڍا وڏا ڪم گهٽيئي آهن. پر هن کان اهي ئي ڪم ٿي سگهندا آهن جن جي لائق هو پاڻ کي سمجهندو آهي. جيڪڏهن لائق ۽ همٿ وارو آهي تہ وڏا وڏا ڪم بہ جلد چڱيءَ طرح سمجهي انهن کي لڳي پورو ڪندو آهي. پر جي اسين ناقابل ۽ بزدل ۽ برپوڪ آهيون تہ ننڍن ننڍن ڪمن کان بہ گهٻرائجي بيڪار ٿي وهنداسين.

ان جو مطلب اهو نہ آهي تہ اسان جي سامهون جيڪو ڪم اچي ان کي اکيون بند ڪري ڪرڻ شروع ڪري ڇڏيون. اسان کي پنهنجي حالتن جو ڪاڇو ڏيان رکڻ گهرجي. خسيس عقل ۽ همٿ وارو ماڻهو بہ ڪڏهن ڪم هٿ ۾ ڪٽي پورو ڪري ڪونہ سگهندو آهي ۽ نقصان ڪري وهندو آهي. اهڙي ماڻهوءَ کي جيستائين همٿ، دماغ ۽ محنت ڪرڻ جو شونق نہ آهي تيستائين اهڙن ڪمن ۾ هٿ وجهڻ نہ گهرجي. سياڻن جو چوڻ آهي تہ ڪوبہ ڪم شروع ڪرڻ کان اڳ چڱيءَ طرح ان کي سمجهڻ کپي تہ اُن کي هو پورو ڪري سگهندو يا نہ. جيستائين کيس پورو وشواس نہ ٿي وڃي تيستائين ان کي شروع ڪرڻ نہ کپي. جنهن بہ ڪم کي هٿ ۾ ڪٽجي تہ ان ۾ پورو ڏيان ڏيئي ان کي پورو ڪرڻ گهرجي. ان ۾ ئي اسان جي ڪاميابيءِ جو راز سمايل آهي.

اسان کي خبر هئڻ گهرجي تہ ڪڏهن مشڪلاتون

٩- مشڪلاتن جو مزو ماڻيون!

زندگيءَ ۾ هر ڪم ڪار ۾ مشڪلاتون ضرور اينديون آهن. ڪوبہ اهڙو ماڻهو ڪونہ ملندو جنهن مشڪلاتن جو همت سان مقابلو نہ ڪيو هوندو. چاڪاڻ تہ ان کان سواءِ ڪابہ ڪاميابي ملڻ مشڪل آهي. پوءِ اسين مشڪلاتن کان ڇو پيا گهٻرايون؟

دنيا ۾ ڪوبہ ڪم نيپولين جي چوڻ موجب ناممڪن ڪونہ آهي. ڪابہ ڳالهہ اهڙي ڪونہ آهي جا نہ ٿيڻ گهرجي. پوءِ اسين ڇو فڪر ۾ پئجي ويا آهيون؟ جلد ئي اُٿون ڪمر ڪشيون. همت ڪري ان کي پورو ڪرڻ جو اُدم ڪندا رهون. وقت اسان جو انتظار ڪري رهيو آهي. موقعو جو مليو آهي اُن کي هٿان مان نہ ڇڏيون. جلد ان ڪم کي جنبي وڃون تہ ڪاميابي اسان جي هٿن ۾ ئي آهي.

ڪوبہ ڪم خود مشڪل نہ هوندو آهي پر اسان جي بزدلي اُنکي ائين بڻائي ڇڏيندي آهي. اسين پنهنجي دل ۾ دنيا جو ڪوبہ وڏي ۾ وڏو ڪم ڪرڻ جي همت ڌاريون پوءِ ڏسنداسين تہ ڪئن نہ ان کي پوري ڪرڻ ۾ سڦل ٿا ٿيون. چاڪاڻ تہ اسان ۾ لگن لڳل آهي ۽ ان کي سمجهي پنهنجي عقل کان ڪم وٺي پورو ڪرڻ چاهيون ٿا تہ پوءِ اسان جي سامهون ڪابہ تڪليف درپيش ڪونہ ايندي.

پهرين ڪوبہ ڪم ڪرڻ برابر مشڪل نظر ايندو آهي پر اها مشڪلات ڇا آهي؟ ان جو حل ڳولهي پنهنجو رستو اختيار ڪريون تہ ان رستي تي ڪابہ رڪاوٽ ڪونہ ايندي. فقط همت ۽ اُتساهہ سان انهن تي نيڪ طرح سوچي سمجهي اڳتي وڌبو تہ مشڪلاتون آسان ٿي وينديون. پوءِ ڪم ڪرڻ ۾

١٠ - بي پرواهيءَ جي عادت ڇڏيون !

بي پرواهہ لفظ جي معنيٰ سوچ ويچار لاءِ آهي. ان مان خاص نقصان ڪونہ ٿيندو آهي پر ان عادت سان اسان کي تڪليف ضرور پهچندي رهندي آهي. بي پرواهہ ٿيڻ سان اسان کي غريبي، بيماري، غم، سستي، بي ڪاريءَ جو مقابلو ڪرڻو پوندو آهي. ان ڪري اسين پنهنجي انهن حالتن تي ٺيڪ طرح سان سوچ ويچار ڪري ڪونہ سگهندا آهيون. جڏهن بہ پنهنجي غريبيءَ تي نظر ڊورائيندا اسين تہ ان ڳالهہ ۾ اونهو نہ وڃي فقط ائين چئي ڏيندا اسين تہ وڏي ڳالهہ نہ آهي. ڏسي وٺبو. ان طرح شانت رهڻ ٺيڪ نہ آهي. ڪڏهن ڪڏهن اسين پنهنجي بيماريءَ دک ۽ تڪليفن کي بي پرواهيءَ سان ڏسندا آهيون. چوندا آهيون تہ جيڪا ايشور جي مرضي. انهن کي دور ڪرڻ جو ڪوبہ اُدم ڪونہ ڪندا آهيون. نتيجو اهو نڪرندو آهي جو اهي ڳالهيون اسان کي گهيري ويندون آهن، وڌيڪ دکي ٿي تڪليفون ڀوڳيندا رهندا آهيون. جڏهن اسين پاڻ خود انهن مان ڇوٽڪارو پائڻ نٿا چاهيون تہ پوءِ اسين سکي ۽ خوش ڪئن رهي سگهندا اسين؟ انسان کي ڪڏهن بہ اها شيءِ ملي ڪين سگهندي جنهن جي فقط خواهش ڪندا اسين. ان کي حاصل ڪرڻ لاءِ هٿ پير هلائڻا پوندا تڏهن وڃي اسين اها پراپت ڪري سگهنداسين.

اسان جي اندر ۾ خواهش آهي تہ اسين هڪ وڏو عهدو ماڻيون. عزت ۽ مان مرتبو ملي. پر فقط اها تمنا ڪرڻ سان اسان کي اهو عهدو ملي ڪونہ سگهندو. چاڪاڻ تہ ڪنهن بہ ڪم لاءِ اُدم ڪرڻو پوندو آهي. محنت ڪبي آهي تڏهن ئي اُن کي حاصل ڪري سگهبو. فقط اڇا رکڻ سان ڪجهہ بہ پراپت ڪري ڪونہ سگهبو آهي.

هڪ ويس بدلائي فرشتي جو روپ وٺي اسان جو امتحان وٺڻ لاءِ اچن ٿيون. اهي اسان جو اُستاد آهن. سا پاچ تہ مشڪلاتون آهن ڪهڙي بلا؟

مشڪلات ان حالت جو نالو آهي جو پوري طرح اسان کي سمجھہ ۾ نٿو اچي. ڇاڪاڻ تہ ان جو حل جلد ئي سمجھہ ۾ نٿو اچي. ان ڪري پنهنجي عقل ۽ همٿ کي کوهي ٿا ويهون ۽ گهبرائجي ٿا وڃون. انڪري اهي مشڪلاتون ويس بدلائي فرشتي جي روپ ۾ اسان وٽ اچن ٿيون جئن اسين پنهنجي طاقت، همٿ ۽ صبر سان انهن تي ويچار ڪري حل ڳولهي ان کي پورو ڪريون. ان ڪري ان مشڪلات کي بدليل ويس ۾ فرشتو چيو وڃي ٿو جو اسان جو دوست بہ آهي تہ اُستاد بہ آهي.

ڪوبہ ماڻهو هڪدم وڏو ڪونہ ٿيو آهي. هن کي ڪيترين تڪليفن جو مقابلو ڪرڻو پيو آهي. ننڍيون ننڍيون مشڪلاتون هن کي پڪو ڪري، وڏين تڪليفن کي پورو ڪرڻ لاءِ همٿ ڏين ٿيون.

وڏا ماڻهو پنهنجي صبر ۽ طاقت سان ڪم ڪري ڪامياب ٿيا آهن. اسان وٽ همٿ ۽ طاقت آهي اُن کان ڪم وٺون. مشڪلاتن جو مقابلو ڪريون تہ دنيا جي ڪابہ طاقت ان کي پوري ڪرڻ ۾ اسان کي روڪي نہ سگهندي. ڪوشش ڪرڻ، همٿ ۽ ڌيرج سان منهن ڏيئي ڪم کي لڳي وڃڻ ۾ ڪاميابي ملندي آهي ۽ پوءِ پنهنجي اندر ۾ خوشي محسوس ڪبي آهي.

جيڪڏهن اسين دکن کان مڪتي چاهيون ٿا تہ اسان کي ڪل خوشيءَ ۾ رهڻ کپي. ڇرچي ڪهڙي ڪرڻ ۽ سهڻ جي شڪتي بہ اسان ۾ هئڻ گهرجي. ڪل خوشيءَ واري زندگي گهارڻ ۾ اسان کي وڏيڪ مزو ملندو رهندو ۽ مشڪلاتن جو بہ پورو مقابلو ڪري آرام سان جيون گهاري سگهنداسين.

قدم چمندي رهندي. ان انتظار ۾ هٿ تي هٿ رکي فقط وهڻ سان ڪجهہ بہ ڪونہ ٿيندو. ائين سمجهون تہ آرام سان ويهي رهڻ سان سڀ گذري ويندو ۽ سٺا ڏينهن ايندا تہ سڀ ڪجهہ ڪري وٺنداسين اهڙا خيال اسان کي ڪابہ مدد ڪري نہ سگهندا هميشهہ اسقل رهنداسين.

سامهون هڪ ننڍي باهہ کي پرندو ڏسي سوچيون ٿا تہ اها ڪجهہ بہ نہ آهي. جلد ئي وسائي ڇڏبي. هڪ ڏول پاڻيءَ جو ان لاءِ ڪافي آهي. اها ننڍي باهہ آهستي آهستي وڌندي وڏو پنيٽ تي ٿي وڃي. جلد ئي چوڌاري ڦهلجي وڏو ممڻ مچائي ڏنو آهي. ڪيترو پاڻي مٿس وڌو ويو آهي. تڏهن بہ وسائي نہ سگهيا آهيون. جيڪڏهن اُن وقت ئي هڪ ڏول پاڻيءَ جو وجهي ان کي وسايو وڃي ها تہ هن آفت کي منهن ڏيڻو نہ پوي ها.

اسان هڪ وانهڙوءَ جي ڪهاڻي پڙي هوندي. هڪ لانگهاهوءَ کي رستي تي ٿڪاوٽ محسوس ٿي. پاسي واريءَ جهوپڙيءَ ۾ هڪ پيري ماتا وٽ ويو هن کيس پنهنجي جهوپڙيءَ ۾ آرام ڪرڻ جي موڪل ڏني پر ان سان گڏ هڪ شرط بہ وڌائين تہ هن چرخي تي سٽ ڪتي پنهنجي چوڌاري ويڙهي پوءِ سمهندو. جڏهن اُٿندو تہ ان کي ڪٽي پوءِ هليو ويندو.

ڇا هو اُن سٽ کي ڪٽي سگهيو؟ جڏهن هو ڪهري ننڊ ڪري اُٿيو تہ چئني پاسي ڪچي ڌاڳي سان بريءَ طرح جڪڙيو پيو هو. ڏسڻ ۾ تہ اهي سنها ڪچا ڌاڳا هئا پر هن وانهڙوءَ جي بي پرواهيءَ جي ڪري ئي اهي ڌاڳا پاڻ ۾ ملي هڪ ٿلهي نوري تي پيئي هئي. جنهن کي هو ڪٽي ڪونہ سگهيو.

اسين بہ سوچيون تہ اسان جي بہ اها حالت نہ ٿئي جو پڇتائڻو پوي. هڪ ڏينهن اسان هڪ وسڪيءَ جو پيالو پيتو هو. اسان سوچيو هو تہ دوست جي زور ڪرڻ تي اهو اسان پيتو

اچو تہ ڏسون. اسان جي اڳيان يا خوشقسمتيءَ سان اسان کي اهو عهدو مليو بہ ويو آهي پر ان لاءِ اسان پاڻ کي تيار تہ ڪيو ڪين آهي. پوءِ ڀلا اهو عهدو اسين ڪئن سنڀالي سگھنداسين؟ پاڻ بيڪار ثابت ٿينداسين. اُن مان اسان جي عزت تہ ڪونہ وڌندي پر بي عزتي ئي نصيب ٿيندي.

سمجھو تہ اسان کي اڄ ئي ڪنھن وڏيءَ فرم جو مئنيجر بڻايو ٿو وڃي. ڪنھن پرانت جو مکيہ منتري ڪيو ٿو وڃي يا اسان کي لاٽريءَ ۾ ڏھہ لکہ روپيا ملي ٿا وڃن، جنھن جي دل اندر خواهش سالن کان پئي سانڍي اٿئون تہ ڇا اسين اهو بوجھو چڱيءَ طرح سان جھلي سگھنداسين؟ ان فرم جو ڪاروبار ٺيڪ طرح سان هلائي سگھنداسين؟ ڏھہ لکہ روپيا چڱيءَ طرح عقل سان خرچ ڪري سنڀالي سگھنداسين؟ ٿورو سچائيءَ سان دل ۾ سوچي ويچاري پوءِ جواب ڏيون.

تواريخ جو ورق ورائي ڏسون. گھڻيئي دفعا گھڻن ئي ماڻھن کي بادشاهي تاج پاتو ويو آهي جن پنھنجي قابليت سان لائق بڻجي ان کي ٺيڪ طرح سان نباهيو آهي. هنن ان مليل سونهري موقعي جو پورو فائدو ورتو آهي. جيڪو شخص فقط قسمت جي ڀروسي تي ويھي رهي ٿو تہ هو مٽڪ پائي بہ خوش رهي نہ سگھندو. تاج پائڻ سان هو محسوس ڪندو تہ هن چڻ تہ ڪنڊن جو تاج پاتو آهي، جلد ئي ان کي لاهي اُڇلي ڇڏيندو. تڏھن هن کي آرام ملندو آهي. تاج لاهڻ بہ تہ ڪا سولي ڳالھہ نہ آهي. ڪنھن مھل تہ پنھنجي جان تان بہ هٿ ڪڻي وهڻو پوندو آهي.

جنھن انسان ۾ اهي گڻ هوندا آهن اُنھن کي سڀ ڪجھہ ملندو آهي. چوٽي آهي تہ ڀھرين لياقت رکون. قابليت سان ئي سڀ ڪجھہ هٿ ڪري سگھبو آهي. قابليت پھرين پاڻ ۾ پيدا ڪريون پوءِ ان ڳالھہ جي تمنا ڪريون تڏھن ڪاميابي اسان جا

١١- جن سان رهڻ ڏکيو آهي !

جيڪڏهن ڪنهن دوست يا مٽ مائٽ کي اسان لاءِ محبت جي بدلي نفرت آهي ته گهبرايون بلڪل نه. ان جو حل ٻڌولهي لهون.

اسان مان گهڻو ڪري سڀني کي اها ڄاڻ ضرور هوندي ته جيڪي اسان جا واقفڪار آهن انهن سان اُٿڻ وهڻ، رهڻ ڪرڻ، زندگيءَ جا ڏينهن گذارڻ ڪيترو نه ڏکيا ٿي پوندا آهن.

اهي ماڻهو اسان جو آنند ۽ خوشيون ختم ڪري ڇڏيندا آهن. جتي اسان جي لاءِ موج مستي آهي اُتي هيءُ ڪمري ۾ داخل ٿيڻ سان ٿڪن جو انت آڻيندا آهن. ائين ته هنن ۾ ڪا اهڙي خاصيت ڪونه آهي. جنهن جي سارا ھ ڪجي. انهن ۾ برايون ضرور آهن. هو هر ڳالھ ۾ جلد ئي ڪروڌ ۾ اچي ٿا وڃن. منهن ڪرو ڪري ٿا وهن. ڳالھ مان ڳالھرو ڪري ٿا وهن. هو چاهين ٿا ته جيڪي به ڪريون اُهو هنن جي مرضيءَ موجب ئي ٿيندو رهي. جيڪي به ٿئي ان ۾ جي ڪاميابي ملي ته ان جو تاج انهن جي مٿي تي چڙهي. جي ناڪاميابي ملي ته ان جو ڏوھ اسان تي ئي پوي.

سياڻن جو چوڻ آهي ته اهڙا شخص پنهنجي سوارٿ جي لاءِ سڀ ڪجھ ڪندا رهندا آهن. ٻئي جي تڪليف ڪونه ڏسندا آهن. هو دل جي گهرائيءَ ۾ ڪونه ويندا آهن. ڪوبه هنن کي احساس ڪونه ٿيندو آهي. پنهنجي ئي چنتا کين لڳي رهندي آهي. هنن جي پهرين زندگي ناڪامياين جي ڪري هر وقت کين پريشان ڪندي رهندي آهي. ان جو هو ڪوبه خيال ڪونه ڪندا آهن. پر سندن پريشاني هنن جي زندگيءَ جي ڏور

آهي. شراب پيئڻ جو مان عادتي تہ آهيان ڪونہ، جو ان جو غلام ٿي ويندس.

سچ پچ اسين شرابي نہ آهيون. دوست جي چوڻ تي ئي اسان هن کي ساٿ ڏيڻ لاءِ اهو گلاس پيتو هو. پر هاڻي ان پيئڻ کان پوءِ دوست جي هر وقت چوڻ تي وري وري پئي پيتو اٿئون.

اڇو تہ اسين پاڻ کان پڇون تہ اسان جي بہ ساڳي هن وانگڙوءَ جهڙي حالت ٿي آهي يا نہ. جئن ڪچي ڌاڳي ۾ جڪڙيو ويو هو تئن اسين بہ پيئڻ جي عادت ۾ بريءَ طرح ڦاسي ويا آهيون. ننڍين ننڍين ڳالهين ۾ بي پرواهي نہ ڪريون. ائين ڪرڻ سان اسين وڏين عادتن ۾ ڦاسي ويندا اسين.

اسين سڀ ڪمايون تہ خوب پيا، پر بنا سوچ سمجهہ جي بي پرواهيءَ سان اجايو خرچ ڪندا رهون ٿا. ائين هڪ ڏينهن ضرور اسين مالي مشڪلات ۾ ڦاسي ويندا اسين پوءِ اسان کي ٻين جي اڳيان هٿ ڦهلائڻو پوندو. اسان جو گذران بہ مشڪل ٿي پوندو. ان ڪري جو اسين پنهنجو خرچ پڪو حد اندر سوچي سمجهي ڪندا رهنداسين تہ پئسي جو پورو فائدو وٺي آنند ماڻي سگهنداسين. جيون ۾ ڪاميابي بہ انهن کي حاصل ٿيندي آهي جيڪي ڪفايت سان هلندا آهن ۽ اڳہ پوءِ جو ويچار ڪندا آهن.

انڪري بي پرواهہ نہ ٿيون. جلد ئي ترت ڪو علاج ڳولهي لهون تہ آنند ملندو رهندو.

ڪري ڪئن چوٽڪارو حاصل ڪريون يا هن سان اسين ڪمڙو ورتاءُ ڪريون جو اهڙيون حالتون پئدا ئي نہ ٿين.

ڪاجهہ ويچار بزرگن جا اسان جي رهبريءَ لاءِ سامهون آهن انهن تي جي عمل ڪنداسين تہ شايد ڪو حل نڪري اچي پر ياد رکون تہ اهو ڪاجهہ ڪونہ آهي، پر هڪ آلو ڪپهہ جو پهو آهي. بخار ۾ پيل ٻار ڪي پيشانيءَ تي آلي پٽي رکي علاج تہ ڪونہ ڪري سگهبو آهي. ان مان فقط ڪيس آرام ملندو آهي ۽ ٻار ڪي شانت ڪرائڻ جو سولو رستو ملي ويندو آهي.

هاڻي اچو تہ پاڻ تي ظابطو رکون :

اهو ئي سيني ڪان مشڪل ڪم آهي. ڇاڪاڻ تہ انسان ڪي هر ڳالهہ ۾ غصو ٿو اچي. محبت سان محبت ٿي اندر ۾ جاڳي. پر جي اسان ڪي پاڻ تي ظابطو آهي تہ اسين انهن سيني ڳالهين جي باوجود بہ صبر ۾ رهي آنند وٺي سگهنداسين. پر جيڪڏهن ڪي ڳالهيون ڪلي پون ۽ غصو نہ اچي ۽ جهڳڙي ڪرڻ جو ارادو نہ ٿئي تہ پڪ ئي پڪ اڳلو ٿڪجي پوندو ۽ هو هار ڪائي تنگہ ٿي وري اسان ڪي ڪاجهہ بہ نہ چوندو.

پاڻ ڪي پنهنجي ظابطي ۾ رکڻ لاءِ اسان جا خيال اسان جا مددگار بڻجن ٿا. غصو بہ ضرور اچي ٿو پر ان مان وڏو ڀنيٽ ٻري سگهي ٿو. اسان ڪي ٿڌي سيني سان اهڙي ماڻهن سان رستو رکڻ گهرجي. ڊاڪٽر جئن مريض جي نبض ڏسي حال احوال وٺي پوءِ دوا ڏيندو آهي تئن اسان ڪي بہ هڪ ڪلونو بڻائي سگهن ٿا. ويٺي ويٺي شانت ۾ ويهي تماشو ڏسجي. جي ڪڏهن اسين هڪ بہ لفظ ڪيس چونداسين تہ هو ڪيترو وقت ائين بڪ بڪ ڪري پريشان ڪندو رهندو.

ڪڏهن بہ پنهنجا خيال ظاهر نہ ڪريون:

کي پنهنجي هٿ ۾ رکي ويٺي آهي. هو ڪاٺ جي پتلين جيان ٽپندا رهن ٿا. هنن جي حالت بدتر ٿيندي رهي ٿي.

جيڪڏهن اسين ان حقيقت کان واقف ٿي وڃون ته پوءِ اسان کي خبر پوندي ته هنن جو جيڪو وهنوار آهي اهو ڪنهن خاص ارادي سان ڪونه ٿو ٿئي پر هو مجبور ٿي اهو سڀ ڪجهه ڪندا رهن ٿا. اسان جو پهريون قدم انهن کي سمجهڻ ۽ هنن سان سٺو ورتاءُ ڪرڻ جو آهي. جئن هڪ ٻار بخار ۾ پيو تڪليف محسوس ڪري واڪا رڙيون ڪندو رهندو آهي ان کي اسين ڪجهه به ڪونه چوندا آهيون ۽ هن جي تڪليف کي دور ڪرڻ لاءِ ڪيس پيار ڏيئي ماٺ پيا ڪرائيندا آهيون جئن هو شانت رهي.

ان پهرين قدم کان پوءِ اسان جو ٻيو قدم آهي هن جي بگڙيل شخصيت کي ٺيڪ ڪرڻ. جا اسين ڪري ڪونه سگهنداسين پر ڪيس صلاح ڏينداسين ته ڪنهن ڇاڻو ماڻهوءَ وٽ وڃي پنهنجون غلط فهميون دور ڪري ته اها ڳالهه هو مڃي ويندو پر جي اسين ڪي به ڳالهيون ڪيس چونداسين ته اُها اسانجي غلطي ٿيندي ۽ ڪونه مڃيندو.

هاڻي اسانکي ڪهڙو رستو اختيار ڪرڻ گهرجي؟

جيڪڏهن اسين سوچ ويچار ڪرڻ کانپوءِ اهو فيصلو ڪريون ته هن سان رستو نه رکجي. اهو به ممڪن نه آهي. ٿي سگهي ٿو ته هو اسان جو پڪو ساٿي آهي هن سان گڏ اسين رهون ٿا اسين ٻئي پڪا متر آهيون. گڏجي ڪم ڪار ڪندا رهون ٿا. پوءِ ڇا ڪريون؟

جي ائين آهي ته هو به زندگيءَ مان بيزار آهي. اهڙو ماڻهو نه فقط اسان جي لاءِ پريشانيءَ جو باعث بڻجندو رهي ٿو پر ان سان گڏ هو اسان جو هميشه محتاج به رهي ٿو. انهن حالتن ۾ اسين سوچڻ لاءِ مجبور ٿا ٿيون ته هنن جي اهڙي ورتاءُ جي

چراغ ٿي ٿو وهي. انهن ڳالهين جو ضرور ڌيان ڪرڻ گهرجي. سمجهو ته هن جي پينسل ٽا ڪٽون ته هن کي چڙ ٿي لڳي ته پنهنجي پينسل پاڻ وٽ رکون هن کان بلڪل نه گهرون.

هن جي بدلڻ واري سڀاوَ کي خيال ۾ رکون:

اهڙا ماڻهو ڪڏهن ڏاڍو خوش ٿيندا آهن ۽ ڪڏهن تمام دکي ۽ پريشان رهندا آهن. ڪڏهن به هڪ جهڙا نه هوندا آهن. جيڪڏهن اسان ڪري هنن کان ڪا ڳالهه مڃائي به ورتي ته ان لاءِ انتظار ڪريون ته ڪڏهن ٿو هو اها ڳالهه پوري ڪري ۽ پنهنجي خوشيءَ ۾ اچي.

هن جون ڳالهيون ڌيان سان ٻڌون:

ڇاڪاڻ ته هيءُ ماڻهو ڪنهن به مهل ڪجهه نه ڪجهه ڇٽي پنهنجي اندر جو سڄو بار ظاهر ڪري ڇڏيندا آهن يا لڪائڻ جي ڪوشش پيا ڪندا آهن. دل جي گهراين ۾ هو جيڪي سوچيندا رهندا آهن اهو ئي چئي ڏيندا آهن. پر هو ڪري ڪجهه به ڪونه سگهندا آهن جنهن جي لاءِ هنن کي فخر ٿئي. هو فقط اجائي لپار پيا هڻندا آهن. اسانکي يقين ڏياريندا رهندا آهن ته هو جيڪي چون ٿا اُهو ٺيڪ آهي. ان مقصد لاءِ هو پين جون برايون ڪندا رهن ٿا ۽ پنهنجيءَ ڳالهه کي مٿي ڪندا رهن ٿا. جيڪڏهن اهڙن ماڻهن سان اسين بحث مباحثو ڪندا رهنداسين ته پريشان ٿي وينداسين. ان ڪري هنن جي ڳالهين جو فقط مختصر جواب ڏجي ۽ ڪوشش ڪري جئن هو وري وڌيڪ اُپٽار نه ڪري. ڳالهه کي اتي ئي ختم ڪري ڇڏيون.

هنن کي پين سان ڳالهائڻ جو موقعو ڏيون:

هو گهٽو ڪري گهٽن ماڻهن جي وچ ۾ وهڻ کان گهٻرائيندا آهن. ڇاڪاڻ ته هنن جو عقل ۽ سمجهه گهٽ آهي. تڏهن به جيڪڏهن هنن کي ڪنهن محفل ۾ وهڻ جو موقعو ملندو آهي ته

تي سگهي ٿو تہ اسان کي هر وقت اهڙا خيال ايندا هجن تہ هن سان دل کولي سڀ ڳالهيون ڪري ٺيڪ ڪري ڇڏيون تہ حالتون سڌري پونديون. پر ائين هرگز ڪونہ ٿي سگهندو. ڇاڪاڻ تہ هو اسان جي ڳالهين کي هميشہ اُبتو سمجهندو ۽ پنهنجيءَ ڳالھہ تي اٽڪيو بيٺو هوندو. پاڻ وڌيڪ مخالفت ڪندو رهندو. اسان سوچيو هو تہ بگڙيل ڪم کي ٺاهيون ٿا پر ٺهيل ڪم پاڻ بگڙي ٿو وڃي.

تي سگهي تہ حقيقت کي ٺيڪ ۽ صاف ڪريون:

اسين سڀ پنهنجا ٺيڪ ويچار اڳيان رکڻ چاهيون ٿا پر ان جي باوجود هيءُ شخص پنهنجون اجايون ڳالهيون ڪري هر ڳالھہ ۾ ئي رٽ لڳائي پاڻ کي ٺيڪ پيو سمجهي. اها هن جي بدقسمتي آهي. ڇو جو هو پنهنجي غلط ڳالهين ۾ اٽڪي فقط ڪروڌ پيو ڪندو رهندو آهي.

سچ پڇ جي هن ۾ ڪابہ سچائي هجي تہ اسين هن سان پنهنجو وهنوار وڌائي سگهون ٿا. بهتر آهي تہ جيڪو بہ اعتراض هجي اهو ڪنهن ٽئين ماڻهوءَ جي حاضريءَ ۾ ڪجي يا انهن کي ٻڌائجي جنن بين ماڻهن کي خبر پوي تہ هو اجايو هن جي ساراهہ ڪري ڪيس پڌائيندا نہ رهن. جيڪڏهن اسين هن سان ڪنهن محفل ۾ وڃون تہ هن کي موقعو ڏيون تہ هو پنهنجي شخصيت جو وڌيڪ اظهار ڪري سگهي. ڪنهن سان سندس سڃاڻپ ڪرايون جنن هو ڪيس چڱيءَ طرح سمجهي سگهن.

اسينسوچي سمجهي قدم وڌايون:

اهڙن ماڻهن جو مثال هڪ رڇ جهڙو آهي جو پنهنجي حد تائين ڇڪي سگهيا آهن. من جو بوجهو يا تناءُ ان رڇ کي ڇڪي ٽوري ڇڏيندو. ان مان اسان کي خبر پوندي تہ هن جي اندر ۾ ڇا ڇا سمايو پيو آهي. هو ڪهڙين ڳالهين تي

١٢-پاڻ کان پڇون !

گهڻيئي پئنچاتون ۽ سنستائون ڪيترا نہ سٺا ڪاريہ ڪري جس ڪمائي رهيون آهن.غريب گهرجائو ٻائرن ۽ ٻينرن کي کاڌي خوراڪ لاءِ هر مهني پئسا ڏيئي سندن تڪليفون دور ڪري رهيون آهن. ٻارن جي پڙهڻ لاءِ سندس اِسڪولن جون فيون وغيره ڀري هنن کي پنهنجي پيرن تي بيهڻ لاءِ هرڪو سهڪار ڏيئي سوڀارو ڪري رهيون آهن. گهرجائو ڪٽنب جي نياڻن جي شادين مرادين لاءِ گهربل مدد ڪري رهيون آهن. ٻيا بہ ڪيترا شڀ ڪاريہ ڪري دعائون ڪٽي رهيون آهن.

اهڙا سندر ڪم ڪرڻ سنڏين جي لاءِ فخر جي ڳالهہ آهي. پريوءَ جي گنج مان جيڪو ٻين کي ڏيئي انهن جي سار سنڀال لهي ٿو، اُن تي پريو بہ راضي ٿئي ٿو ۽ وڌيڪ کيس ڏيئي سکي رکي ٿو. پر جيڪو فقط پنهنجو سک سمجهي ڪائي پي عيش ڪندو رهي ٿو تہ اُن کان مالڪ ڪنهن مهل بہ کسي وٺي ٿو. اُن جو انيو ڪن ٿورن کي ٿيندو آهي.

مون ڪيترن سالن کان پئي ڏٺو آهي تہ ڪيترا ڪٽنب پنهنجو سڪيم حال ٻڌائي ائين مدد وٺي پنهنجو گاڏو گهيلي رهيا آهن.پر ڪن گهرن جون حالتون سڌريون بہ آهن تڏهن بہ هو وٺندا ٿا رهن. ڪنهن گهر ۾ هاٿي ضرور ٻار وڏا ٿيا هوندا. ڪمائيءَ کي لڳا هوندا. گهر جي آمدني وڌي هوندي. انهن کي اِهو خيال ڪرڻ کپي ۽ جلد ئي لکي موڪلين تہ هاڻي کين ضرورت نہ آهي. اِهي پئسا ڪنهن ٻئي وڌيڪ گهرجائو ڪٽنب کي ڏين. پر ائين ڪونہ ٿي رهيو آهي. هنن کي عادت پئجي ويئي آهي. وٺندا ٿا رهن. ائين بہ کين چوندو ٻڌو اٿم تہ ملي پيو پوءِ

هو ڏاڍو خوش ٿيندا آهن. هو پاڻ کي نيارو رکندا آهن، ڇاڪاڻ تہ ٻين جي وچ ۾ هو پنهنجي ڪمزورين کي لڪائي رکڻ جي ڪوشش ڪندا آهن ۽ ٻين جي ملت چلت ڏسي ان موجب ئي سٺو وهنوار ۽ ٺيڪ ڳالهيون ڪندا آهن يا گهٽ ڳالهائيندا آهن جئن اُنهن سان ګڏ رهي پنهنجو ڪوبہ ڪم ٺيڪ طرح ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا رهن. ائين ڪرڻ سان هو پنهنجي برائين مان ڇوٽڪارو پائي سگهن ٿا.

هاٿي جڏهن اسين ڏسنداسين تہ هنن جو ٻين سان سٺو وهنوار آهي ۽ نباهي ٿا هلن تہ اسان کي بہ نيون اُميدون جاڳنديون ۽ هنن سان دوستي قائم رکڻ جي ڪوشش ڪندا رهنداسين.

ڪير بہ نٿو چاهي تہ ڪانئس ٻيو ڪو وڌيڪ سکي هجي. ان ڪري اسان کي ڪوبہ روئڻ نہ ڏيندو ۽ نہ وري ڪلي خوش ٿي رهڻ لاءِ همٿائيندو. ان ڪري پنهنجي اُدم ۽ همٿ سان سڀ سڪہ هٿ ڪندا رهون. محنت ڪندا رهنداسين تہ ڦل ملندو رهندو. هٿ تي هٿ رکي وهڻ واري کي ڪجهہ بہ پلئہ ڪونہ پوندو آهي. اهو قدرت جو نيم آهي. سيني سان ملي جلهي رهڻ ۾ آنند ملي ٿو.

ڪونہ ٿيندو. اهڙو سلسلو هاڻي بند ٿيڻ گهرجي.

هڪ ٻئي پاڻ وٽ ويس. ٻڌم تہ پڙهڻ لاءِ هن پنج هزار روپيا ورتا آهن. ٿي سگهي ٿو تہ ٻين هنڌان بہ هن ورتو هجي. ڪيس چيم تہ توهان جي گهر جي هيٺري اُپت آهي پوءِ توهين پئسا وٺي ٻارن کي پيا پاڙهيو، سٺو ڪم تہ ڪين آهي. سڪہ، جي ورتو اٿو تہ ٺيڪ آهي. پر هاڻي جڏهن هو نوڪرين تي لڳا آهن هزارين رپيا توهان جي گهر ۾ ٿا اچن تہ اهو ورتل پئسو جيڪر موٽائي ڏيو تہ ڪيترو نہ سٺو ٿئي. ٻين کي ان مان مدد ملندي.

جواب عجيب ڏنائين. چيائين چون ٿا تہ پڙهڻ لاءِ پئسو وٺو. ضرورت هئي تہ ورتا اٿم. هنن کي بہ ان ڪاريہ لاءِ مليا آهن. ڪن کي تہ ڏيندا رهندا. هنن کي نالو ڪڍڻو آهي تہ اسان ڪيترن شاگردن کي پڙهڻ لاءِ پئسا ڏنا. جي ائين مدد جو هٿ ڊگهريندا رهندا تہ وٺڻ وارا پنتي چو پون. سچاٽپ بہ ڪم ڪري ٿي. ڪيترن سچن ماڻهن کي اها مدد ملي ڪونہ سگهندي آهي.

اهي ڳالهيون ٻڌي دل ۾ خيال آيو اٿم تہ اهو ڪاجهہ لکي اهڙن پائرن ۽ پينرن کي ياد ڏياريان تہ اِئين وٺي کائڻ سٺو ڪم نہ آهي. پريو سڀ ڪاجهہ ڏسي ويٺو. ڪنهن مهل حالتون اهڙيون اچي بڻجنديون جو وٺڻ جي بدران ڏيڻو پوندو آهي پوءِ دکي ٿي پريشان ٿيڻ ۾ ويرم ئي ڪانہ لڳندي آهي. ان ڪري ان ڳالهہ تي سوچي ويچاري جلد لکي موڪلين تہ وڌيڪ ڪرپا ڪري اسان کي نہ موڪليو. توهان جي مهرباني ۽ سان هاڻي اسان وٽ سڀ ڪاجهہ آهي. فقط آسيس موڪليندا رهجو. پوءِ تہ پريو بہ انهن تي آسيس ڪندو رهندو.

پئناچاتن ۽ سنستائن جي ڪم ڪندڙن کي گهرجي تہ هو بہ ڏيڻ وقت پوري جاچ ڪري پوءِ سهائتا ڏين. سچن گهرجائو گهرن کي مدد ڪونہ ٿي ملي ڇو جو هو گهرڻ ۾ شرم ٿا محسوس ڪن. لڪل دان ئي سٺو ۽ ڦلدائڪ آهي.

چو وٽڻ بند ڪريون. اِهي اگر ٻڌي دل ۾ دڪ ٿيندو آهي. اها بيکہ مڱڻ جي عادت ڪڍهن ويندي؟

اهڙي هڪ ياءُ جي گهر ويس. ڏٺم تہ کيس سڀ ڪاجهہ ٻڳوان هاٿي ڏنو آهي. کيس ڪنهن بہ شيءِ جي ضرورت بلڪل ڪونہ آهي، تڏهن بہ هن اهو وٽڻ بند ڪونہ ڪيو آهي. دل رهي ڪين سگهي. چيومانس پيارا ! جيڪي چيڪ ۽ مني آرڊر تو وٽ اچن پيا اُهي هاٿي وٽڻ بند ڪري ڇڏ، جئن ٻين وڌيڪ گهرجائو گهرن کي مدد ملي سگهي. ڪيترا اهڙا بہ گهر آهن جن کي پورو کاڌو بہ ڪونہ ٿو ملي سگهي جو هو ٻڌا ٿي ويا آهن يا هنن جي گهرن ۾ ڪوبہ ڪمائڻ وارو نہ رهيو آهي. اهو ٻڌي بہ هن جواب ڪونہ ڏنو. ٻيون ڳالهيون ڪرڻ لڳي ويو.

ٻي هڪ پيڙ وٽ لنگهي ويس. ان جو گهر بہ چڱو سينگاريل هو. ڪنهن بہ شيءِ جي کيس ضرورت نہ هئي. سڪي ستابي هئي. کيس بہ عرض ڪيم تہ وٽڻ هاٿي بند ڪر تہ سٺو آهي. پربوءِ توکي سڀ ڪاجهہ ڏنو آهي. هيترا سال ٿي ويا آهن، توهين اجان تائين وٺندا ٿا رهو. ڏيڻ وارا تہ پيا ڏيندا رهن. هو اِئين ٿا سمجهن تہ توهان جي حالت اجا سڪيم آهي، گهرج وارا آهيو، ان ڪري هو موڪليندا ٿا رهن. دل ۾ ويچار ڪري ڏس تہ هاٿي توکي ڪنهن بہ ڳالهہ جي ضرورت نہ آهي. سڀ ٻار پنهنجي لائقيءِ وڃي لڳا آهن. ڇو پيئي اهو بوجو پنهنجي مٿان چاڙهين. جواب ڏنائين تہ اهو بوجو ڇا جو آهي. هنن کي جڏهن پئسو ملي پيو، هو موڪلين پيا تہ ان ۾ ڪهڙو گناهہ آهي. هو ڀلا ايترو پئسو ڪيڏانهن ڪندا؟

اهڙن ٻين بہ ڪيترن گهرن جي حالت آهي. ڪين ڪوبہ فڪر ڪونہ آهي تہ اسين وٽڻ بند ڪريون ۽ ٻين گهرجائن جو دروازو کوليون. اها وٽڻ جي عادت گهٽي وڌندي پيئي وڃي. هوندي سوڌي جي ڪو ائين وٺي ٿو تہ اُن کي ڀکاري چوڻ ۾ وڌاءُ

٣. ٿورو پئسو بہ ڇو ڪين پنهنجو هجي، پر ڪنهن کي ڏيڻ مهل ضرور سوچيون تہ ان جي بدلي ۾ اسان کي ڪجهہ ملندو يا نہ. ان جو اهو مطلب ڪونہ آهي تہ پنهنجي دل تي پٿر رکي ڪنهن غريب غربي کي خيرات نہ ڏيون. دان پاڇ ڪرڻ سان بہ اسان کي گهڻو فائدو ٿئي ٿو. ڪنهن سان بہ همدردي ڪرڻ سان اسان جي روح کي راحت ملي ٿي.

٤. ايشور نہ ڪري جو اسان کي ڪنهن کان قرض وٺڻ جي نوبت اچي پهچي تہ ان لاءِ اهو سوچڻ ضروري آهي تہ قرض وٺڻ سان اسان کي هميشهہ ٻن قسمن جون تڪليفون ملنديون رهنديون. پهرين تڪليف اها تہ وقت تي قرض نہ موٽائڻ سان حالتون بگڙجي وينديون آهن. ٻي تڪليف اها تہ حالتون بگڙڻ سان ٻيا ماڻهو اسان جي لاءِ ڇا جو ڇا ٻيا سوچي، اسان کي پلو ٻرو چوندا رهندا. ٻئي ڳالهيون ايماندار قرضدار کي ڏينهن رات بي چئن رکنديون اينديون آهن ان ڪري قرض نہ وٺڻ بهتر آهي.

٥. قرض ايترو گهڻو بہ نہ وٺجي جو اهو وقت تي ڏيئي نہ سگهجي. جيڪو شخص قرض وٺي نہ ڏيڻ جو خيال دل ۾ رکي ٿو اهو هڪ چور کان بہ بدتر آهي. هر هنڌ تڪار جي نظر سان ڏٺو وڃي ٿو.

هر وقت قرض وٺڻ جي عادت ڇڏي ڏجي. اهڙي شخص جي مجبوري رحم جوڳي آهي پر اسين ڪيس نفرت جي نظر سان ڏسي ڪيس ڪيرائي ٿا ڇڏيون. پوءِ ڇو ڪين هو اسان جو پڪو دوست هجي.

٦. ڪنهن دوست کي قرض ڏيڻ وقت ضرور سوچڻ کپي تہ هو واپس ڏيئي سگهندو يا نہ. ائين نہ ٿئي جو قرض بہ ڏجي ۽ دوستيءَ تان بہ هٿ ڪڻو پوي. جيڪڏهن من ۾ اهو ويچار پڪو هجي تہ هو پئسا واپس موٽائي نہ سگهندو تہ ڏيڻ ۾ سستي

١٣- پئسو پنهنجو هجي !

پهرين اچو ته هن ڳالهه کي سمجهون ته پئسي جي قيمت ڇا آهي؟ ٿورو گهڻو پئسو هميشه بچائي رکڻ سان فائدو ٿيندو آهي. وقت تي ڪم ايندو آهي. اها ڳالهه پهرين ياد رکڻ گهرجي.

اسان کي اهو به سوچڻ کپي ته پئسو ڪا معمولي ڳالهه نه آهي. جنهن وٽ پئسو آهي ان جو قدر وڌيڪ ٿيندو آهي، ان مان هو پنهنجي مرضيءَ مطابق جيڪي چاهي سو خريد ڪري سگهي ٿو. چاڪاڻ ته ڪابه پنهنجي ضرورت پوري ڪرڻ لاءِ پئسو تمام ضروري آهي ۽ اهميت رکي ٿو.

١. جيڪڏهن اسان وٽ هڪ روپيو به نه آهي ته ٻين پئسي وارن کي ڏسي ريس نه ڪريون. هن وقت اسان لاءِ ضروري آهي ته دور انديشيءَ ۽ ٿڌي سيني سان پنهن جي بدنصيبيءَ جو سبب ڳولهيون ۽ سچيءَ دل سان پنهنجي غلطين کي دور ڪرڻ جي ڪوشش ڪريون. پوءِ ڪي اهڙا نيڪ طريقا ڳولهي محنت ڪري لڳن سان پئسو ڪمائڻ جي ڪوشش شروع ڪريون.

٢. اهو بيوقوفيءَ جو ويچار دل مان ڪڍي ڇڏيون ته گهر ۾ سون چاندي پئسو جهجهو پيو آهي پوءِ اسان کي چنتا ڇا جي ڪرڻ گهرجي؟ پر عقلمنديءَ ۽ نيڪنيت سان ان ڳالهه تي سوچ ويچار ڪري ان فيصلي تي پهچبو ته علم، چالاڪي ۽ عقل به ڳالهه آهي. انهن جي برابر پئسو نه آهي پر ان کي خرچ ڪرڻ ۽ گڏ ڪرڻ لاءِ عقلمندي ضروري آهي، سياڻو ۽ نيڪ انسان سولائيءَ سان پئسو حاصل ڪري خوش رهي سگهندو آهي.

اوتر تي وڻڻ جي عادت بہ پاڻ ۾ نہ وجهون . جي اها عادت پئجي ويئي تہ تڪليفن جو مقابلو ڪرڻو پوندو. ڇو جو جيڪا غير ضروري شيءِ هوندي اها بہ وٺي اچي گهر ڀريندا رهنداسين. اوتر تي شيون وٺڻ جو چشڪو تمام خراب ڳالهہ آهي. اها عادت پڪي ٿي ويئي تہ هميشهہ قرض ۾ ٻڏل ئي رهنداسين.

١٢.جلد ئي شاهوڪار ٿيڻ جي اڇا بہ دل مان ڪڍي ڇڏڻ گهرجي. اها لالچ اسان کي پاڳل بڻائي دکي ڪندي رهندي. سچ پڇ تہ جتان اسان کي پئسو ملي سگهي ٿو اُتان اسين محروم ٿي ويندا اسين.

١٣. اهو نہ سوچيون تہ سٺو هٽڻ سان جلدي شاهوڪار ٿي وڃبو آهي. اها بہ هڪ جوئا آهي. جنهن جي قسمت خراب ٿيندي آهي. انکي اهڙي مت ايندي آهي ۽ خراب خوار ٿيندو رهندو آهي.

١٤. جيڪي اسان کان اڳم جلد ئي شاهوڪار ٿي ويا آهن. انهن کي ڏسي اسين ڪابہ ريس نہ ڪريون. ڇاڪاڻ تہ انهن شخصن جنهن نموني اهو ڌن ڏاهيو آهي ان جو نقل پيا ڪري فائدو وٺي ڪين سگهندا. هڪدم شاهوڪار ٿيڻ جو نمونو سيني کي ڪونہ اچي سگهندو آهي. جيڪو اهڙو نقل ڪري ٿو اهو اڪثر گهاٽي ۾ رهي ٿو ڪابہ ترقي ڪري ڪونہ سگهندو آهي.

١٥. پاڻ کي وڏو سمجهڻ جي ڪوشش بلڪل نہ ڪريون. ياد رکون تہ سچي وڏائي هميشهہ حليمائيءَ، پيار ۽ همدرديءَ ۾ آهي. وڏو ماڻهو اُهو آهي جيڪو ٻين جون تڪليفون پنهنجي سَر تي کڻي ٿو ۽ مدد جو هٿ ڊگهيري ٿو. اسان انهن ماڻهن کي ڏٺو هوندو. جيڪي آڪڙ ۾ هلندا آهن. پر هنن وٽ ڪابہ اهڙي ڳالهہ مان مرتبو ڪونہ هوندو آهي جنهن تي هو فخر ڪري سگهن.

ڪريون. جي هو واپس نہ ڏيئي سگهي تنهن هوندي بہ کيس ڏيون ٿا تہ سهسائي ڏيون. فڪر نہ ڪريون. اهڙي حالت ۾ ڪنهن دوست کي مدد ڪرڻ ۾ برائي نہ آهي پر پلي جو ڪم آهي.

٧. جيڪڏهن ڪو اسان وٽ اُڌارو پئسو وٺڻ لاءِ اچي ٿو ۽ اسين کيس ڏيڻ چاهيون ٿا تہ هن کي گهٽ وڌ نہ ٻڌائيون. لاچار ٿي اسان وٽ هو عرض ڪٿي آيو آهي. هن کي ليڪچر نہ ڏيون. ائين ڪرڻ سان صاف ظاهر ٿي پوندو تہ هن ويچاري جي قياس جوڳي حالت ڏسي اسين کيس بيڪہ ڏيئي رهيا آهيون. ائين ڪرڻ سان هن جي دل تمام دکي ٿيندي ۽ پريشان ٿيندو رهندو.

٨. پاڻ کي جلد ئي روڪيون. ڪٿي اسين تڪر ڪري ڪنهن فالتو خرچ ڪندڙ آوارا کي تہ قرض نہ ڏيئي رهيا آهيون. اهڙو ماڻهو پئسو وٺڻ مهل اسان جي فراخ دليءَ تي ڏاڍو خوش ٿي شڪر گذاري ملهيندو. پر دل ۾ هو اسان کي بيوقوف سمجهي ضرور کلندو رهندو. ڇو تہ کيس قرض واپس ڏيڻ جو تہ ويچار بلڪل نہ آهي.

٩. جلد ئي بنا سوچي سمجهي قسم نہ کڻون تہ هن کان پوءِ مان ڪنهن بہ حالت ۾ ڪنهن کي بہ قرض نہ ڏيندس. ڪيترا سچا ۽ نيڪ دل انسان بہ آهن جي تڪليف اچڻ وقت ڪنهن جي اڳيان هٿ ٽنگين ٿا ۽ پوءِ جلد ئي واپس ڪرڻ جي ڪوشش ڪري چڪائين بہ ٿا.

١٠. اها بہ عادت پاڻ ۾ نہ وجهون جو قرض ڏيڻ وقت اسين ائين چئون تہ مان هيءَ دان توکي ڏيئي رهيو آهيان. ائين قرض کي دان سمجهي وٺڻ وارو پنهنجي بي عزتي سمجهندو رهندو آهي.

١١. دڪاندار کان پاڇيون وٺڻ يا گهرجون ضرور شيون

شيوا ڪريون ٿا، ٻيو جيڪو ان تڪليف ۾ ٻين جي شيوا ڪري ٿو.

شيوا ڪرڻ لاءِ اسين ڪنهن جي به وينتي ڪرڻ جو انتظار نه ڪريون. جتي ان جي ضرورت ڏسون خود ئي وڃي پنهنجي شيوا آڇيون ۽ دل سان ڪريون. هڪ نيڪ انسان لاءِ اهو شيوا جو گڻ هڪ مقناطيس جيان آهي. اهو اسان کي ٻئي کي مدد ڪرڻ لاءِ خوشي ڏئي ٿو. جنهن جي شيوا ڪجي ٿي ان کي به مدد ملي ٿي. قدرت جي سامهون اهو فقط هڪ انسانيت جو گڻ آهي. ان پيار، محبت ۽ همدرديءَ جي آواز ٻڌڻ سان دکي انسان کي سهارو ملي ٿو ۽ خوش ٿئي ٿو.

ائين ڪونه چئي سگهبو ته شيوا ڪرڻ سان ڪنهن جي بيماري يا دک متائي سگهنداسين پر گهٽائي ضرور سگهنداسين. شيوا ڪرڻ جو دائرو محدود هوندو آهي. انسان ڪان جيترو ٿي سگهندو آهي اهو هن لاءِ ڪندو رهندو آهي.جي هنن جي بيماري تڪليفون دور ٿي وڃن ته شيوا ڪندڙ کي آنند ملندو آهي. هن ۾ وڌيڪ شيوا ڪرڻ لاءِ اُتساه جاڳندو آهي. پاڻ کي خوشنصيب سمجهندو آهي.

پر جيڪو انسان شيوا نٿو ڪري، ڪنهن دکي انسان جو سهارو نٿو بڻجي ان جي جيون بيڪار آهي، ائين چئي سگهجي ٿو.

جيڪڏهن اسين عالم آهيون ته اسان جي وديا اسان کي شيوا ڪرڻ جي فرض کان پري رکي ڪونه سگهندي. جيڪڏهن اسين آرٽسٽ آهيون ته عقل ۽ فهم هن سٺي فرض کان ڇڏائي ڪونه ٿو سگهي. جيڪڏهن اسين راڄنيتي نيتا آهيون ته اسان جي ارادي کي وڌيڪ پڪو ڪري هن اخلاقي فرض کان ڇوٽڪارو نه ڏيئي سگهندو. جيڪڏهن اسين شاعر آهيون

١٢- شيوا ڪريون !

اسان جي اخلاق جي اُنتيءَ لاءِ پهريون قدم شيوا ڪرڻ جو آهي. ڇاڪاڻ تہ ان مان سوارٿي نہ بڻجڻ جو سبق سکجي ٿو. خود غرض نہ ٿيڻ تمام سٺي ۽ سهڻي عادت آهي.

اسان سيني مردن توري زالن کي پنهنجو ڪاجهہ وقت ٻين جي شيوا ڪرڻ ۾ لڳائڻ کپي. اهو هڪ اهڙو فرض آهي جنهن سان اسين ڪيترن بدنصيب ڀائرن ۽ ڀينرن جي شيوا ڪري پنهنجو اندر نرمل ڪري سگهون ٿا. ڇاڪاڻ تہ اسانجي سماج انهن ڳڻن کان محروم ٿيل آهي اُن ڪي اسين ئي پنهنجي ڀاونا سان پورو ڪري سگهون ٿا. اسين ڪٿي بہ رهندا هجون اتي پنهنجي پاسي ۾ رهندڙ، اهڙا رحم ڪرڻ وارا ماڻهو لڌجي ويندا. جن جي شيوا ڪرڻ اسان جو فرض ٿي ٿو پوي. انهن کي ڏسي بہ ڪو بهانو ڏيئي ان موقعي کي ٽاري نہ ڇڏيون. اهڙا گهٽيئي موقعا. اسان کي ملندا رهندا آهن جتي پنهنجو فرض پورو ڪرڻ جي ڪوشش ڪريون. ان لاءِ اسان کي ڪو بہ روڪي ڪونہ سگهندو. شيوا ڪرڻ سان اسان جي اندر کي آنند ملندو. خوشيءَ ۾ نہ سمائباسين.

جيئن ڀاءُ ڀاءُ ۽ ڀيڻ ڀيڻ کي تڪليف وقت هڪ ٻئي کي مدد ڪندا رهندا آهن تئن پاريسري بہ اسانجو پنهنجي گهر جو ڀاتي آهي. ان کي وقت تي مدد ڪرڻ ۾ پٺتي نہ پئون. اهو بہ اسان جي فرض جو هڪ حصو آهي. شيوا ڪرڻ سان اسان کي همٿ ملي ٿي. برڪت پوي ٿي. من بہ خوش رهي ٿو. سرير ۾ ڦرتي اچي ٿي. ڪابہ تڪليف ڪونہ ٿي ٿئي. ائين شيوا ڪرڻ سان ٻن ڳالهين جو فائدو ٿئي ٿو. هڪ تہ جنهن جي اسين

مزو ماڻيون ٿا. پر پنهنجي پاريسرڙيءَ جو ڏيان نٿا رکون تہ پوءِ اسان جي جيون ۾ خوشي ڪٿان اچي سگهندي؟ چاڪاڻ تہ هڪ معمولي فرض کي پورو ڪرڻ جو اسان کي خيال نٿو ٿئي ويچارن بدنصيب پاريسرين جي شيوا ڪرڻ لاءِ اسين پنهنجو وقت نٿا ڪڍي سگهون تہ پوءِ ودوان ٿي ڪتاب لکڻ يا راڄنيتيءَ ۾ پنهنجو وقت ڏيڻ يا وڏا وڏا ڪم ڪرڻ لاءِ اسين ڪٿان اڳتي وڌي سگهنداسين. اهڙي ماڻهوءَ جي اندر همدرديءَ ۽ شيوا جو جذبو نہ آهي تہ هو بيڪار ئي ليکيو وڃي ٿو.

سماج جي شيوا ڪري، همدردي ڏيئي، پيار ۽ همٿ سان سيني جي ڪم ايندا رهنداسين تہ پوءِ سچا انسان سڏائي هر کيتر ۾ ترقي ڪري سگهنداسين. فقط ليڪچر ڏيڻ، ڪتاب لکڻ ۾ اهو ياءُ پئدا ٿي ڪونہ سگهندو آهي. پر عملي ڪم ڪرڻ ۾ ئي انسان کي آنند ملندو آهي.

اخلاقي ترقيءَ لاءِ سيني سان پيار، همدردي ۽ محبت ڪرڻ تي مدار ٿو رکي. جنهن جي اندر اهي گڻ آهن اهو ئي سچو انسان ٿي سگهي ٿو ۽ پريوءَ کي بہ پيارو اهو ئي لڳندو آهي ان ڪري اسان سيني کي سوچ ويچار کان ڪم وٺي، بردبار ٿي ٻين جي شيوا ۾ لڳي وڃڻ کپي، ائين ڪرڻ سان اسان جي اندر ۾ خوشي ايندي. اهوئي هڪ منتر آهي جو سيني دکن جي دوا بہ آهي ۽ جيون جي راهہ ۾ سچو قدم پڻ آهي. ان منتر وسيلي اسين پنهنجي اندر مان سڀ برايون ڪڍي سماج جو هڪ سچو نماڻو سيوڪ بڻجي سگهون ٿا ۽ پنهنجي جيون سکہ منہ بڻائي آنند ماڻي سيني جو متر بڻجي بہ سگهو ٿا.

ليڪچرار يا اخبار نويس آهيون تہ اسان کي پنهنجي نموني شيوا ڪرڻ جي فرض کي ضرور نڀائڻو آهي. غريب لاچار محتاجن جي شيوا ڪري سچو سک ماڻجي. پرپو اهڙن ماڻهن تي راضي رهي ڪين سڪي رکندو آهي.

جيڪڏهن اسين دولتمند آهيون تہ پوءِ اسان کي پنهنجي بکئي يا بيمار پاريسريءَ جو خيال ضرور رکڻو آهي. ائين فقط چوڻ تہ مان گهٽنئي اسپتالن ۽ خيراتي سنستائن کي گهڻو ئي دان ڏيندو آهيان. اهڙي ساخي دانوير کي بددعا ملندي آهي. هن جي ملڪيت ڪنهن بہ ڪم جي نہ ٿي سگهندي آهي. گهر ۽ پاريسريءَ جي شيوا جو مزو هو ماڻي ڪونہ سگهندو. ٻالهيون ڪندو رهنجي ويندو آهي.

جيڪڏهن اسين علم ۽ ادب ۾ پنهنجو وقت گذاريون ٿا تہ انڌي کي انڌيري ۾ ڇڏيندي اسان کي ائين نہ چوڻ گهرجي تہ مان شيوا ڀاوَ تي هڪ سٺو عجيب ڪتاب لکي رهيو آهيان. جنهن ۾ شيوا ڪرڻ ۾ برڪت جو عمدو احوال ڏنو اٿم. انساني شيوا ۾ منهنجو وڏو هٿ آهي. ائين چئي ٻالهيون ٻٽائي ڪنهن کي ٽاري ڇڏڻو نہ آهي.

جي اسين ڊاڪٽر آهيون تہ پنهنجي آس پاس لولن لنگڙن ڏانهن ڌيان نہ ڏيئي چئون تہ مان ان شيوا جي لائق نہ آهيان. پر هڪ سٺو ڪتاب ان جي باري ۾ لکي رهيو آهيان. جنهن ۾ شيوا ڪرڻ کي وڏي اهميت مليل آهي. اسين ڪيترو بہ ودوان ڇو ڪين هجون. اسين پاڻ کي سڀ ڪجهہ سمجهندا هجون پر جي اسان ۾ شيوا ڪرڻ جو شونق نہ آهي. ڪنهن مصيبت ۾ آيل متر جي تڪليف کي دور ڪرڻ جو ارادو نہ آهي تہ اسان جي جيون بيڪار آهي. اسين دوربينيءَ سان تارا ڏسي خوش ٿيون ٿا پنهنجي بيماريءَ جو جلد ئي علاج ڪري چڱا ڀلا ٿي

۴. چالاڪيءَ سان ڳالهيون گهمائي ڦيرائي ڪنهن سان به ڪرڻ جي عادت ڇڏي ڏيون. اسين جڏهن هن سان سڌيءَ طرح ڪابه ڳالهه ڪري سگهون ٿا ته پوءِ ڇو پنهنجو وقت اجايو وڃائي ويٺا فضولي ڳالهيون ڪريون. جيڪڏهن ڪنهن ڪي پئسا اُڌار ا ڏنا اٿئو ته هن کي صاف سڌي ڳالهه ڪري ڪائنس گهر ڪريون. جئن هو ٺيڪ جواب جلد ئي ڏئي. نڪمي ماڻهوءَ وانگر ڇو پنهنجو وقت ۽ طاقت پيا برباد ڪندا رهون.

۵. اسين پنهنجي نوڪرن چاڪرن يا مٽن مائٽن سان جيڪي اسان تي آڌار رکن ٿا اُنهن سان به تکو ۽ غلط وهنوار نه ڪريون. هميشه ساڳيووقت ۽ عهدو نه رهندو آهي. تقدير بدجلندي ويرم ئي نٿي ڪري. ٿي سگهي ٿو اهي اسان کان مٿي چڙهي وڃن ۽ پوءِ اسان کي مجبور ٿي انهن جي اڳيان هٿ ٽنگڻو پوي. پوءِ اسان جي ڪهڙي حالت ٿيندي. انڪري سڀني سان سٺو ورتاءُ ڪرڻ گهرجي. ايشور جي گت نياري آهي. اڄ ڇا آهي. سڀاڻي ڇا ٿيندو؟ خبر ئي ڪونه ٿي پوي.

۶. ڪنهن به وڏي ماڻهوءَ جي اڳيان وڃي اجائي چاپلوسي ڪري پنهنجي عزت گهٽ نه ڪريون. ڇو جو ائين ڪرڻ سان ڪنهن به وقت هن جو ورتاءُ بدلجي ويندو ۽ پوءِ جيڪا هو اسان کي عزت ڏيندو هوندو اها به بي عزتيءَ جو روپ اختيار ڪندي رهندي.

۷. جيڪڏهن ڪو غلط ڪم اسان ڪيو آهي ۽ ڪندا رهون ٿا ته پڪ ڄاڻون ته وري ڪو بيو اهڙو ڪم ڪنهن ٻئي جي چوڻ تي ضرور ڪرڻو پوندو. نتيجو ان جو برو نڪرندو. اڳلو پوءِ اسان کان غلط ڪم ڪرائڻ جي هميشه ڪوشش ڪندو رهندو اسين به هن جا غلام ٿي ڪندا رهنداسين. ائين پنهنجي عزت پاڻيهي وڃائي وهنداسين. ائين ٿيندو ڏٺو ويو آهي.

١٥- پنهنجي زبان متي رکون !

پنهنجي سپاوَ کي اسين سٺو بڻايون پنهنجي زبان کي سٺو رکون. همدردي ڏاريون. پنهنجي شڪل هميشه کل مک رکون. خوشيءَ جي وقت خوشيون مانيون ۽ ڏک، رنج وقت، بي فڪر ٿي ان کي پنهنجي نزديڪ به اچڻ نه ڏيون.

١. بنا سوچ سمجهه جي ڪنهن جي به ڳالهه ۾ دخل نه ڏيون. جنهن ڳالهه جي پوري خبر به اسان کي هجي ته به وچ ۾ نه ڳالهايون جيستائين ڪو اسان کان پڇي يا ڳالهه ڪري پئي ڪنهن جي رائي کي ٽڪرائي پنهنجي ڳالهه وچ ۾ ڪرڻ جو اسان کي ڪوبه حق نه آهي. اهڙي بيوقوفي ڪرڻ سان عام ماڻهو اسان کي سٺيءَ نظر سان ڪونه ڏسندا. پر پاڻيهي پنهنجي ان بري عادت جي ڪري اسان کي پڇتائڻو پوندو آهي.

٢. اجايو قسم کڻڻ يا غير واجب ڳالهه وات مان ڪيڻ کان اڳه ۾ اسين زبان کي پنهنجي وس ۾ رکون جئن ڪوبه اُگرو اکر اسانجي وات مان نه نڪري وڃي. قسم کڻڻ يا گاريون ڏيڻ سان ڪنهن جو غصو ٺيڪ ڪري نه سگهبو آهي. قسم کڻي ڪابه ڳالهه ڪرڻ سان اها ڳالهه سچي ڪونه سمجهي ويندي آهي. ائين ڏٺو ويو آهي. هر ڳالهه ۾ قسم کڻي ڳالهيون ڪرڻ وارو ڪوڙو ئي ثابت ٿيندو آهي. سڀني جي نظرن ۾ ڪري پوندو آهي. ڪابه عزت ڪيس ڪٿان به ڪونه ملي سگهندي آهي.

٣. ڪنهن سان ڳالهه ٻولهه ڪرڻ وقت پنهنجو نڪ نه موڙيون ۽ نه وري هن تي ڪا لڪل نڪتاچيني ڪريون. ان مان خبر پوندي آهي ته اسين ٻئي کي ڌڪارجي نظر سان ڏسي رهيا آهيون.

سهارو وٺندو رهندو آهي.

١٢. ڪنهن به ڳالهه کي وڌائي ٿاهي ڪرڻ جي عادت ڇڏي ڏيون. ياد رکون ته ڪنهن ڳالهه کي ٿوري ۾ ئي ڇڱي ختم ڪرڻ سٺي عادت آهي وڌائڻ مان نقصان ٿئي ٿو.

١٣. ائين ڪڏهن به نه سمجهون ته ڳالهيون ٿاهي مثالو ملائي ڪرڻ سان ماڻهو اسان جي دماغي عقل کي داد ڏيندا ۽ اسان کي عقلمند سمجهڻ لڳندا. ائين بلڪل ڪونه آهي. ڪڏهن باندر جي گهٽي حرڪت ڪرڻ وغيره تي ڪيس دماغي طاقت وارو چيو ويندو آهي ڇا؟

١۴. پنهنجي ڪيل غلطيءَ کي قبول ڪرڻ ۾ حجاب نه ڪريون. جلد ئي قبول ڪري آنند وٺون. پنهنجي غلطي قبول ڪرڻ ۾ شرم نه اچڻ گهرجي. پاڻ پنهنجي عقلمنديءَ جي ثابتي ڏجي. جيڪي ماڻهو پنهنجي غلطين تي اَڪي بيهندا آهن اُهي ٻين جي اڳيان پاڻ کي بيوقوف ثابت ڪندا رهندا آهن.

١۵. دک سک جو ڪارڻ اسين پاڻ آهيون. اسان جو ڳالهائڻ ٻولهائڻ ۽ اسان جا ڪرم ئي اسان جي دک ۽ سک کي پئدا ڪري مونجهارو پئدا ڪن ٿا. انهن ڪرمن انوسار ئي اسان کي سک شانتي ملي ٿي ۽ دک تڪليفون پوڳٽيون پون ٿيون. پريوءَ کي اِن لاءِ ڏوهه ڏيڻ اجايو آهي. هو ته سڀني جي ماتا ۽ پتا آهي. هن وٽ وير سار بلڪل ڪونه آهي. سڀ هڪ سمان آهن. ان ڪري سڀني سان پيار ڪريون. نفرت وير سار کان دور رهون. هرڪو ڪم سچائيءَ سان دل لڳائي ڪريون. ڪنهن جي لاءِ بهبرا ويچار دل ۾ نه آڻيون ۽ نه وري ڪنهن جو نقصان ڪرڻ جي ڪوشش ڪريون. اهي ڳالهيون اسان کي اڳتي وڌڻ ۾ سڦلتا ڪونه ڏينديون.

۸.ڪنهن جي به ڳالهه ۾ٻي هودو ڪلڻ ۽ ٺٺولي ڪرڻ نه گهرجي. ڪنهن مهل اهڙو ڪلڻ مهانگو پنهنجي ويندو آهي. ان عادت کان باز اچون. ان مان اسان جي به هلڪرائي ظاهر ٿئي ٿي گهٽي هوا پريل ڦوڪٽو مڪدم ڦاٽي پوندو آهي اهائي خالي ٿيڻ جي ثابتي آهي. جيڪڏهن ڊيبل آواز نڪرندو آهي ته اسانجي اندر جو ڪاڄه نه ڪاڄه حال لڪل ئي رهندو آهي.

۹. ٻول چال ۽ رهڻ ڪرڻ ۾ ڪڏهن به وڏائي ظاهر نه ڪريون. ائين ڪرڻ سان ڪڏهن نه ڪڏهن پول پڌرو ٿي پوندو آهي ۽ پوءِ لاچار ٿي ڪنڌ هيٺ ڪري هلڻو پوندو آهي.

۱۰. ڪنهن جي برائيءَ جي ڳالهه پنهنجي زبان تي نه آڻيون. پوءِ ڇو ڪين اُها سچي ڇو ڪين هجي. هيءَ ڳالهه خاص ڪري انهن ماڻهن لاءِ آهي جيڪي هر وقت گپ شپ هٽڻ ۾ مگن رهن ٿا. ڪنهن نه ڪنهن طرح جنهن جي زبان هميشه هلندي رهندي آهي اَهي ڪانه ڪا بڪواس ڪرڻ کان سواءِ رهي نه سگهندا آهن. اهڙن ماڻهن کي ان ڳالهه سان ڪوبه مطلب نه هوندو آهي ته اها ڳالهه سچي هوندي آهي يا ڪوڙي آهي ۽ چوڻ لائق آهي يا نه. جي ڪري ٿو ته اُن کي ٻڌندڙ وزن ڏئي ٿو يا نه. هن کي فقط ڳالهائڻ جي عادت آهي جا ڪانئس بڪواس پيئي ڪرائي ۽ پين اڳيان ڏٺو ڪري.

۱۱. ڪوڙي ڳالهه کي گهمائي ڦيرائي سچ ثابت ڪرڻ جي ڪوشش بلڪل نه ڪريون. ڪوڙي ڳالهه کي ان نموني ڪرڻ سان سچ به سماجهه ۾ نه ايندو آهي، ان ۾ شڪ نه آهي. ان فن ۾ تمام ٿورا ماڻهو هوشيار هوندا آهن جي ڪامياب ٿي سگهندا آهن. جتي اسين سچ سولائيءَ سان ڳالهائي سگهون ٿا اتي ڪوڙ ڳالهائڻ بلڪل بي سود آهي. اهڙي عادت وارو انسان هميشه ڪوڙ ڳالهائڻ جو عادتي ٿي پوندو آهي. پوءِ هو اهڙي وقت جڏهن هنڪي سچ چوڻو هوندو آهي تڏهن به ڪوڙ جو

ويندو. پوءِ اسين پنهنجي انجام کي پورو ڪرڻ لاءِ ان ڪم ۾ لڳا رهنداسين. ڪم ڪرڻ ۾ ڏاڍي سولائي محسوس ٿيندي رهندي. پوءِ اهو ڪم ڪري ڪاميابي حاصل ڪندا رهنداسين، ته اهو ڪم ضرور پورو ٿي ويندو. نه فقط ايترو پر جيڪو به انسان پاڻ تي پورو وشواس رکي ڪوبه ڪم ڪري ٿو، ان جي پرپو پاڻ اچي سهائتا ڪري ٿو. چوٽي آهي ته پرماتما ان جي مدد ڪندو آهي جيڪو خود همت ڪري پنهنجو ڪم ڪار اُتساهه ۽ لگن سان ڪندو رهندو آهي. جن به ماڻهن کي پنهنجو پاڻ تي وشواس نه هوندو آهي اُهي پاڻ سان ويساگهاتي ٿا ڪن. انهن کي هن دنيا جي ڪم ڪار ۾ ڪانئر ليکيو ويندو آهي. اهي هميشه ناڪاميابي ئي ڏسندا رهندا آهن. آخر هو همت هاري ويهي هٿ مهٽيندا رهندا آهن. اهو اسين خيال ۾ هميشه رکون ته ڪنهن به ڪم لاءِ اسان کي ڪاميابي تڏهن ملي سگهندي، جڏهن اسان جو ارادو پڪو هوندو. همت ۽ اُتساهه سان پنهنجو ڪم ڪار ڪندا رهنداسين، ڇاڪاڻ ته اسان کي ڪوبه اهڙو مثال ڪونه ملندو، جنهن انسان ڪو ڪم دل سان ڪيو هجي ۽ ان کي ڪاميابي نه ملي هجي. ڪوبه ٻار اِمتحان ڏيڻ لاءِ به پهرين پڙهي قابل ٿي وشواس رکي پوءِ ئي وڃي ڏيندو آهي، تڏهن هو پاس ٿيڻ جي اُميد رکي سگهندو آهي. فيل ٿيڻ جو سبب ته سيني کي خبر آهي جي هن پوري محنت ڪونه ڪئي آهي ۽ پاڻ ۾ وشواس ڪونه اٿس. اهو ياد ڪري به وساري ٿو وهي ۽ بيپرواهي ٿو ڪري. ائين ڪرڻ تي هو ناڪامياب ٿو بڻجي.

اسان کي چڱيءَ طرح خبر آهي ته دنيا ۾ جيڪي به مهاپرش ٿيا آهن انهن جو پاڻ ۾ پورو وشواس هوندو هو. اهڙي وشواس رکڻ سان نيپولين ساريءَ دنيا ۾ هلچل مچائي ڇڏي هئي. هزارين لڙايون جيتيون هيون. ڪيترائي ناممڪن ڪم به ممڪن ڪري ڏيکاريا هئا. هو چوندو هو ته ناممڪن لفظ ڊڪشنريءَ مان

١٦- ڪاميابيءَ جي ڪنجي

گھڻو ڪري ڏٺو ويو آهي تہ ڪيترا ماڻھو ڪوشش ڪرڻ سان بہ پنھنجي ڪمن ڪارين ۾ ڪاميابي حاصل ڪري نہ سگھندا آهن. جيڪڏهن ان جو سبب چڱيءَ طرح جاچيو وڃي تہ معلوم ٿيندو تہ اُهي ماڻھو جيڪي ناڪامياب ٿيا آهن. انهن ۾ هيٺين ٽن ڳالھين جي ڪمي هوندي آهي.

١. پاڻ ۾ پورو وشواس ڪونہ هوندو اٿن.

٢. ڪم پورو ٿيڻ کان اڳ ۾ ئي وچ وچ ۾ مايوس ٿي پريشان پيا ٿيندا رهندا آهن ۽ پورو نہ ڪري سگھندا آهن.

٣. هو ڪم شروع ڪرڻ کان اڳ ۾ ئي ڪم جي باري ۾ وڌيڪ فڪر ڪندا رهندا آهن ۽ پوءِ سست ٿي ويهي رهندا آهن.

اسان جي ڪاميابيءَ جي ٻوٽي کي ڦلڻ ڦولڻ جي لاءِ انهن ٽن ڳالھين جي ايتري ئي ضرورت آهي جيتري هڪ ٻوٽي جي لاءِ سٺي زمين سٺو پاڻ، پاڻي ۽ هوا هوندو آهي. جيڪو ماڻھو پنھنجي دل جي سٺيءَ زمين ۾ هن ٻوٽي کي جڳھہ ڏيندو آهي، همت نہ هاريندو آهي، نتيجي جي چنتا نہ ڪندو آهي وغيره. اهو پاڻ ۽ پاڻي چڱيءَ طرح ڏيئي ان جي سنڀال ڪندو رهندو آهي اهو ئي ڪاميابيءَ جو مٺو ۽ لذيذ ميوو کائي سگھندو آهي.

پنھنجو پاڻ ۾ پورو وشواس رکڻ جي لاءِ هر ڪو ڪم شروع ڪرڻ کان پھرين هيءُ چوڻ گھرجي تہ مان پربوءَ پياري سان انجام ٿو ڪريان تہ هيءُ ڪم همت ۽ اُتساهہ سان ضرور ڪندس. پنڌي ڪونہ پوندس.

اهڙو خيال رکڻ سان اسان کي پورو پاڻ تي وشواس ٿي

شروع ڪريون ان ڪم ۾ دل لڳايون ۽ ان ڪم ڪرڻ جو طريقو سياڻپ ۽ پوري وشواس سان ڪريون. ڪاميابي حاصل ڪرڻ لاءِ اهو ئي سٺو طريقو آهي. ان ڪري چوٽي آهي ته پهرين چڱيءَ طرح ڏسجي ته جيڪو ڪم اسين ڪريون ٿا اهو اسان جي ڪم جو آهي. اسين اهو ڪم جلد ئي دل سان ڪري ضرور پورو ڪنداسين. جيڪو به انسان سمجهه سان ڪم ڪري ٿو اهو پنهنجي پروگرام موجب سڀ ڪم پورا ڪرڻ ۾ ڪڏهن به پٺتي ڪونه هٽندو آهي. ڪم ۾ مشغول رهندو آهي. ان وقت جي اسين ڪيس چونداسين ته تارا به آسمان مان لاهي اچي اسان جي اڳيان رکندو.

جيڪي ماڻهو ڪم ڪرڻ سان پنهنجي همٿ حوصلو وڃائي ويهندا آهن انهن کي ٿورو سوچڻ کپي ته جيڪو ڪم هنن شروع ڪيو آهي ان کي پورو ڪرڻ جي ڪابه ترڪيب ڳولهي ان کي ختم ڪرڻ ۾ ڪين ڪوبه روڪي ڪونه سگهندو. انڪري هن کي پنهنجي پوري وشواس ۽ همٿ سان ان ڪم کي ڪندو رهڻ گهرجي. جيڪڏهين ڪيس ان ڪم ڪرڻ ۾ ڪٺنائي ڏسڻ ۾ ٿي اچي ته هو ٻين کان صلاح وٺي ان کي پورو ڪرڻ جو يتن ڪري. جي اهو ڪم پورو نٿو ڪري سگهي ته هن کي پهرين ئي ان ڪم کي هٿ ۾ کڻڻ ئي نه کپندو هو. ان ۾ ئي عقلمندي هئي. ٿورو تري سمنڊ ۾ اڳتي وڌڻ ۽ پوءِ وچ ۾ همٿ هاري وهڻ سان ڪهڙو حشر ٿيندو آهي اهو ته سڀني کي خبر آهي.

اسان کي ڪم ڪندو رهڻ سان وچ ۾ ڪڏهن به مايوس نه ٿيڻ گهرجي. جي ٿينداسين ته ان ترڻ واري جهڙو اسان جو حال ٿيندو جو وچ ۾ پهچي همٿ هاري گوتا کائيندو رهندو آهي. ان ڪاميابيءَ جي ڪري هئي ڪناري تي پهچڻ هن لاءِ ناممڪن

ڪڏهن ڇڏڻ گهرجي. دنيا ۾ ڪوبہ اهڙو ڪم نہ آهي جو ٿي نہ سگهندو هجي. ڪوبہ ماڻهو پنهنجي ڪم ڪار ۾ ڪامياب ٿيندو رهندو جيستائين هن جو پاڻ ۾ وشواس هوندو. همٿ ۽ اتساهہ سان ڪندو رهندو.

ڪوبہ وڏو ماڻهو ائين ڪونہ ٿيو آهي. هن کي پاڻ ۾ پورن وشواس هوندو آهي ۽ ڪم ۾ چست ٿي لڳو رهندو آهي. دل ڪڏهن بہ ڪونہ هاريندو آهي.

سوامي رام تيرٿ پنهنجي ليڪچرن ۾ چوندو هو ۽ پڻ هو بہ لکندو هو تہ دنيا ۾ سچي انسان جيان زندگي بسر ڪرڻ گهرجي، تڏهن سيني ڪمن ۾ ڪاميابي ملي سگهندي. ڪاميابيءَ لاءِ پوري وشواس جي ضرورت آهي، جيترو ڪاٽي خوراڪ جي ٿيندي آهي. پنهنجو پاڻ تي وشواس هئڻ ناڪاميابيءَ جي روڳہ جي هڪ ئي دوا آهي. پنهنجو پاڻ تي وشواس ڪاميابيءَ لاءِ وڏي ۾ وڏو گڻ آهي. ناڪميابيءَ لاءِ اسان جا دشمن خوف، شڪ شبا، دل جي سستي، بي همٿ ٿيڻ وغيره آهن جي اسان جو خاتمو ڪري ڇڏين ٿا.

پنهنجو پاڻ تي ڀروسو نہ رکڻ ڪري گهڻا ماڻهو پنهنجو ڪم پورو ڪرڻ کان اڳہ ۾ ئي مايوس ٿي ويندا آهن. مايوس ٿي وڃڻ سان هو ڪوبہ ڪم پورو ڪري ڪونہ سگهندا آهن. ان ڪري هنن کي ڪاميابي ملي ڪونہ سگهندي آهي. اسان کي ڪوبہ ڪم ڪرڻ وقت ڪڏهن بہ مايوس نہ ٿيڻ کپي. ڪم کي همٿ سان ڪندو رهڻ گهرجي. ڪم ڪرڻ وقت گهڻيئي تڪليفون اسان جي سامهون اچي ڪڙيون ٿينديون آهن. اسان جو فرض آهي تہ اُنهن جو بهادريءَ سان مقابلو ڪندا رهون ۽ همٿ نہ هاريون.

هڪ ڳالهہ تمام ضروري آهي تہ اسين جيڪو بہ ڪم

پورو مقابلو ڪريون. سچي ڳالهہ کي دل سان سمجهڻ جي ڪوشش ڪندا رهون. هر ڳالهہ کي چڱيءَ طرح ڏسون ۽ ويچاريون تہ ان جو حل اسان کي جلد ئي ملي ويندو. پوءِ ان جو همت سان مقابلو ڪريون. ايستائين ڪندا رهون جيستائين اسين ان ڪم ۾ ڪامياب نہ ٿيا آهيون. اهڙي ڪوشش ڪندو رهڻ سان ڪاميابي ضرور اسان کي ملندي. نراش ڪونہ ٿينداسين.

ڪرم ڪرڻ سان نصيب کلي ٿو

مٺا مٺا ٻول ٻولي نيڪ ۽ نشڪام ڪرم ڪريون. ڪرم ڪرڻ مهل انسان جي ويچارن ۽ وهنوارن جي پڻ ڄاڻ پوي ٿي. ڪوٺا برا ڪم ڪرڻ سان بدنامي ٿئي ٿي. پنهنجو ۽ وڏن جو نالو خراب ڪريون ٿا. انڪري نيڪ ڪرم ڪرڻ ڪري هميشہ نرمل ۽ شڌ رهون. سچي خوشي ۽ سک پراپت ڪرڻ لاءِ اهو ئي سٺو ساڌن آهي.

ڪرم ڪرڻ سان اندر اوجل ٿئي ٿو ۽ چت کي شانتي ملي ٿي.ڪرم ڪرڻ سان پاڳيوان ٿيجي ٿو ۽ جيون بہ سڦل ٿئي ٿي. ڪرم ڪرڻ سان سڀني جو ڪلياڻ ٿئي ٿو ۽ پيد پاوَ پلجي وڃي ٿو. ڪرم ڪرڻ سان انڌو وشواس ٽٽي پوي ٿو ۽ روحاني شڪتي ملي ٿي. ڪرم ڪرڻ سان چوڌاري خوشبوءِ ڦهلجي ٿي ۽ دل ۾ ديا درشٽي پيدا ٿئي ٿي. ڪرم ڪرڻ سان سڀني جي دک سک جي چنتا رهي ٿي. همدردي ۽ قرب وڌي ٿو. ڪرم ڪرڻ سان هر ڪو ڪم سولو ٿي پوي ٿو ۽ منو ڪامنائون پورن ٿين ٿيون. ڪرم ڪرڻ سان عقل ۽ سمجهہ وڌي ٿي ۽ سڀ سنڪٽ دور ٿين ٿا. ڪرم ڪرڻ سان وير ساڙ مٽجي وڃي ٿو ۽ اُبتن ڪمن ڪرڻ کان دور رهجي ٿو. ڪرم ڪرڻ سان سچي

ٿي پوندو آهي. انڪري پاڻ سنڀالي هرڪو ڪم همٿ اُتساهه ۽ دل سان ڪندا رهون ته ڪاميابي اسان جا چرڻ چمندي رهندي. اسين به خوش رهي جيون جو لطف ماڻي سگهنداسين. ائين ڪرڻ سان ئي سيني ڪاميابي حاصل ڪئي آهي ۽ نالو ڪڍيو آهي.

اسان جو هڪ هڪ قدم آزمودو آهي !

اسان جي زندگيءَ جو هڪ هڪ آزمودو اسان جو هڪ هڪ قدم آهي. جڏهن به اسين منزل تي پهچڻ جا خواهشمند ٿيندا آهيون ته لازمي آهي ته اسان جي رستي ۾ ڪي مشڪلاتون ضرور ايندي‌ون. ڪانه ڪا ڳالهه سڌي ڪونه ملندي. اهو قدرت جو قائدو آهي، ڪابه هستي ان کان بچي ڪونه سگهي آهي. مشڪلاتون اسانجي سامهون اچن ته گهبراهجي نه وڃون، پل ڪيترو به ڇو ڪين اسان کي ڏکيون لڳنديون هجن. اهي ڳالهيون ننڍين ننڍين ڳالهين جو ميلاپ ٿيل مسئلو آهي. جڏن ڪائين جي پريءَ کي ڪنڌ مشڪل ٿيندو آهي پر هڪ هڪ کي جدا جدا ڪري ڪپي سولائيءَ سان سگهبو آهي تئن اسان جي هرڪا ڪوشش هڪ هڪ مشڪل ڳالهه جو خاتمو آڻي سگهي ٿي. سيني مشڪلاتن جو سماڌان ٿي وڃي ٿو. ان لاءِ هميشه همٿ ۽ پڪو ارادو هئڻ ضروري آهي، نه ته ته ائين ئي رهجي وينديون. اسين پنهنجي مشڪلاتن ۽ اُلجهن کي منحوس نه سمجهون ائين ڪرڻ سان هو سچ پچ اسان لاءِ منحوس ٿي وينديون. انهن کي هڪ چڱو سوڻ ڪري سمجهون . سچ پچ ته آهي به ائين، ڪڏهن به اهو خيال نه ڪريون ته اهڙا ويچار ڪرڻ سان ڪو اسين بچي سگهنداسين. نه وري پري پڄڻ جي ئي ڪا ڪوشش ڪريون. پر شانتي ۽ صبر سان پنهنجو حوصلو ڌاريون. ان جو

جي اسين نوڪري ڪريون يا ڪو واپار ڪريون تہ پنهنجي ڪم ۾ ڏنتي ۾ ڪامياب ٿيڻ جي ڪوشش ڪندا رهون پين جي آزمودن مان ڪجهہ سکڻ جي ڪوشش ڪندا رهون. هر ڳالهہ جو خيال رکي، اُٿڻ وهڻ بہ سکون، ڳالهائڻ ٻولهائڻ ۾ بہ سٺا مٺا ۽ همدرد رهون تہ آنند بہ هلندو رهندو.

ٿورو ئي ڪجهہ ٿي ٿو وڃي تہ ان ۾ ڪاميابي نہ سمجهون. پنهنجي ڪم ڪار ۾ ڏنتي ڪي اُتساهہ ۾ همٿ سان ڪندا رهون. ائين نہ ٿئي جو ٿوري ئي فائدي کي ڏسي خوش ٿي اڳتي وڌڻ جو خيال ئي لاهي ڇڏيون. ائين ڪرڻ سان تقدير اسانکي ساٿ نہ ڏيندي. اُتساهہ لڳن سان ڪم ڪرڻ ۾ ياڳہ کلندو آهي.

پاڻ کي ڪمزور سمجهڻ گناهہ آهي.

مهاپرشن جو چوڻ آهي تہ 'ڪمزور ٿيڻ وڏو گناهہ آهي. ڪاميابي ۽ خوشي طاقتور اِنسان کي ملي سگهندي آهي. سچ پڇ تہ جيڪو ماڻهو پاڻ کي ڪمزور، مفلس، غريب ۽ بي سهاري سمجهي ڪوبہ مايوس ۾ دکي گذاري ٿو، ان جهڙو گنهگار پيو ڪوبہ ٿي نٿو سگهي. جنهن بہ اِنسان ۾ اهڙا ويچار آهن. اهو دنيا ۾ هميشهہ روئندو رڙندو رهندو آهي. هو پنهنجي سڄي جيون دکن ۾ گذاري تڪليفون پيو پوڳيندو رهندو آهي. هن سنسار ۾ ڪيس ڪير بہ ڪونہ پڇندو آهي. هرڪو ائين پيو چوندو رهندو تہ هو غريب آهي. بي سهاري آهي. پر جي هو همٿ ڪري پنهنجي ويچارن کي بدلائي اڳيان وڌڻ چاهي ۾ پنهنجي اُنتيءَ جو رستو ڳولهي تہ پوءِ ضرور مقصد منزل تي پهچي ڪاميابي حاصل ڪري سگهندو.

خوشي حاصل ٿئي ٿي ۽ پريو مهر جو هٿ رکي ٿو.

پريو اسان جو سچو متر آهي. هن جو ڪنهن سان به وير نہ آهي. هن لاءِ اسين سڀ سمان آهيون. هو ديالو آهي. پر اسين جهڙا ڪرم ڪنداسين انهن جو ڦل به اهڙو ئي ملندو. پوءِ چونہ ٿا نيڪ ڪرم ڪري انهن جو فائدو وٺون. ۽ غلط ڪرم ڪرڻ سان اجايو پريشان ٿي دک پيا ڀوڳيندا رهنداسين. انڪري اڄ ۽ هينئر کان ئي پاڻ کي بدلائي نيڪ ڪرمن جو سهارو وٺي پنهنجو نصيب کوليون.

اسانجي تقدير اسانجي هٿن ۾ آهي

اسين پنهنجو آئينده پاڻ ئي ٺاهي سگهندا آهيون. پيڙهہ پختي هوندي تہ جاءِ به مظبوط تيار ٿيندي آهي. اسان جو آئينده به اهڙيءَ طرح ڪن بنيادي ڳالهين تي ٻڌل آهي. جن کي پڪو بنائڻ ۽ انهن تي هلڻ سان اسين ضرور ترقي ڪري اڳتي وڌي سگهنداسين.

پنهنجي ڪم کي پنهنجي فرصت کي، پنهنجي گهر ٻار کي، پنهنجي گهريلو زندگيءَ کي وڌيڪ سٺو وڻندڙ ۽ فرحت بخش بنائڻ لاءِ پنهنجي ڪوشش ڪندا رهون. سٺيون خواهشون رکون. اهڙيون تمنائون ڪريون جيڪي پوريون ٿي سگهن. اهڙا به ويچار نہ ڪريون جي ڪڏهن به پورا ٿي نہ سگهن ڇو جو اهي اسان جي پهچ کان ٻاهر هوندا آهن، سريرءِ دماغ جي آسري تي جيڪي ڪجهہ ڪري سگهون. اِن تائين فقط پهچون. وڌيڪ اڇائون نہ رکون. پنهنجي حسيت آهر ئي سڀ ڳالهيون ڪريون. جهڙيون حالتون هجن، انهن کي منهن ڏيئي ڪوشش ڪندا رهون.

سک ۽ پريم جا ديپ جلايون

سک ۽ پريم جا سڀ سنڌي ديپ جلايون
اچو اي ساٿيو گڏجي محبت جا ديپ جلايون
هن ڌرتيءَ تي ڇانيو انڌڪار پيو آهي
سڀ ملي اُنکي اُجيالي ۾ آڻيون
دشمن ۽ متر کي هڪ سمان سمجهون
يڪمشت تي سيني تي پريم جو رنگ چڙهايون
هن دنيا جي هر پياسيءَ کي اسين،
اچو ته پريم جو مٺڙو جام پياريون
ڪو پاپي هجي يا پنيه آتما هجي،
سيني کي پيار سان گلي لڳايون
پنهنجي نيڪي ۽ شرافت جي محبت سان،
سڀ گڏجي سنڌي شان کي وڌايون
اهو آهي سنديش سنڌي سماج ۾ هن وقت،
اچو ته ملي ان کي پورو عمل ۾ آڻيون
اهڙين ڳالهين کي 'پشپ' ڪري پيو سدائين
انکري سنڌي جڳت جا سندر گيت ڳايون
وير وروڌ کي وساري ميلاپي گڻ ڳايون
ائين اسين سڀ سنڌي سڏائي آنند ماڻيون.

Published by **Bhagwan C. Thadhani,** 364, Shahani Colony, Mulund East, Mumbai 400081 and Printed by **Haresh G.Dodeja** at Noble Printers, ShivgangaChambers, Appa Balwant Chowk, Pune-411002.

فقط سيني سان روئي پنهنجي دکن ۽ تڪليفن جو حال پيو اوريندو تہ پوءِ هو ترقي ڪري ڪئن سگهندو؟ هٿ تي هٿ رکي وهڻ وارو هميشہ مفلس رهندو آهي. ان ڪري پاڻ کي ڪمزور نہ سمجهي همٿ رکي اُتساهہ سان اڳتي وڌي پنهنجو ڪم ڪار ڪندو رهڻ گهرجي. اِهوئي عقل جو ڪم آهي ۽ سڪن جو ساڌن آهي.

پشپ

جا موتي

سنڌي سماج جون مشهور دلدار هستيون
دادا آر. جي. آڏواڻي ۽ دادي ڪملا آڏواڻي
جن نشڪام ڪرم ڪري چوڌاري خوشبوءِ ڦهلائي.
هاڻي وچي پريوءَ جي گود ۾ وشرام ورتو اٿن.



دادا آر. جي. آڏواڻي



دادي ڪملا آڏواڻي